جيئري جُدائي نہ ٿيندي

(ڪهاڻيون)



پدن شرما

جيئري جُدائي نہ ٿيندي

(ڪهاڻيون)

پدن شرما

سلسلو

ڪهاڻيون

جيئري جدائي نہ ٿيندي

(ڪهاڻين جو مجموعو)

ليکڪ : پدن شرما

ڇاپو : پھريون.

سال : ٢٠٠٣

قيمت : ٧٥ روپيہ

سر ورق ۽

ٽائيپ سيٽنگ : سنڌالاجي ڪامپيوٽر سينٽر

پوسٽ باڪس نمبر - ١٠،

آديپور (ڪڇ) - ٣٧٠٢٠٥

ڇپائيندڙ : ڪومل پبليڪيشن

١٠١، ٽُليپ،

ملند ڪالوني، ممبئي - ٤٠٠٠٨٢

Jeeare Judai Na Thindi

(Collection of short Stories)

Author	: Padan Sharma
Edition	: First
Year	: 2003
Price	: Rs. 75/
Cover & Typesetting	: Sindhology Computer Center post Box - 10, Adipur, (Kutch) - 370205
Publisher	: Komal publication 101, A - Tulip Mulund colony, Mumbai - 400082

جا نائڪ شيوڪرام ۽ ڪشور جهڙا بهروپي شخص اَڄ جي ماحول جو حصو آهن. اَلبت ’جيئري جدا نہ ٿيندا سين‘ جا ٽيئي پاتر، ’سماج شيوڪ‘ جو پرسو ۽ ’سداچاري‘ ڪهاڻيءَ جا ٻئي ايماندار پوليس آفيسر - جهڙا اِنسان ورلي نظر ايندا آهن پر ٻچ ڪوٽي ڪانهي. حقيقي ڪردار ۽ ماحول خلقڻ ۾ ليکڪ ڪافي حد تائين ڪامياب ويو آهي، پر هڪ ڳالهہ جنهن ڪهاڻين جي ڪاميابيءَ کي ڌهرم رسايو آهي سا آهي ليکڪ جو پنهنجي جيون فيلسوفي اِظهارڻ جو موهہ! اِن جو ظاهرا ظهور مثال ملي ٿو ’قسمت جو چڪرويوهہ‘ ڪهاڻيءَ ۾. صفحي ٣٢ تي هوٽيل مالڪ جيڪي ويچار - رحم /ديا ڪجي يا نہ ڪجي بابت ظاهر ٿو ڪري، سا سڄي پئرا ڪهاڻيءَ ۾ ڦبي ئي نہ ٿي. ليکڪ خود پئرا جي آخر ۾ اُن کي وڏو ليکچر ڪري سڏيو آهي. اَهڙي نموني جي ويچارن جي پلٽ اَڪثر ڪهاڻين ۾ ملي ٿي. ڪهاڻين جا اُهي حصا مٿائي ڇڏجن تہ ڪهاڻيون اڃا بہ وڌيڪ تاثر ڇڏينديون.

بہ ڪهاڻيون خاص ذڪر لائق آهن. موضوع جي خيال کان، ٽوٽي ڪردار نگاري جي خيال کان. هڪ آهي ’قسمت جو چڪرويوهہ‘، جنهن ۾ هڪ پوائٽي شڪل ۽ شخصيت وارو شخص (اُستاد) اندر ۾ سوڪيم پاوناڻون رکي ٿو .... هن جي سيني ۾ تو مون جهڙي دل آهي جيڪا پيار ۽ پنهنجائيءَ لاءِ تڙڦي ٿي. ٻي ڪهاڻي آهي ’ماءُ تہ منهنجي‘. هن ڪهاڻيءَ ۾ ماٽيجي ماءُ جو شفي روپ پيش ڪري ليکڪ زال ذات جو مانُ مٿي ڪيو ويو آهي. زندگيءَ ۾، ٽوٽي ساهتيہ ۾، ماٽيجي ماءُ هڪ نِنديل ڪردار آهي. ليکڪ اُن نفي ڪردار کي رد ڪري، ماٽيجي ماءُ نئين نموني خلقي سُٺي رچنا پيش ڪئي آهي.

منهنجي دلي تمنا آهي تہ پڙهندڙ هي ڪهاڻيون غور سان پڙهي، ليکڪ کي پنهنجي رد-عمل کان واقف ڪن، جيئن هو نيون ڪهاڻيون لکڻ لاءِ آماده ٿئي!

نئين ليکڪ جي آجيان ڪرڻ جو اِهو ئي بهترين نمونو آهي.

ڪلا پرڪاش

آديپور
١٢ نومبر ٢٠٠٣ع

مهاڳ

شري پدن شرما جو سنڌي ڪهاڻي - نويسيءَ جي کيتر ۾ پهريون قدم آهي. اُٿ سندس ڪهاڻيون 'هندواسيءَ' ۾ ڇپيون آهن. مجموعي جي روپ ۾ هيءَ سندس پهرين سوغات آهي.

مجموعي ۾ اَٺ ڪهاڻيون آهن. اٺن ئي ڪهاڻين جو موضوع الڳ - الڳ آهي. هرهڪ موضوع پنيان ليکڪ جو مقصد آهي، جيڪو هن جي سنسڪاري من جو اولڙو آهي.

اَسان جي ملڪ جي مٽيءَ ۾ سنسڪارن، آدرشن ۽ مُلهن جي مهڪ آهي ئي. ڪيترا طوفان، زلزلا اُن مهڪ کي ختم نه ڪري سگهيا آهن.

پدن شرما (جيڪو رشتي ۾ منهنجو پيارو ڏير ٿئي) ڪهاڻين جي مقصد سان نباهيندي نه ڏکي ٻولي ڪم آندي آهي نه ئي ڪو رٿا ۾ ور وڪڙ رکيو آهي ۽ نه ئي نوع ۾ ڪا پيچيدگي پيدا ڪئي آهي. هن جون ڪهاڻيون سرل، سڌي نموني ڪردارن کي پيش ڪري ڪهاڻيءَ کي اڳيان وڌائين ٿيون. بيان توڻي گفتگو جي ٻولي عام فهم ۽ سهج آهي. هن جي لکڻيءَ ۾ هڪ مانيٽو پرواهه آهي. هن جيڪي لکيو آهي سو دل سان لکيو آهي. جيڪي محسوسيو اَٿائين اُهو بي هٽڪ ۽ وشواس سان اِظهاريو اَٿائين!

مون، هي ڪهاڻيون ڇاپي ۾ اَچڻ کان اڳ پڙهيون هيون. اَڪثر ڪهاڻين جي پڇاڙي دک - انت آهي. مون کيس چيو هو اِها ڳالهه کٽکي ٿي. ڪن ڪهاڻين جي پڇاڙيءَ کي ڪو نئون موڙي ڏي ۽ اِن ڳالهه تي سوچ.

پر پدن بنا سوچڻ جي جواب ڏنو، 'مون جيڪي ڏٺو آهي، سو لکيو آهي. آدرشي اِنسان کي اڄ جي دنيا ڇيپاتي ٿي ماري. هن کي جيئڻ نه ٿي ڏئي. اِن حالت ۾ مان ڇا لکان؟ حقيقت لکي اَٿم.'

هن صحيح چيو. برابر، ڪهاڻين ۾ اَڄ جي زندگيءَ جي عڪاسي آهي. ڪردار بلڪل حقيقي ٿا ڀاسن. 'سماج شيوڪ' ۽ 'ڪامريڊ' ڪهاڻين

ـ هندستان جي آزاديءَ لاءِ سنڌين پنهنجا اَباڻا اَجها ڇڏي نئين ملڪ ۾ هٿين خالي اَچي اُها قرباني ڪئي آهي جا دنيا جي اتهاس ۾ ڪنهن بہ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ، ڪنهن بہ جاتيءَ نہ ڪئي آهي. اُنهيءَ دؤر ۾ جيڪي تڪليفون سنڌين کي سهڻيون پيون سي جيڪڏهن بيءَ جاتيءَ جي ماڻهن کي سهڻيون پون ها تہ دل شڪستو، تي پنهنجي سڄي جاتيءَ کي نيست ۽ نابود ڪري ڇڏين ها ۽ فقير ٿي، ديا جي بيک پنڻ ۾ لڳي وڃن ها. پر سنڌين ائين نہ ڪيو. هنن دل نہ هاري. مصيبتن کي منهن ڏيئي بيٺا ۽ محنت ڪري مٿي چڙهيا. بينگال ۽ پنجاب جا بہ حصا ڪيا ويا. هڪ هندستان ۾ رهيو ۽ ٻيو حصو بينگال ۽ پنجاب جو پاڪستان ۾ ويو. سنڌين جي سڄي سنڌ پاڪستان کي ڏني ويئي. بينگالين ۽ پنجابين کي ورسائڻ لاءِ مرڪزي سرڪار ۽ بينگال ۽ پنجاب جي راجيہ سرڪارين خوب مدد ڪئي پر سنڌين کي ورسائڻ لاءِ نہ جهڙي مدد ۽ سا بہ مرڪزي سرڪار ڪئي.

سنڌين جي اِنهن مصيبتون سهڻ، قربانيون ڪرڻ، ڏک ڏاڪڙا سهڻ ۽ در در جي ڌڪن کائڻ جون سچيون حقيقتون ڪتابي حالت ۾ پيش ڪرڻ ضروري محسوس ٿو ڪجي جيئن اُنهن مورکن کي تہ ٺيڪ جواب ڏيئي سگهجي سندن سوال جو تہ 'توهين سنڌ ڇڏي هتي ڇو آيا؟'

ضروري آهي تہ اهي حقيقتون هڪ هنڌ گڏ ڪيون وڃن.

اوهين اِهي حقيقتون پبلشر جي ائڊريس تي لکي موڪليو. اِهو صاف ڄاڻايو وڃي تہ نالا سچا لکيا وڃن يا بدلايا وڃن. حقيقت ڄاڻائڻ واري جو نالو ڇپيو وڃي يا نہ. ٿي سگهي ٿو تہ اِنهن حقيقتون جي ڪتاب جو ترجمو ٻين ٻولين ۾ بہ ڪيو وڃي ۽ سنڌين جي ڪيل قربانين کي آزاديءَ جي اتهاس جو هڪ اَهم انگ بڻايو وڃي، اِها آشا آهي.

پدن شرما

ليک وٽان

ننڍي عوندي منتسجي وڏي ياءُ پرشونم ھڪ دفعو ھلندي ھلندي مون کان پڇيو ’وڏو ٿي تون ڇا بڻجڻ چاھين ٿو؟‘ منھنجي وات مان ازخود نڪري ويو ’ليک‘ اِنھيءَ باري ۾ مون ڪڏھن بہ نہ سوچيو ھو ۽ نہ وري اِنھيءَ کان پوءِ بہ ڪڏھن سوچيو. ٿوري وقت کان پوءِ پنھنجي سوٽ موتي پرڪاش جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اسان ٻنھي کي بمبئيءَ اچڻو پيو، شادي ٿيڻ کان پوءِ مان ھتي ئي رھي پيس. اِنھيءَ گھر ۾ موتي پرڪاش ۽ ڪلا پرڪاش جي گھر ۾ ليکڪن ۽ شاعرن جي اچ وڃ تہ لڳي ئي پيئي ھئي. اَھڙي وايومنڊل ۾ رھندي بہ ڪڏھن بہ ليک ۽ شاعر بڻجڻ جي جذبات نہ جاڳي. اِنھيءَ عرصي ۾ سندن پٽ شريڪانت صدف بہ جائو.

آفيس ۾ ھڪ ساٿيءَ ھڪ مخزن ۾ پڙھيل ڪھاڻي ٻڌائي جنھن ڪري مون محسوس ڪيو تہ اسان سنڌين جي اھڙي قياس پري حالت آھي جو ھر ڪنھن کي پنھنجو سمجھون ٿا پر ڪو بہ اسان کي پنھنجو نہ ٿو سمجھي. اِنھيءَ تي مون ھڪ وڏي ڪھاڻي لکي جا شري اُتم پنھنجي نڪرندڙ سنڌو سماچار ۾ ڇپيل چند جي پرچي ۾ اَھميت سان ’ڪھاڻي سنڌي جاتيءَ جي نصيب جي‘ جي سري سان ڇپي. منھنجي لکڻ جي شروعات اِنھيءَ ڪھاڻيءَ سان ٿي.

نوڪريءَ جي عرصي ۾ پنھنجي چوند سنڌي ڪھاڻين جو ڪتاب ڇپائڻ لاءِ گھڻيئي سال سوچيندو رھيس پر وقت جي ڪميءَ ڪارڻ اِھو ٿي نہ سگھيو. نوڪريءَ مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ اھو سپنو ساڪار ٿي سگھيو آھي جنھن لاءِ سمورو شرف منھنجي سوٽ موتي پرڪاش ۽ ڀاڀي ڪلا پرڪاش کي ئي ملڻ گھرجي. ھنن جي محنت، ھمت افزائيءَ کان سواءِ مون لاءِ سنڌي ڪھاڻيون ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ممڪن نہ ھو.

جيئري جدائي نہ ٿيندي

پرڪاش جي خيالات نئين نموني جي هئي. ڪيس صورت ۽ سيرت ۾ پئي هيون. اُنهيءَ ڪان بہ وڌيڪ ساراهڻ جوڳي خاصيت جا هن ۾ هئي سا هئي همت. ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ سندس دل ۽ دماغ نيڪ هجڻ جو فيصلو ڪيو تہ هيءُ هن تي اڏول رهندو هو پوءِ پيل تہ پاڻ صرف هڪڙي پاسي هجي ۽ باقي سڄي دنيا سندس مخالفت ۾ بئي پاسي. سندس اَهڙيءَ همت جي ساراهہ سندس دشمن بہ ڪندا هئا. هن تہ ڪنهن کي بہ پنهنجو دشمن نہ سمجهيو هو پر بيا ساڙ وچان ڪيس دشمن نہ تہ مخالفتي ضرور سمجهندا هئا. اِنهيءَ جو ڪارڻ صرف اِهو هو جو هو ڪاليج ۾ صرف هڪ ئي ڇوڪريءَ سان ڳالهائيندو هو سا هئي جيوتي. پرڪاش اصول پرست اِنسان هو اِها بہ سيني کي خبر هئي.

پرڪاش ۽ جيوتيءَ جي وچ ۾ ڪا بہ شڪ آڻڻ جهڙي ڳالهہ ڪو نہ هئي پر تڏهن بہ اِنهن جي باري ۾ جام افواهہ ڦهليل هئا جن جي پرواهہ هنن ٻنهي ڪڏهن بہ نہ ڪئي. اِنهيءَ جو مول ڪارڻ اِهو هو تہ پرڪاش جهڙو هر خيال ڪان سنو ۽ هوشيار ڇوڪرو صرف جيوتيءَ سان ئي ڳالهائيندو هو ۽ ٻيءَ ڪنهن بہ ڇوڪريءَ سان نہ. جيوتي بہ صرف پرڪاش سان ئي

موهن جي دڙي جي پراچين سڀيتا جا وارث بنا محنت جي مدد ڪري مٿي چڙهيا ۽ ٻين جاتيءَ جي ماڻهن جي حسد ۽ ساڙ جو ڪارڻ بڻيا اُنهن کي سنڌي سڏائڻ ۾ شرم ڇو؟ فخر سان سنڌي ڇوائڻ بدران، شرم ڪرڻ دماغي ڪمزوريءَ جي ثابتي آهي.

ٻولي، ڪلا ۽ سڀيتا جو واڌارو پئسي سان نه پر دل، محنت ۽ لگن سان ٿيندو آهي. پئسو ڪن کي آهي ته ڪن کي ڪونهي پر دل، محنت، ۽ لگن هرڪنهن ۾ موجود هئڻ کپي. اِنهن سان ئي سنڌي ٻولي، ڪلا ۽ سڀيتا قائم ۽ دائم رهنديون پوءِ ڀل ته راجنيتڪ ٿڳ ٻولي، ڪلا ۽ سڀيتا کي ناس ڪرڻ جا سندرا ڇو نه ٻڌن.

نہ اهڙن ماڻهن سان حياتي ڪاٽڻ منهنجي لاءِ نا ممڪن آهي. مون ــ اهو رشتو قبول ڪونهي. منهنجي ماءُ پيءُ ۽ ڀين مٿن مائٽن مونتي ڏاڍو زور آندو پر مون صاف اِنڪار ڪيو' جيوتيءَ چيو.

'تو بلڪل ٺيڪ ئي ڪيو.' پرڪاش چيو. 'مون کي توتي ناز آهي. مونکي خوشي آهي تہ تو ۾ بہ اَهڙي ئي همٿ آهي جنهن جي مونکي اُميد هئي.'

'ٺيڪ وري ڇا؟ ويندي ويندي اِهو بہ چوندا ويا منهنجو رشتو تہ اڳ ۾ ئي پڪو ٿيل آهي. ناڪار ڪرڻ جو تہ مونکي صرف بهانو کپندو هو.'

'نالائق ....'

'هاڻي تہ اَهي پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ سيني کي ائين پيا چون اسان کي عين وقت تي خبر پئجي ويئي تہ ڇوڪريءَ جو اڳ ۾ ئي ڪنهن سان پيار آهي ۽ اسان مڱڻي کان ناڪار ڪئي.'

'نيچ .... پر تون همٿ نہ هار. بهادر ٿي. مقابلو ڪر. جڏهن تون سچ تي آهين تہ بکواس ڪندڙن ڏانهن ڪو بہ ڌيان نہ ڏي.' پرڪاش همٿائيندي چيو.

'اَهڙن ڪميڻن تي تہ مان پائيءَ جو بہ ڌيان نہ ٿي ڏيان. پر ماڻهن کي تہ ايتري وشال دل ڪونهي ۽ نہ وري ايتري سمجهہ ئي اَٿن جو سچ ۽ ڪوڙ سڃاڻي سگهن.' جيوتيءَ اُيو ساهہ کڻندي چيو

'هر زماني ۾ سٺن ۽ نيڪ دل اِنسانن کي ماڻهن لاءِ اها شڪايت پئي رهي آهي پوءِ پل تہ پيار جو اوتار عيسيٰ هجي يا سچ جو صادق سقراط هجي. اسين تہ اَهڙن ست پرشن جي پيٽ ۾ تڇ آهيون جن کي ماڻهو نہ ڪن ۾ ختم ڪري ٿا سگهن. سچ ۽ ايمانداري اڄ ڪالهہ جي ماڻهن کي وڏيڪ هلاڪ ٿا ڪن اِنهيءَ ڪري سچيار ۽ ايماندار انسان پنيان سپ ڪات کهاڙا کڻي ڪاهي پيا آهن ۽ تيستائين مان نہ ڪندا جيستائين هن کي نابود نہ ڪيو اَٿن.'

ڳالهائيندي هئي ۽ ٻئي ڪنهن سان نه. ٻئي هوشيار به هئا ته اڪثر خاموش به رهندا هئا. ٻئي ڳالهائيندا به هئا ته صرف هڪ ٻئي سان. نه پرڪاش کي ڪو خاص دوست هو ۽ نه جيوتيءَ کي ڪا خاص ساهيڙي. ٻنهي سڀ هنن جي رشتي کي عجيب ۽ غريب وڏاءُ ڪري ٻڌائيندا هئا. انهن افواهن جي ٻنهي کي خبر هئي ته دل به ٿيندو هئن ته انسان به ڪيترو ڪري سگهن ٿا! سچ ته ٻنهي کي هڪ ٻئي لاءِ عزت هئي ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي خوش ڏسڻ چاهيندا هئا.

هڪ ڏينهن پرڪاش جيوتيءَ کي اُچانڪ غمگين ڏٺو ۽ ڪانئس سندس غمگينيءَ جو ڪارڻ پڇيو ۽ هوءَ ٻڌائڻ کان نٽائڻ لڳي. پرڪاش کيس ياد ڏياريندي چيو ’ياد اٿيئي نه، ته اسان قسم کنيو آهي ته ڪڏهن به هڪ ٻئي کان ڪجهه نه لڪائيندا سين ۽ هميشه سچ ڳالهائيندا سين.‘

’ها ياد اٿم.‘ ائين جيوتيءَ چيو ۽ سندس اکين مان آنسن جي ڌارا ٻنا روڪ وهي نڪتي.

پرڪاش عجب ۾ پئجي ويو. دلداري ڏيندي چيائين ’ٻڌاءِ ڪهڙي ڳالهه آهي؟‘

’پرڪاش توکي ته خبر آهي منهنجي مڱڻيءَ جون ڳالهيون پئي هليون. ڪالهه پڪ ٿيڻي هئي.‘

’ها، مڱڻي ٿي ويئي؟‘ پرڪاش خوش ٿيندي پڇيو.

’نه، هنن ناڪار ڪئي.‘

’ڇو، پئسي جا لالچي هئا ڇا؟‘

’ها، لالچي ته هئا ئي. پر هنن کي ڪنهن اسانجي باري ۾ وڏاءُ ڪري ٻڌايو آهي.‘

’پوءِ ....‘

’مون ته کين صاف چيو ته اهڙي ڪا به شڪ جهڙي ڳالهه ڪونهي پر انهيءَ رواجي ڳالهه کي پڪڙي هو هاڻ وڌيڪ پئسا جڏائڻ ٿا چاهن

’ڇا شادي ڪرڻ ضروري آهي؟ شادي ڪرڻ کان سواءِ ڇا مان جيئرو رهي نه ٿو سگهان؟‘ پرڪاش پڇيو.

’ها تون رهي سگهين ٿو. تون هڪ مهاتما آهين. پر اسانجي عمر ڏس. اسان کي به ته آس آهي نه پنهنجي نونهن ڏسون ۽ پوٽا ڏسون. پنهنجي ماءُ جو خيال ڪر، هوءَ اِنهيءَ آس ۾ ئي مري وڃي؟‘ سندس پيءُ چيو. ’خير مان به تنهنجو پيءُ آهيان. مونکي به توتي حق آهي. هاڻي تنهنجي باري ۾ مان ئي فيصلو ڪندس.‘

مائٽن پرڪاش جي مڱڻي هڪ سندر پڙهيل ۽ خانداني ڇوڪري روشنيءَ سان ڪرائي ڇڏي. سيني کي پڪ هئي ته شاديءَ کان پوءِ سڀ نيڪ ٿي ويندو. روشنيءَ کي خبر هئي ته پرڪاش اِنهيءَ مڱڻيءَ ۾ راضي نه هو پر کيس پڪ هئي ته پرڪاش صرف هڪ دفعو به ساڻس گڏجندو ته پنهن‌جي مائٽن جي پسنديءَ کي داد ڏيندو ته ڪهڙي نه حور پري چونڊي اَٿن! روشنيءَ کي پنهنجي سونهن تي ناز هو ۽ سو به ٺيڪ طرح سان ڇو جو هوءَ ڪاليج ۾ ۽ يونيورسٽيءَ جي سندرتا چٽاڀيٽيءَ ۾ پهرئين نمبر واري سندري ظاهر ڪئي ويئي هئي ۽ جي چاهي ها ته سولائيءَ سان سئنيما ائڪٽريس به ٿي سگهي ها. پر اَهڙيون آڇون هن سڀ نڪرائي ڇڏيون هيون. روشنيءَ چاهيو ٿي ته هڪ گهرو عورت ٿي رهي ۽ هڪ آدرش پتني ۽ آدرشي ماءُ ٿي دنيا کي ڏيکاري ۽ پرڪاش جهڙو جيون ساٿي ملي ته هڪ نيڪ ۽ آدرشي پتيءَ وسيلي اِهي سڀ اِڇائون جاڻ پوريون ٿينديون، هوءَ آئينده جا سندر سپنا ڏسڻ لڳي. سندس هر سپني ۾ مکيه ڪردار پرڪاش ئي هو.

روشنيءَ جي دل هئي ته هڪ دفعو پرڪاش سان گڏجي کيس محسوس ڪرائي ته سندس اعتراض اجايا آهن ۽ ٻنهي جي خوشي هڪ ٻئي سان جڙيل آهي، اِنهيءَ ڪري خوشيءَ وچان شادي ڪري ۽ اِنهيءَ کي مجبوري ڪري نه سمجهي. روشنيءَ پرڪاش سان گڏجڻ جي جام ڪوشش ڪئي

’پر اهڙي سوني ڳالهه پڙجندي وٽي نه آهي ڪٿي ختم ٿيندي؟‘
’جيڪڏهن منهنجي ڪري توکي سٺو ٿو ٿئي ته مان سمجهان ٿو ته انهيءَ لاءِ مان ئي جوابدار آهيان. انهيءَ جو به علاج آهي. اسان کي ٻڌي هڪ ٻئي کان پري نه ٿيڻ گهرجي. جي اهڙي حالت به اَچي پهچي ته اسان کي هميشه لاءِ هڪ ٻئي جو ٿي رهڻ گهرجي.‘

جيوتيءَ جو منهن ڪنول جي گل وانگر ٽڙي پيو ۽ خوشيءَ ۾ اَچي چيائين ’ڇهڙو نه سٺو! ڪالهه کان وٺي مونکي به اِهو ئي خيال پئي آيو. تو ته منهنجيءَ دل جي ڳالهه زبان سان ظاهر ڪئي آهي.‘

’ ته پوءِ پڪ سمجهه ته اسان کي صرف موت ئي ڌار ڪري سگهندو ۽ مان ڪڏهن به ڦرڻ وارو نه آهيان ......‘

’ .... ۽ نه وري مان ئي ڪڏهن ڦرنديس.‘

پرڪاش ۽ جيوتيءَ جي مڱڻي ٿي ڪنهن کي به عجب نه لڳو. ماڻهن جي خيال ۾ ته اِهو سڀاويڪ هو ۽ ائين ئي ٿيڻ کپندو هو. شاديءَ ۾ صرف هڪڙو ئي مهنو بچيل هو. سڀئي اَهڙي سونهري موقعي جي انتظار ۾ هئا. پرڪاش ته ڏينهن ڳڻڻ لڳو. ماڻهن جا هوش حواس ته تڏهن غائب ٿي ويا جڏهن کين خبر پئي ته جيوتي پرڪاش سان شادي ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو آهي ۽ جيوتيءَ جي مائٽن پنهنجي پاران مڱڻو ٽوڙي ڇڏيو آهي . پرڪاش کي صدمو رسيو پر هميشه وانگر هن همت نه هاري. پرڪاش گهڻيئي آناڪاني ڪئي پر سندس مائٽن زور آندو ۽ چيو ’تو پاڻ جيڪو چاهيو اسان ائين ئي ڪيو. تنهنجي دل اسان رکي ته اَهڙو نتيجو نڪتو جو اسان کي هاڻي ڪنڌ هيٺ ڪري ٿو هلڻو پوي. هاڻي اسانجي مرضي رک. اسين تنهنجا دشمن ڪو نه آهيون. هن بي عزتيءَ کي ڌڪڻ لاءِ اِهو ئي هڪ طريقو آهي ته تون جلد شادي ڪري ڇڏ ۽ ائين ڏيکار جڻ ته ڪجهه ٿيو ئي ڪونهي.‘

وٺڻ ۾ مونکي ذرو بہ شرم نہ ٿيندو آهي مونکي تہ پاڻ خوشي ٿيندي آهي تہ پنهنجي ڀل قبول ڪرڻ جي مون ۾ شڪتي آهي جا ڀڳوان گهٽن کي ڪو نہ ڏني آهي' پرڪاش چيو.

'جهڙو مون توهان کي نيڪ اِنسان سمجهيو آهي اَهڙائي نيڪ توهان جا خيال آهن' روشنيءَ خوشي ظاهر ڪندي چيو.

چانهہ پي ٿورو وقت ترسي ڳالهين جو سلسلو جاري رکندي روشنيءَ پڇيو 'توهان کي مونسان شادي ڪرڻ ۾ اعتراض آهي. مان ڄاڻي سگهان ٿي تہ مون ۾ ڪهڙي گهٽتائي آهي جو توهان جي قابل نہ آهيان. توهان جي باري ۾ گهڻو ئي سنو ٻڌو اَٿم. توهان سان گڏجي توهان کي پائڻ يا حاصل ڪرڻ جي منهنجي آس وڌي ويئي. مان چاهيان ٿي تہ توهان جهڙي نيڪ اِنسان جي شيوا ۾ رهڻ جو مونکي موقعو ملي. مان تہ توهان جي داسي ٿي رهنديس.'

'مون کي تہ تو ۾ ڪا بہ گهٽتائي ڏسڻ ۾ نہ ٿي اَچي. مان تہ توکي پاڻ کان هر لحاظ کان بهتر ئي ٿو سمجهان. پنهنجي ساٿيءَ ۽ همسفر کي مان هر نموني ۾ برابريءَ جو ئي درجو ڏيڻ ٿو چاهيان. پتني جيون ساٿڻ آهي ۽ نہ هڪ داسي. جي ضرورت ٿي تہ مان پاڻ بنان هچڪ جي پنهنجيءَ پتنيءَ جي شيوا ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.'

'اَهڙن وڏندڙ خيالن وارو آدرشي پرش تہ هن دنيا ۾ اَڻلڀ هوندو.'

'مان هڪ اِنسان آهيان ۽ انسانيت جي ناتي جن ڏانهن بہ منهنجا فرض آهن اُهي مان سچي دل سان نباهڻ ٿو چاهيان ۽ اِنهيءَ چاهنا کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ چاهنا مونکي ڪونهي.'

'اِهو تہ نيڪ ويچار آهي. هاڻي اَچو پنهنجيءَ مَنہ ڳالهہ تي.' روشنيءَ چيو.

'توکي تہ خبر آهي تہ جيوتيءَ مون سان شادي ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو

۽ ڪجھ مِنٽن جي اِنتظار کان پوءِ کيس پرڪاش سان گڏجڻ جو موقعو مليو. مگر جڳھہ تي پرڪاش سان گڏجڻ لاءِ روشني سورنھن سينگار ڪري سنيري ھڪ شام جو نڪتي.

سمنڊ جي ڪناري پرڪاش، روشنيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو ھو. لهندڙ سج جا ڪرڻا اُفق کي سونهري بڻائي چڪا هئا. پريان سمنڊ جي لهرن تي اَچا پکي آواز ڪري اَچي ٿي ويٺا ۽ ٿورو ويهي وري اُڏامي ٿي ويا. اَهڙي وڻندڙ وايومنڊل ۾ پريءَ وانگر سندر ۽ موهيندڙ مرڪ سان روشني پريان کان وڻندڙ چال سان هلندي پرڪاش وٽ آئي.

’معاف ڪجو توهان کي انتظار ڪرڻو پيو. مونکي اَچڻ ۾ دير تہ ڪو نہ ٿي آهي؟‘ روشنيءَ موهيندڙ مشڪ سان پرڪاش کان پڇيو.

’نہ، نہ. دير ڪو نہ ٿي آهي. مون نہ ٿي چاهيو تہ تون مون کان اڳ اَچين ۽ اڪيلو اِنتظار ڪرين، اِنهيءَ ڪري مان وقت کان اڳ اَچي تنهنجو اِنتظار ڪرڻ وينس. ڳالھہ شروع ڪجي يا پهرين هن سامهون واريءَ هوٽل جي باغ ۾ هلي ويهون ۽ گرم گرم چانھہ پي پوءِ ئي ٿا مٺي خوريءَ جون ڳالهيون ڪريون.‘ پرڪاش چيو.

’چو ڳالهيون اَهڙيون گنڀير آهن ڇا؟‘ روشنيءَ مذاق ڪندي پڇيو.

’جي دل ۽ دماغ کولي سچ ڳالهائجي تہ اَهڙيون گنڀير ڪونهن. صرف ھڪ ٻئي کي نيڪ سمجھڻو آهيءَ ھڪ ٻئي جي مجبوري محسوس ڪرڻي آهي. مان توسان بلڪل صاف ۽ سڌي نموني ڳالهائڻ ٿو چاهيان ۽ ساڳيءَ طرح صاف ۽ سڌي نموني ڳالهائڻ جي مان، تو مان اُميد رکان ٿو. ڪير غلط آهي ۽ ڪير نيڪ آهي اُهو فيصلو پوءِ ئي ڪنداسين. ٿي سگهي ٿو تہ اسين ٻئي نيڪ هجون‘. پرڪاش چيو.

’...... ٿي سگهي ٿو تہ ٻئي غلط هجون‘ روشنيءَ ڪٽبندي چيو.

’ٻئي غلط هجون اُهو ٿي نہ ٿو سگهي. جي منهنجي غلطي آهي نہ مان قبول ڪندس ۽ توکان معافي بہ وٺندس ۽ پنهنجيءَ غلطيءَ تي معافي

رحم دنيا ۾ اَچا آهي. منهنجي خوش قسمتي آهي جو اَهڙي نيڪ انسان سان منهنجي اَڄ ملاقات ٿي. مان ائين ئي ڪنديس جيئن توهان چيو آهي.' روشنيءَ عجيب چمڪ منهن تي آڻيندي چيو.

'تنهنجي اَچڻ کان اڳ لهندڙ سورج جي سونهري ڪرڻن کي جيئن سونهري اُفق تي پي ڏٺم تہ منهنجو ڌيان سمنڊ جي اَڇن پکين تي ويو جي هر گهڙيءَ لهرن تي اَچي ٿي وينا ۽ وري اُڏامي ٿي ويا. جهڙيءَ طرح پکي اَچي لهرن کي مليا اَهڙيءَ طرح اَسان جو بہ ملڻ ٿئي ٿو. پکي اُڏامي وڃن ٿا ۽ لهرون پريان هلي وڃن ٿيون، اَهڙيءَ طرح اسان جدا ٿيون ٿا.' پرڪاش چيو

'اَهڙيون ڳالهيون نہ ڪريو اَهڙي نموني اسين آسانيءَ سان ڌار نہ ٿينداسين. اَهڙو نيڪ ياءُ مليو اَٿم. ڇا اُهو مونکي وساري ڇڏيندو؟' روشنيءَ پرڪاش کان حجت رکي پڇيو.

'اَهڙي سڀاجهيءَ پيڻ کي ڪهڙو ڪنور ياءُ وساري سگهندو منهنجي منڙي پيڻ؟' پرڪاش پيار سان روشنيءَ جي مٿي تي هٿ رکندي سوال جو جواب سوال ۾ ڏيندي چيو.

پرڪاش ۽ روشني هوٽل جو بل ڏئي ٻاهر نڪتا تہ پرڪاش عجب ۾ اَچي اُتاولو ٿي روشنيءَ کان پڇيو 'تنهنجا سونا ڪنگڻ ڪيڏانهن ويا؟'

روشنيءَ هوٽل جي ڪائونٽر تي رکيل ڪاٺ جي پيٽيءَ ڏانهن اِشارو ڪيو. پيٽيءَ تي وڏن اکرن ۾ لکيل هو 'ڪُشٽ روڳ کي ٽڙي ڪيڻ ۾ مدد ڪريو.'

آهي ۽ مون کي شاديءَ ڪرڻ جو خيال به ڪو نه هو. مون کي هاڻي جيوتيءَ جي ناڪار ڪرڻ جي ڪارڻ جي خبر پئي آهي. جيوتيءَ کي ڪلهي ۽ پٺيءَ تي اَڇا چٽا نڪتا آهن. جي رواجي چٽا ڪونهن. اِها خبر ڪيس به آهيءِ اِنهيءَ ڪري منهنجيءَ پلائي ڪارڻ هوءَ مون کان پري ٿي رهڻ چاهي. اِنهيءَ بيماريءَ ڪارڻ هندو قاعدي موجب پتي ۽ پتني هڪ ٻئي کان طلاق به وٺي سگهن ٿا. مان نه ٿو چاهيان ته صرف اِنهيءَ بيماريءَ ڪارڻ هوءَ مون کان پريان رهي. اِهو مونکي نيڪ نه ٿو لڳي. مونکي ڇڏي مون کان دور رهڻ جا هن کي ڳهٽيئي سبب ٿي سگهن ٿا پر صرف هن سبب ڪري اسين جدا ٿيون اِها سراسر بي اِنصافي ٿيندي. وڏي ڳالهه ته اِنهيءَ بيماريءَ جو هاڻي علاج به آهي. علاج اَثرائتو وڏيڪ ٿيندو جڏهن علاج سان ڪنو خوشيون به هجن. مان جيوتيءَ کي اُهي خوشيون ڏيڻ ٿو چاهيان ۽ ڪيس دک ۾ ٻارڻ نه ٿو چاهيان. اِنهيءَ ڪري هڪ اِستريءَ جي ناتي مان توکي عرض ٿو ڪرڻ چاهيان ته هڪ عورت جي مجبوري محسوس ڪر ۽ مونکي مدد ڪر ته مان جيوتيءَ سان ڪيل انجام ته اسان کي صرف موت ئي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري سگهندو، اُهو پورو ڪري سگهان. منهنجي چندرما کي داغ لڳي چڪو آهي صرف اِنهيءَ داغ جي ڪري هن کان حياتيءَ پر جدا رهڻ نه ٿو چاهيان. تون ته بي داغ آهين، ڀڳوان ڪندو ته توکي به جلد ئي هڪ بهتر ۽ نيڪ جيون ساٿي ملي ويندو. مان ڪنهن کي دکي ڪري پنهنجيون خوشيون حاصل ڪرڻ نه ٿو چاهيان اِنهيءَ ڪري مان توکي عرض ٿو ڪريان ته تون خوشيءَ سان مونکي موڪل ڏي ته مان پنهنجو فرض پورو ڪري سگهان. تنهنجي عزت جي خيال کان مان چاهيندس ته اسان جي ٿيل مڱڻي تون پاڻ ٽوڙائي ۽ اُنهيءَ لاءِ تون دنيا جون سڀ برايون مون تي مڙهي سگهين ٿي. مان ڪو به اعتراض ڪو نه وٺندس.' پرڪاش چيو.

'مونکي خوشي آهي ته اهڙو نيڪ دل ۽ اُصول پرسڌ انسان به هن بي

ڪنهن وچڻ معنيٰ ته هزار ملڻ ته نهيو پر هڪ پئسو به نه ملندو. اُتي مفت جو ڪائڻ پيئڻ به ڇٽو. پنهنجن ئي پئسن سان جهڙي تهڙي ماني کائي وقت گذارڻو پوندو هو. جنهن پوليس واري جي ڊيوٽي اَجئڪمار سان لڳندي هئي ته اُنهيءَ پوليس واري تي ٻيا ساٿي ٺٺوليون ڪري چوندا هئا 'هاڻي هن کي پراڻ - تياڳ ورت رکڻو پيو آهي'. مطلب ته کائڻ پيئڻ ته نهيو ماڳهين مٿين ڪمائي به بلڪل بند. اَجئڪمار جي هيٺ ڪم ڪندڙ پوليس وارا پنهنجن وڏن آفيسرن جي چاپلوسي ڪري اَجئڪمار سان ڪم ڪرڻ کان رخصت وٺندا هئا. اِنهيءَ ڪري به اَجئڪمار جو اَثر خراب ٿيڻ لڳو ته ڪيس پنهنجن زيردستن کان ڪم وٺڻ جو ڏانءُ ئي ڪونهي.

اِها خاطري هئي ته جتي اَجئڪمار جي بدلي ٿيندي هئي. اُنهيءَ ايراضيءَ ۾ بي قاعدي شراب جا اَڏا، جوئا جون ٺڪريون، چوريون، ڪيسا ڪٽڻ، مارڪٽ، لٽ مار جا واقعا يا ته جلد بند ٿي ويندا هئا يا ته بلڪل ئي گهٽجي ويندا هئا. پر اِنهن طريقن سان ناڻو ڪمائڻ وارا ته بلڪل ڏٺڙجي ويندا هئا ۽ اُهي اُجايل ڏيڏرن وانگر مٿين مالڪن کي فرياد طور اَجئڪمار خلاف ٽان ٽان ڪندا رهندا هئا.

هڪ نئون سب - اِنسپيڪٽر اَجئڪمار جي پوليس ٿاڻي تي موڪليو ويو. اِهو رنگروٽ اَجئڪمار کي ايماندار لڳو ۽ هن سان دل کولي ڳالهيون ٻوليون ڪندو رهندو هو. لڳن ۽ ايمانداريءَ سان فرض ادائيءَ تي همٿ ڏياريندڙ ليڪچر به ٻڌائيندو رهندو هو. اَجئڪمار جي ايمانداريءَ تي ۽ فرض ادائيءَ تي هو نئون نائب اِنسپيڪٽر متاثر ٿي ويو. دل ئي دل ۾، هن زماني ۾ اِيماندار پوليس آفيسر آهن، اُنهيءَ تي عجب ڪائڻ لڳو. هو اَجئڪمار کي هڪ نيڪ ۽ ايماندار آفيسر سمجهي ڪيس وڏيڪ عزت، سڪ ۽ شرڌا ڏيڻ لڳو.

نئين رنگروٽ هڪ دفعو اَجئڪمار کان پڇيو. 'توهان گوندن، بدمعاش جي پنيان هٿ ڌوئي ڇو پيا آهيو؟'

سداچاري

اَجئڪمار هڪ ايماندار پوليس آفيسر هو. اَجتڪمار پنهنجي فرض اَدائيءَ ۾ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيندو هو. ڊيوٽيءَ جي شناس هن ۾ ايتري تہ هئي جو جنهن پوليس چونڪيءَ تي هن جي بدلي ٿيندي هئي اُنهيءَ ايراضيءَ ۾ هر لُڇ لفنگو، چور، ڊاڪو پنهنجو ڌنڌو بند ڪري ڇڏيندا هئا يا بلڪل گهٽائي ڇڏيندا هئا يا تہ بلڪل گهٽي خبرداريءَ سان ڪندا هئا. ڌنڌي گهٽجڻ ڪري اُهي سڀ بدمعاش راڄنيتي پارٽين جي سهڻي اڳوانن جي سائين سائين ڪندا هئا. هٿ جوڙيندا هئا، پيرين پوندا هئا ۽ منٿون بہ ڪندا هئا تہ هن پوليس آفيسر جي بدلي ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ تہ هو ڪين ڏاڍو هلاڪ ٿو ڪري. اَجئڪمار جي بدلي ڪرائڻ بدمعاشن لاءِ سولو ٿي ويو هو. خاص ڪري جڏهن اَجئڪمار جي ڊيوٽيءَ جي رڪارڊ مان بہ جلدي خبر پئجي ٿي سگهي تہ هو ڪنهن بہ هنڌ ٻن يا ٽن مهنن کان وڌيڪ نہ ٽڪيو هو. اَجئڪمار بدليءَ کي ڊيوٽيءَ جو هڪ حصو ڪري مڃيندو هو پر سندس سڀ ٻيا ساٿي ڪيس نڪمو سمجهي مذاق ڪندا هئا.

ڪٿي بہ ڪا انڪوائري/يا پڇا ڳاڇا ٿيندي هئي تہ رواجي پوليس وارا بہ اَجئڪمار سان ڪنو نہ وڃڻ چاهيندا هئا. ڇاڪاڻ تہ اَجئڪمار سان

پيا رشوتخور رشوت جو ڪجھ حصو بين ۾ ورهائين ٿا ۽ مان ايترو ته حرامخور آهيان جو رشوت جو سمورو پئسو پاڻ وٽ ئي ٿو رکان. منهنجي مٿين جو منهنجي باري ۾ اهڙو رايو آهي ته دل ۾ دک ته ضرور ٿيندو آهي پر مان هنن کي ڪيئن خاطري ڏيان ته مان رشوت وٺندو ئي نه آهيان؟ تون نوجوان ۽ سمجھو آهين. منهنجين ڳالهين کي گنڀيرتا سان کڻين ته مهرباني، جي هلڪي نموني کڻين ته به توتي ميار ڪونهي. دنيا کان علحدو ٿيڻ ۾ ڪو به سک ڪونهي. صرف من جو سنتوش ٿو ملي ته گيتا جي اُپديش موجب مان صرف پنهنجي فرض جو حق ٿو رکان ۽ نتيجي تي ڪو به اَڌڪار اصل ئي نه ٿو رکان.' اَجئڪمار ٿڌو شوڪارو ڀريندي دل جو غبار ڪڍيو.

'مونکي توهان جي لاءِ عزت آهي. عمر ۾ به مونکان وڏا ئي آهيو. اڄ توهان جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو پيار ۽ توهان لاءِ شرڌا وڌيڪ ئي ٿيا آهي ۽ مان توهان کي پنهنجو وڏو ڀاءُ ٿو سمجھان.'

'جي تون ايماندار آهين ته اهڙي ڀاءُ تي مونکي فخر ٿيندو، وجئه!' اَجئڪمار سندس ڪلهي تي هٿ رکندي اُتساهه سان چيو.

'بلڪل ئي ٺيڪ ٿا چئو، برادر.' وجئه، اَجئڪمار سان هٿ ملائي چيو.

سيني کي عجب ٿيڻ لڳو ته پهريون دفعو ڪو ماڻهو پوليس کاتي ۾ آهي جنهن کي اَجئڪمار وٽي ٿو ۽ سندس عزت به ٿو ڪري. اِنهيءَ عجيب ماجرا تي سُس پُس به ٿيڻ لڳي.

هڪ دفعو اَجئڪمار کي سڌ پئجي ويئي ته نشيلي دوائن سان ڀريل هڪ بند لاري سندس ڊيوٽيءَ جي حد مان لنگهڻ واري آهي. ڪيس اِها خبر هئي ته اُنهيءَ لاريءَ ۾ ڪروڙين روپين جو آفيم، چرس، گانجو، ڀنگ، ڪوڪين، ڀاٽ، ايل. ايس. ڊي، وغيره ڀريل آهن. اَجئڪمار پوليس جو جٿو وٺي جيئن نڪتو تي ته وجئه به سامهون گڏجي ويس.

'ڪيڏانهن ٿا وڃو برادر؟' وجئه پڇيو.

'خبر پئي آهي ته نشيلي دوائن سان ڀريل لاري هتان نڪرڻ واري

’اِهو سوال بئي نموني ڪري ڳوندن ۽ بدمعاشن کان پڇ نه هو هٿ ڌوئي ڇو اڇي سماج جا دشمن بڻيا آهن. ڳوندن جو ڪوبه فرض ڪونهي پر اسان پوليس وارن جو اِهو فرض آهي ته هنن سماج جي دشمنن کي ختم ڪريون يا تڙي ڪڍون. منهنجي دشمني ڳوندن سان شخصيءَ کان هنن جي ڪُڌن ڪرتوتن سان وڌيڪ آهي. تو ڪڏهن اِهو سوچيو به آهي ته اسان جي ديش ۾ ڪيتري غريبي آهي؟ ڪنهن غريب ڪٽنب جو اڪيلو ئي ڪمائيندڙ ڀاتي پنهنجو پگهار صرف شراب پيئڻ ۾ وڃائي يا جوئا ۾ هارائي ۽ ساڳئي ئي وقت اُنهيءَ ڪٽنب جو ڀاتي ڊاڪٽري علاج نه ٿيڻ جي ڪري مري وڃي! تو ڪڏهن اِهو به سوچيو آهي ته ڪنهن جو سڪيلڌو ۽ لائق پٽ نشيلي دوائن جو عادتي ٿئي ۽ سالن جا سال پنهنجي پولن پالن مائٽن کي اِنهيءَ غلط اَثر ۾ وجهي ته هو ڪاليج جي پڙهائيءَ لاءِ ويندو آهي پر حقيقت ۾ پڙهائي ته ڪي سال اڳ ڪاليج جي في نه ڀرڻ ڪارڻ ڇڏي چڪو آهي؟ هر دفعي ڪاليج جي في وٺي نشيلي دوائن جو واهپو ڪندو رهيو آهي. اَهڙو سڪيلڌو پٽ پنهنجن مائٽن جو سندن ٻڍاپي ۾ ڪهڙو سهارو ٿي سگهندو؟‘ اَجئڪمار سمجهائيندي چيو.

’اِهو سڀ ٺيڪ آهي پر وهڪري جي خلاف توهان ڪيترو تري سگهندا؟ مونکي ته لڳي ٿو ته بدمعاشين ۽ لچاين جا ته انيڪ ٻاڪرا ۽ نانگل بند ٿي پيا آهن، اُنهيءَ جي مقابلي ۾ ڇا تو ڪري سگهجي؟‘ هن چيو.

’منڙا، تنهنجو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. اسين سڀ اِنهيءَ تيز وهڪري ۾ لڙهي ويندا سين. هيءَ جنگ سلهه جي مرڻينگ مريض ۽ دنيا جي بانڪي پهلوان جي وچ ۾ آهي. نتيجي جي ته خبر اڳ ۾ ئي سيني ڪي آهي پر - فرض ادائيءَ کان به منهن موڙي نه ٿو سگهجي. من به ته مجي، نه ته مصيبتون سهڻ جي مرضي ته منهنجي به ڪونهي. مون ڪنهن سان ڪهڙي برائي ڪئي آهي جو ٺيڪ رستي تي هلندي به سيني جي برائي حاصل ڪئي اَٿم؟ منهنجا زبردست ته مون مان خوش ڪونهن پر منهنجي مٿان عملدار به مون مان خفي آهن. صرف اِنهيءَ ڪري جو

وچ وانگر ڦهلجي ويئي. اخبارن ۾ اِنهن ٻنهي بهادر پوليس آفيسرن جي ساراهه ٿيڻ لڳي ۽ کين جوڳو اِنعام ڏيڻ خاطر اخبارن وسيلي سرڪار تي دٻاءُ اَچڻ لڳو. سرڪار پوليس هيڊ ڪوارٽر مان سڄي واقعي جي تفصيلوار رپورٽ گهرائي. اِها ڳالهه وڏا پوليس آفيسر سهي نه سگهيا ۽ کين هڪ سونهري موقعو ملي ويو جيئن هنن ٻن حرامخورن کي سبق سيکارين جي رشوت جو سڄو پئسو پاڻ وٽ رکندا هئا ۽ اُنهيءَ پئسي مان ٿورو به حصو هنن نذراني طور ڪڏهن پنهنجن صاحبن کي نه ڏنو.

پوليس هيڊ ڪوارٽر مان سرڪار وٽ رپورٽ ويئي :- ’جنهن کي بهادري سمجهي ساراهيو ٿو وڃي اُها حقيقت ۾ نيڪ نموني ڊيوٽي نه ڏيڻ آهي. ضرورت کان وڌيڪ هوشياري ڏيکاري مشهوري حاصل ڪرڻ جو طريقو آهي. هيءُ واقعو ٻاراڻي جانبازيءَ وانگر آهي. هن معاملي ۾ هڪ جوابدار پوليس آفيسر ٻئي آفيسر کي موڪل تي هوندي وٺي زوريءَ موت جي منهن ۾ اُڇليو آهي ۽ پوليس کي کلڻهاب ڪيو آهي ۽ پوليس جو نالو بدنام ڪيو آهي. بدمعاش ته پڇي ويا پر سندن پٺيان رهيل ماڻهوءَ کي به هي جوابدار پوليس آفيسر بچائي نه سگهيا. جنهن وسيلي اُنهن بدمعاشن جي سڄي گروهه جو پتو پئجي سگهي ها. ٻه پوليس آفيسر ته سخت زخمي ٿيا آهن پر ٻين سپني پوليس وارن جي به جان کي جوکو هو جو قدرت سان ٽري ويو. اِهو بي جوابداريءَ جو واقعو ڪنهن به اِنعام ۽ شاباس جي لائق ڪونهي.‘

اِها خبر جڏهن اَجئڪمار ۽ وجئه کي ملي ته کين سخت صدمو رسيو. اَجئڪمار ته آزمودگار ۽ دل جو پڪو هو اِنهيءَ ڪري دک سهي ويو پر وجئه زخمن کان به وڌيڪ دلشڪستيءَ ڪري پنهنجيءَ نوجوان، خوبصورت ۽ اَبوجهه پتنيءَ کي اَهڙيءَ خطرناڪ ۽ بي رحم دنيا ۾ اڪيلو ڇڏي وڃي مالڪ کي پيارو ٿيو.

اِسپتال مان گهٽي عرصي کان پوءِ اَجئڪمار کي رخصت ملي پر ڇيلهه کان هيٺ وارو سندس پاسو بيڪار ٿي چڪو هو. اِنهيءَ کان به وڌيڪ دک

آهي. مان اوڏانهن ٿو وڃان.' اَجئڪمار چيو.

'مان به هلان، ائين اڪيلو توهان ايڏو جوکم نه کڻو.' وجئه چيو.

'اَڄ ته تون موڪل تي آهين. مان پاڻ سان ڪنو پوليس جو جٿو به وٺي ٿو وڃان. تنهنجي هلڻ جي ضرورت ڪونهي.'

'مان موڪل تي آهيان اِهو قبول ٿو ڪريان پر ڇا توهان سان ڪنو موڪل جي ڏينهن هلي نه ٿو سگهان؟'

'مان توکي اِنهيءَ ڪري وٺي هلڻ نه ٿو چاهيان جو خطرو وڏيڪ ٿو محسوس ڪريان چاڪاڻ ته مال ڪروڙين روپين جو آهي. اُنهيءَ کي بچائڻ لاءِ بدمعاش هر طريقو اِستعمال ڪري سگهن ٿا. اِهو ڄاڻندي به جي تون هلڻ چاهين ته تنهنجي مرضي. ٻه ته ٻارهن. منهنجي لاءِ ته اِهو به آسرو ٿيندو.'

'ٺيڪ آهي ته مان به هلان ٿو برادر.' وجئه چيو.

ٻئي پوليس جيپ ۾ ويهي اُنهيءَ طرف نڪتا ۽ اُنهيءَ هنڌ پهچي لاريءَ جو انتظار ڪرڻ لڳا. گهڻي وقت کان پوءِ لاري نظر آئي ۽ پوليس اُنهيءَ کي روڪيو. اَجئڪمار لاريءَ جو دروازو کولڻ جو حڪم ڏنو. ڊرائيور سان ويٺل ماڻهو هيٺ لٿو ۽ ٽرڪ جي پٺيان وڃي دروازو کولائين ته اندران مشين گن مان گولين جي برسات شروع ٿي ويئي. پوليس وارا پنهنجيون وڏيون ۽ ڏکيون بندوقون سڌيون ئي ڪن اُنهيءَ کان اڳ ۾ ئي لاري تيز رفتار سان هلڻ لڳي. بدمعاشن جو ماڻهو جيڪو لاريءَ جو دروازو کولڻ لاءِ هيٺ لٿو اُهو لاريءَ ۾ پٺيان چڙهڻ لاءِ ڊوڙڻ لڳو اُنهيءَ لاءِ لاري ٻهارڻ خطري وارو هو. اُنهيءَ کي پوليس حوالي ڇڏي وڃڻ به خطرناڪ هو اِنهيءَ ڪري مشين گن مان نڪرندڙ ڇهاڙيءَ جون انيڪ گوليون صرف اُنهيءَ ماڻهوءَ جي سيني لاءِ هيون. گولين جي اِنهيءَ برسات ۾ بدمعاشن جو ماڻهو ته اُتي مري ويو. اَجئڪمار ۽ وجئه سخت زخمي ٿي پيا. عجب ته اِهو هو جو ٻين پوليس وارن کي هلڪي رهڙ به نه آئي!

اَجئڪمار ۽ وجئه جي بهادريءَ جي خبر سڄي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾

توکي هاڻي سمجهه ۾ اَچي ويو هوندو. جي تو اَجا به نه سمجهيو آهي ته ڏيان ڏي ته تون ئي هڪ اَهڙو پوليس آفيسر آهين جنهن شير وانگر جريت رکي اسان سان ٽڪر کاڌو ۽ ڪڏهن به همت نه هاري. تنهنجيءَ بهادري جي اسان مان هرڪو دل - و - جان سان ساراهه ٿو ڪري. تون ۽ اسين هڪ ٻئي جي اُبتڙ پاسي ئي رهياسين اِنهيءَ ڪري تو جهڙي بهادر سان مخالفت ۾ رهياسين. اسان جو پيشو بيقاعدي ڪمائڻ ۽ تنهنجو فرض هو قاعدي جي رکشا ڪرڻ. اِنهيءَ هوندي به تنهنجي همت، حوصلي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ کي وساري نه ٿو سگهجي. اسان کي خاطري آهي ته توکي ۽ وجئه جي وڏوا پتنيءَ کي اِنهيءَ فرض ادائيءَ لاءِ ڪجهه به ملڻو نه آهي. اِنهيءَ ڪري جيئن ته اسان ئي وجئه جي موت لاءِ جوابدار آهيون، اسان وجئه جي وڏوا پتنيءَ کي پنج لک روپيا روڪڙا ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. صرف ڪنهن به بي قاعدي ڳتي تي وجي اُتي جي مئنيجر کي چوڻو آهي ته وجئه جي وڏوا لاءِ اَجئڪمار کي پئسا کپن. پئسن ڏيڻ جو بندوبست اُمالڪ ڪيو ويندو. توکي يا تنهنجي ڪٽنب جي ڪنهن به ياتيءَ کي ضرورت پوي ته اسين چڱي پئسي جي مدد ڪري سگهون ٿا. صرف توهان جي گهرڻ جي دير آهي. توکي عمر ڀر جڏو ڪرڻ لاءِ به اسين جوابدار آهيون. اسان وٽ ڪرورڙن جو سودو ٿو ٿئي اُنهيءَ ۾ ڏهن ويهن لک روپين جو ڪو به فرق نه ٿو پوي. گهڻيئي پوليس عملدار سرڪاري پگهار کان به وڌيڪ اسان جي پئسن تي پيا پلجن.'

اَجئڪمار کي اِنهيءَ خط ۾ سمايل سچ جي اَچ سڌ پئي. پاڻ ۽ وجئه جي وڏوا سرڪاري دَر جا جام ڌڪا کائي ٿڪا هئا پر ڪجهه به هڙ حاصل نه ٿيو. مٿان وري لوڪن کي به تماشو ڏسڻ جو موقعو ٿي مليو. اِنهيءَ هوندي به اَجئڪمار اِهو خط غصي ۾ ڦاڙي ڪچري جي ٽوڪريءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو.

اُنهيءَ خط جي اَثر وچان، رات جي ماني کائڻ پڄاڻا اَجئڪمار پنهنجي پٽ کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ شروعات ڪندي چيائين 'پٽ! مونکي

اَجئڪمار لاءِ اِهو هو تہ سندس ننڍڙي پاءُ سمان وجئہ کي هن سچ پچ تہ ڪو نہ زوريءَ موت جي منهن ۾ اُڇليو. اِهو ڏک اندر ئي اندر ۾ هن کي کائيندو رهيو. مٿان وري سرڪار جي بي رخائيءَ تہ هن کي جيئري ئي ماري ڇڏيو. وجئہ جي نوجوان زال کي سرڪار طرفان ڪجهہ بہ عيوضو نہ مليو. پوليس جي وڏن عملدارن جو اُنهيءَ بيوس وڌوا سان مطلبي نوع ۾ بي اَدبو ڳالهائڻ تہ اَجئڪمار جي پٽر جگر کي ڏاريندو رهيو. انڪوائريءَ جي اَجائي ڊيگهہ ۽ نوڪريءَ مان برطرف ٿيڻ جي بي عزتي ٿيڻ جو نمونو خاص ڪري پنهنجن زبردست پوليس آفيسرن مٿان تہ اَجئڪمار کي هر گهڙيءَ پنهنجي ئي منهن ۾ پراڻي پادر لڳڻ وانگر محسوس ٿيڻ لڳو. سومان پسند ماڻهوءَ لاءِ ذلت واري زندگي موت کان بہ بدتر لڳندي آهي. هن لاءِ جيئڻ جنجال ۽ موت بہ مشڪل ٿي چڪو هو.

اَجئڪمار کي هڪ گمنام خط مليو جنهن ۾ لکيل هو :- جنهن سرڪار جي تو ايتريءَ لگن سان شيوا ڪئي اُنهيءَ توکي ۽ وجئہ جي نوجوان وڌوا کي هيل تائين ڇا ڏنو آهي؟ اُنهيءَ گوليبازيءَ ۾ جنهن ۾ اسان پاڻيهي پنهنجي هڪ ماڻهوءَ کي گولي هڻي ماريو اُنهيءَ جي وڌوا پتنيءَ کي اسين هر مهني پهرين تاريخ هڪ هزار روپيا ڏيندا آهيون. هن جي ٻارن جي في، ڪپڙو ۽ پڙهائيءَ جو ڪاليج تائين سڄو خرچ اسان پرڻ لاءِ وچن بڌ آهيون. هاڻي تو جهڙي هوشيار ماڻهوءَ کي خبر پئي هوندي تہ اسان ۽ سرڪار ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ سرڪار جيڪو بہ انجام ڪري ٿي اُهو پورو ڪرڻ جي بلڪل اَسمرٿ آهي. اسين انجام نہ ٿا ڪريون پر تڏهن بہ اسان لاءِ جيڪو ڪم ڪري ٿو اُنهيءَ لاءِ سندس مرڻ پڇاڻا بہ جوابدار آهيون. تو جهڙو همت وارو ماڻهو اسان کي ملي تہ جيترو تو سڄي عمر سرڪار جي خدمت ڪري هيل تائين نہ ڪمايو آهي اُهو تون صرف هڪ سال ۾ ئي ڪمائي سگهين ٿو. اسان وٽ لياقت جو قدر آهي. نہ ڌرم جو، نہ ذات جو، ۽ نہ ئي وري ٻوليءَ جو اسان وٽ ڪو بہ فرق آهي، پر ترقيءَ لاءِ اِنهن سڀني فرقن جي سرڪاري نوڪريءَ ۾ اَهميت آهي. اُميد تہ

مسواڙ بہ پري نہ ٿي سگھي تہ ڪورٽ ۾ ڪيس لاءِ هوءَ ڇا ڪري سگھندي!
اَجئڪمار جي بي چئني وڌي ويئي.

اَجئڪمار ڪمزور ٿيندو ويو. ٿورن هفتن کان پوءِ اَچانڪ اَجئڪمار کان جون گھوڙيون ڪچن ۾ دٻيون ۽ اُنهن جي سهاري جوش ۾ وجڻ لڳو. سندس پتنيءَ روڪيندي چيو 'توهان جي طبعيت ٺيڪ ناهي. ڪمزوري بہ وڌي ويئي آهي. هلي بہ نہ ٿا سگھو. اهڙو ڪهڙو ضروري ڪم اَچي پيو آهي، جو ٻاهر ٿا وڃو.'

'ها، هڪ ضروري ڪم آهي، جو مونکي ڪڏهن بہ ياد نہ هو. هاڻي ياد آيو آهي. ائين چئي ڏاڍيءَ مشڪلات سان پاڻ گھليندي ٻاهر نڪري ويو. هڪ آفيم جي اَڏي تي پهتو. سپيئي اَجئڪمار کي ڏسي ڊڄي ويا پر يڪدم پاڻ سنڀالي، چرش، گانجا ۽ آفيم مان موج وٺندا رهيا ڇاڪاڻ تہ اَجئڪمار کي پوليس کاتي تہ اَڳ ئي خارج ڪري ڇڏيو هو. هاڻي تہ هو ساريرڪ ۽ مانسڪ طور بہ بلڪل خارج ٿي چڪو هو.

اَجئڪمار گَتي جي مئنيجر کي ڪجھہ ڪن ۾ چيو. هن پنهنجي نوڪر کي ڪن ۾ ڪجھہ چيو ۽ نوڪر يڪدم ٻاهر هليو ويو ۽ اکين کان غائب ٿي ويو. ٿوري وقت کان پوءِ نوڪر هٿ ۾ ٿيلهي کڻي آيو ۽ اَچي مئنيجر کي ڏني. مئنيجر اُها ٿيلهي وٺي اَجئڪمار کي هٿ ۾ ڏني. ڏڪندڙ هٿن سان اُها ٿيلهي وٺي ڏڪندڙ سرير کي گِھلي اَجئڪمار ٻاهر نڪري ويو.

اَجئڪمار کي هرڪو سنو ڪم پوءِ پلي اُهو ڪيترو بہ خطرناڪ هجي، اُهو ڪرڻ جي همت هئي پر اڄ اِها ٿيلهي وٺڻ کان پوءِ سندس هٿ پير تہ ڪنبڻ لڳا پر سڄو سرير پگھر سان شل ٿي ويو. ٿورو هلي، هر گھڙيءَ ڀي نرڙ تان پگھر جون بوندون اُگھڻ لڳو. ٻہ ٽي قدم هلي ٻهي ٿي رهيو. آخر اُچل ڪائي وچ رستي تي ڪري پيو. ماڻهن گھڻو سهارو ڏيئي کيس اُٿارڻ جي ڪوشش پي ڪئي پر اُهي سڀ سهارا اَڄ بيڪار ٿي ٿيا. سڄي عمر بي سهاري رهيو هاڻي هن کي ڪنهن سهاري جي ضرورت ئي

خاطري آهي تہ مون توهان کي سچ ۽ محنت جي ڪمائيءَ سان ئي پاليو آهي. توهان جي خون ۾ بي ايمانيءَ سان ڪمايل پئسي جي هڪ بوند بہ نہ آهي. مونکي اِنهيءَ ڳالهہ تي فخر آهي پر اَفسوس آهي تہ گهڙيءَ گهڙيءَ بدلي ٿيڻ ڪارڻ تنهنجيءَ تنهنجيءَ ڀيڻ جي جهڙي سٺي پڙهائي مون چاهي ٿي تهڙي سٺي ٿي نہ سگهي آهي. پئسي جي تنگي تہ اَسان کي هميشه رهي آهي. مان جيڪڏهن چاهيان ها تہ توکي سٺي نوڪريءَ تي لڳائي سگهان ها پر جيڪو مون تي اَهڙو اَحسان ڪري ها اُهي مونکان اِنهيءَ احسان جو فائدو بہ ضرور وٺي ها. مان هن کي اُهو فائدو صرف بي ايمان ٿي ئي ڏئي سگهان ها. مون اِنهيءَ ڪري اِهو نہ ڪيو. هاڻي تہ توکي ئي گهر سنڀالڻو آهي. ڀيڻ، ماءُ ۽ جڏي پيءُ کي پالڻو آهي. مون اِهو سڀ ڪري ڪا غلطي تہ نہ ڪئي آهي؟'

'نہ توهان ڪا بہ غلطي نہ ڪئي آهي' اَجئڪمار جي پٽ جواب ڏنو.

'شاباس پٽ، مونکي تو مان اِهائي اُميد هئي.' اَجئڪمار خوش ٿي چيو.

'ٺيڪ آهي. توهان تہ سڄي عمر نرموهي رهيا آهيو. توهان لاءِ تہ ڪو بہ فرق نہ آهي پر مان تہ توهان وانگر نرموهي رهي نہ سگهندس. جيڪڏهن منهنجي ٻارن جي اَهڙي حالت ٿئي جيئن منهنجي ۽ ديديءَ جي ٿي آهي تہ شايد مان پاڻ کي سنڀالي بہ نہ سگهان.' هن حقيقي نوع ۾ چيو.

اَجئڪمار جي خوشي ڪافور ٿي ويئي ۽ غمگين ٿي ويو. پنهنجي ئي پٽ جي ڳالهہ ۾ ڪيس ٺٺولي سمايل لڳي. اَجئڪمار هڪ ٿڌو ساهہ کڻي چيو 'ٺيڪ آ، ٻيو ڪو خاص ڪم ڪونهي. تون پلي وڃي آرام ڪر.' اُنهيءَ ڏينهن کان پيءُ ۽ پٽ جو هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ بہ بند ٿي ويو.

اُنهيءَ وقت کان اَجئڪمار جي ننڊ بہ حرام ٿي ويئي.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ اَجئڪمار کي اِها بہ خبر پئي تہ وجئہ جي وڏوا پتنيءَ جي جڳهہ مالڪ مسواڙ نہ ملڻ ڪارڻ جڳهہ مان اُٿارڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو آهي. هوءَ اَبلا گذر بہ مشڪل سان ٿي ڪري سگهي ۽

اَنڌن جي ڪڏ

سمنڊ جا ڪنارا، گھاٽا جھنگل، وڻ ٽڻ، جبل ٽڪرن ۽ قدرت جي سندر نظارن سان پيار رهيو آهي. هڪ دفعي گهاٽن وڻن سان ڇانئيل جبل گهمندي پير ڪسڪي ويو ۽ لسيءَ گسڪڻ تان ڪسڪڻ وانگر مان هيٺ ڳھلجندو ويس. هيٺ پهچڻ کان پوءِ مٿي نهاريم ته چئني طرفن کان لسا ۽ سڌا اوچا جبل هئا ۽ مان جڻ هڪ اونهيءَ کڏ ۾ اَچي ڪريو هئس، ڪنهن به پاسي کان جبلن تان چڙهي ٻاهر نڪرڻ جو به رستو نه ٿي سمجهه ۾ آيو. جڳهه بلڪل سنسان هئي ۽ ڏپ ويڙهي ويو ته ڪهڙيءَ موت جي ماتريءَ ۾ اَچي پهتو هئس. اَهڙيءَ ته اوڙاهه ۾ اَچي ڪريو هوس جو دنيا ڳولهي ٿڪجي پوندي پر منهنجيءَ هڏيءَ جو به ڪنهن کي پتو نه پوندو. دل ئي دل ۾ قدرتي نظارن ڏسڻ جي پنهنجي شونق کي لوئيندو رهيس ته ڪهڙيءَ ڪٺيءَ ڪنيو جو اَهڙو شونق حاصل ڪيم. ڪٿي به ڪا چرپر ڏسڻ ۾ نه ٿي آئي. وڻن جا ٿورا جهڳٽا هئا، اُتي ويهي رهيس ۽ سوچڻ لڳس ته ڪيئن هتان نڪرجي. ٿڪاوٽ سبب ۽ ٻي وسيءَ ڪارڻ ٿوري اک لڳي ويئي.

نہ هئي. ڪمزوريءَ ڪارڻ بيماريءَ ۾ جڏهن ڪري هئڻ ڪري اَجئڪمار جي همت ٽٽي چڪي هئي. اِنهيءَ بانڪي بهادر ڪي همت بہ سات نہ ڏنو. ٻيهريون دفعو اِهو ڪم ڪرڻ خاطر اَجئڪمار جي وچ چونڪ ۾ دل ئي ٽٽي پئي. گهر ۾ سڀ اِنتظار ڪندا رهيا. اَڌ رات جو ئي ڪين حقيقت معلوم ٿي تہ اَجئڪمار هن بي ايمان دنيا کان ۽ حرامخورن کان نجات حاصل ڪري چڪو هو.

ٻئي ڏينهن اَجئڪمار جي چڪيا جلائڻ کان اڳ اخبارن ۾ ڪالم ڪارا ٿي ويا.

'ايمانداريءَ جو ڍونگ ڪرڻ واري اڳئين پوليس آفيسر جو وچ چونڪ تي موت، سندس هٿ ۾ ٿيلهيءَ مان پنج لک روپيا مليا. پوليس ۾ نوڪري ڪندي خبر نہ آهي تہ هن ڪيترو ناڻو ناهيو هوندو!'

اَجئڪمار جي چتا کي آڳ سندس پٽ ڏني. اِها چتا ايماندار پوليس آفيسر اَجئڪمار جي چتا نہ هئي. اِها چتا ايمانداريءَ جي آخرين چتا هن بي ايمان دنيا ۾ هئي. اَهڙي محڪمتا اَجئڪمار جي پٽ جي منهن مان صاف ظاهر هئي.

کي لائق سزا ڏيئي هن جا هوش ٺڪاڻي آڻي. هيءُ سبق به سکندو ۽ سندس گستاخي به گھٽجندي.' هڪ جڻي چيو.

ٽنهين مونکي سوگھو جهليو ۽ ڌڪا ڏيندي وٺي هليا.

اڌ رستي تي هڪڙي چيو 'هيءُ ته ڪو صفا جڏو آهي. ٿاٻا کائيندو ٿو هلي. سائي گاهه کي لتاڙيندو ٿو هني ۽ گلن کي به ڪچليندو ٿو هلي.'

مونکي غصو اَچي ويو 'خبردار! جي مونکي جڏو چيو اَٿوَ. مان توهان وانگر انڌو ڪو نه آهيان. مان ڏسي سگھان ٿو.' مون چيو.

'اِها ته اسان کي به خبر آهي ته تون اسان جهڙو نه آهين، تڏهن ئي ته تنهنجا هوش حواس ايترا ته ڪمزور آهن، جو ٿاٻا کائيندو ٿو هلين. جن اکين تي ناز ٿو ڪرين اُنهن جي هوندي به تو ڏکو کاڌو ۽ اَچي اسان جي کاهيءَ ۾ ڪريو آهين. هاڻي هڪ لفظ به وات مان ڪڍيو اٿيئي ته اسان ٽيئي تنهنجي اَهڙي حالت ڪنداسين جو تون پنهنجو پاڻ کي به سڃاڻي نه سگھندين.'

اِهو دڙڪو ٻڌي مون سياڻپ اِنهيءَ ۾ سمجهي ته چپ چاپ هلان جنهن هنڌ جي سڌ نه هجي اُتي داداگيري نه ڪجي. منهنجو به وقت ايندو. مونکي به اکيون آهن. مان هنن انڌن جو راجا ٿي سگھان ٿو. مان اِنهيءَ خوش خياليءَ ۾ ئي هوس ۽ اَچي شاهي دربار ۾ پهتس. راجا به اَچي سنگھاسن تي ويٺو. راڄ دربار ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ کي اکيون ڪو نه هيون. اکين واريءَ جڳهه تي صرف اکين جا کُب هئا. راجا گھڙيءَ گھڙيءَ پنهنجو ساڄو ڪن مون طرف پئي ڪيو. آخر شروعات ڪندي چيائين 'هيءَ ته ڪا عجيب بانس پيئي اَچي. هن جي ڇاتي به دهل وانگر دڪ دڪ پئي ڪري. هن جي منهن ۾ هي به کھڙيون شيون آهن، جي ڦڙڪنديون ٿيون رهن ۽ صفا بيهن ئي نه ٿيون. لڳي ٿو ته نسن جي بيماريءَ هن جو تنتي سرشتو ئي هيٺو ڪري ڇڏيو آهي.

مونکي دربار ۾ آڻيندڙن مان هڪ جڻي چيو 'قبلا، اسين به اِنهيءَ ماجرا تي حيران آهيون. هيءُ مورک اِنهن کي اکيون ٿو چوي ۽ چرين وانگر گھڙيءَ گھڙيءَ پيو وڦلي ۽ دهرائي ته مان ڏسي سگھان ٿو - مونکي

اوچتو ئي آواز ٻڌڻ ۾ آيو ’اَڙي هتي ڪنهن عجيب پراڻيءَ جي بانس تي اَچي.‘ منهنجا ته ڏيڍر ئي ڍرا ٿي ويا. ننڍي هوندي آدمخور راڪاسن جون ڪهاڻيون ٻڌيون هيون. ڪٿي اَهڙن راڪاسن جي ملڪ ۾ ته نه اَچي پهتو آهيان. دل ئي دل ۾ پرارٿنا ڪرڻ لڳس ’هي مالڪ، هن دفعي هن مصيبت مان ڇڏائج ته جيستائين جيئرو رهندس تيستائين هرروز تنهنجي مندر ۾ ضرور ايندس.‘

’ها، يار مونکي به اَهڙي بانس ٿي اَچي.‘ ٻيو آواز ٻڌم.

’ڪير به هجي اسان جي هٿان ڪير به هيل تائين بچي نه نڪتو آهي. ڳولهيوس.‘ ٽيون آواز آيو.

ڏٺم ته ٽي جڻا مون طرف وڌندا ٿي آيا. اُنهن ٽنهين هٿوراڙين وسيلي مونکي ڳولهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. ساهه ۾ ٿورو ساهه پيو ۽ همت ٿوري وڌي. دل ئي دل ۾ سوچيم ’هي ته سڀ اَنڌا آهن. اَنڌن ۾ ڪاڻو به راجا، مونکي ته مالڪ به اکيون ڏنيون آهن. جيئن هو مونکي ڳولهي نه سگهن، مان وچي گهاٽن وڻن ۽ جهنگن ۾ لڪي وينس. بلڪل بي فڪر. منهنجي عجب جي حد نه رهي جڏهن اوچتو ئي ٽنهين جڻن جي هٿ ساڳئي ئي وقت اَچي منهنجي ڳلي کي قابو پڪڙيو.

’تون ڪير آهين؟ ڪٿان جو جاسوس آهين‘ ٽنهين ساڳئي وقت پڇيو.

’ڀائي، مان قدرتي نظارن ڏسڻ جو شونقين انسان آهيان. ڪنهن به جاسوسيءَ جي خيال کان نه آيو آهيان. اِجهو هن جبل جي چوٽيءَ تان ٿابو کائي هيٺ ڪسڪندو آيو آهيان.‘ مون چيو

ٽنهين جا عجب ۾ وات ڦاٽي ويا. هڪ چيو ’ڪهڙو بيوقوف آهي جو قدرتي نظارن ڏسڻ جو شونق ٿو رکي!‘

مونکي هلڪي ڪل اَچي ويئي ۽ ننڍپڻ جو ٻڌل هڪ پهاڪو ياد اَچي ويو ’اَنڌو وينو ڇت تي، ڇي مان سيني کي ٿو ڏسان، مونکي ڪير به نه ٿو ڏسي سگهي.‘

’هي مورک ته گستاخ ٿو لڳي. بادشاهه سلامت وٽ وٺي هلوس ته هو هن

بادشاهہ وري پنھنجو ساڄو ڪن مون طرف ڪيو، شايد اُنهيءَ ڪن وسيلي هو مونکي خوب ڄاڻي ٿي سگهيو. ’تون منهنجيءَ دل جي ڌڙڪن ٻڌي سگهين ٿو؟‘ بادشاهہ سوال ڪيو.

مون بہ هوشياري ڏيکارڻ خاطر تہ مان بہ ڪانئن ڪنهن حالت ۾ گهٽ نہ آهيان، مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو، ’ها ، مان دل جي ڌڙڪڻ ٻڌي سگهان ٿو.‘

’ڪوڙو، بي ايمان!‘ راجا غصي ۾ چيو. ’مون تہ پنھنجيءَ دل جي ڌڙڪڻ هن سنگهاسن تي وهڻ سان ئي بند ڪري ڇڏي جيئن مان سڀ ڪجهہ ٻڌي سگهان. تون پنھنجيءَ دل جي ڌڙڪڻ بند ڪري سگهين ٿو؟‘ راجا مونکان پڇيو.

مان شرمندو ٿي ويس ۽ چيم ’نہ ......‘

’تون تہ اَصل جڏو آهين، نڪمو ۽ بلڪل بيڪار. جيڪو پنھنجيءَ دل کي وس ۾ نہ ٿو رکي سگهي، اُهو ڪجهہ بہ حاصل ڪري نہ ٿو سگهي. مون کي لڳي ٿو تہ تون پنھنجن حواسن جو نيڪ استعمال نہ ٿو ڪرين اِنهيءَ ڪري ئي تو ۾ اسان جهڙي شڪتي ناهي.‘

مونکي عجب لڳو تہ مان هر خيال کان نيڪ آهيان پوءِ بہ هي مونکي گهٽ ڇو ٿا سمجهن. مون کي اکيون آهن. هنن مان ڪنهن کي بہ اکيون ڪونهن. مون اڃا اهو سوچڻ بند بہ نہ ڪيو تہ بادشاهہ چيو ’آڙي مورک، جا شيءِ تون نيڪ استعمال نہ ٿو ڪري سگهين تہ اُها شيءِ تنهنجي نہ آهي. اِنهن اکين تي ايڏو ايمان نہ ڪر. پاڻ کي تون اکين وارو ٿو سمجهين پر اکين ڏنل سچ چوڻ جي ڪڏهن توکي همت ٿي آهي؟ ڪنن سان ٻڌل سچ چوڻ جي همت ڪڏهن توکي ٿي آهي؟ اِها زبان جيڪا تون نانگ وانگر هلائين ٿو اُنهيءَ وسيلي گهڻا دفعا سچ چيو اَٿيئي؟ جڏهن تون حواس غلط ڍنگ سان استعمال ڪرين ٿو تہ ضرور بدحواس ئي ٿيندين، جيئن تون لڳين ٿو.‘

مونکي وڏيڪ عجب اِنهيءَ ڳالهہ تي لڳو، جو هي تہ منهنجا خيال بہ ڄاڻي ٿي سگهيو ۽ غصو بہ لڳو جو هي سڀ مونکي هڪ گهٽ قسم جو

نہ غصو ٿو اَچي ......'

بادشاهہ هن کي اڏ ۾ ئي ڪٽيو ۽ تڙي ڪيندي چيو 'هتي اسين سپيئي پيار ۽ محبت ۾ رهيا پيا آهيون. اسان جا وڏا چئي ويا آهن تہ غصو نہ ڪجي انهيءَ سان اسان جي شڪتي ضايع ٿي ٿئي ۽ اسين پنهنجا هوش حواس بيڪار ڪري ٿا ڇڏيون. وري ڪڏهن غصي اَچڻ جي ڳالهہ ڪئي اٿيئي تہ مان توکي بہ سزا ڏيندس.'

چوطرف شانتي ڇانئجي وئي. بادشاهہ هڪ ننڍي شيءِ پنهنجي هٿ مان پٽ تي ڪيرائي. اُنهيءَ جو ٿورو آواز ٿيو پر مونکي عجب اِنهيءَ تان لڳو جو بادشاهہ ۽ دربار ۾ سڀني ماڻهن پنهنجن هٿن سان زور سان ڪن دٻائي ڇڏيا، جڻ تہ ڪو اَئٽم بم ڦاٽندو هجي. ٿوري وقت ڪان پوءِ بادشاهہ چيو 'هيءُ تہ صفا ٻوڙو جهڙي پٽ آهي. لڳي ٿو تہ هيءُ اُتان آيو آهي جتي غصو، ڏڪار، جهيڙو، لڙائي، لوڀ ۽ ٻيون انيڪ قسمن جون برايون ميسر آهن، اِنهيءَ ڪري هن جا ڪن آهستي ٻڌڻ جي شڪتي ڪوهيندا ٿا وڃن. اسان جي آڳاٽي اتهاس ۾ لکيل آهي اُنهيءَ ساڳئي هنڌ ڪان اسان جا ابا ڏاڏا آيا هئا. صرف پنج ڪٽنب آيا هئا ۽ اسين سڀ اُنهن ڪٽنبن جا وارث آهيون. اُنهن ڪٽنبن جي هڪ ڪٽنب جي هڪ ماڻهوءَ سرڪار جي اکين ڏٺل انياچار تي هڪ ڪتاب لکيو هو ۽ اِنهيءَ ڪري هن جي سڄي ڪٽنب جون سرڪاري حڪم موجب اکيون ڪڍيون ويون سو بہ تپيل شيخن وسيلي. ٻئي ڪٽنب جي هڪ ماڻهوءَ ٻئي ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي دوست جي پٺيءَ ۾ ڇرو هڻندي ڏٺو هو ۽ اُهو سچ چئي ويٺو. اُنهيءُ ماڻهوءَ غصي ۾ اَچي هن جي سڄي ڪٽنب جون اکيون ڪڍي ڇڏيون جيئن هن جي شاهديءَ تي ڪو بہ اعتبار نہ ڪري. ٽئين ڪٽنب جي ماڻهوءَ جي سڳي ڀاءُ ئي ساڻس ڪپٽ ڪئي ۽ دشمنيءَ ۾ سندس سڄي ڪٽنب جون اکيون ڪڍائي ڇڏيون. چوٿين ڪٽنب جي ماڻهن جون اکيون صرف اِنهيءَ ڪري ويون جيئن حرامخور زميندار سندن زمين ڦٻائي سگهي. پنجون ڪٽنب ڌرم جي انڌ وشواسين جو شڪار ٿيو. عجب اِهو جو اُنهن اِهو سڀ پنهنجو ڌرمي فرض سمجهي ڪيو.'

دماغ ۾ نہ ويني آهي.'

متان اِنهيءَ بي سمجهيءَ سبب جيل ۾ وڌيڪ ڏينهن گذارڻا پون اِنهيءَ ڏپ وچان چيم 'معاف ڪجو مهربان. هن ڇت زبان کان غلطي ٿي وئي. روڪڻ سان بہ زبان کلي ٿي وڃي ۽ زور ڏيڻ سان بہ دماغ نہ ٿو کلي. هاڻي مان سمجهي ويو آهيان.'

اُنهيءَ ڏينهن ئي شام جو شاهي دربار ۾ حاضر ڪيو ويس.

'ڏسي سگهين ٿو؟' بادشاهہ پڇيو.

'نہ حضور، بلڪل نہ. چوطرف صرف اوندهہ ئي آهي.'

'شاباس. هن کي خوب ڪاڏو پيتو ڏيو ۽ هر خيال کان خوش رکو. ڪنهن کي ائين ستائڻ ٺيڪ نہ هو پر هن جي سڌاري لاءِ اهو بلڪل ضروري هو. هڪ اَهم ڳالهہ ٻڌو. هرهنڌ عورت هڪ عجيب پرولي هوندي آهي. سياڻا مرد اِنهن کي وٺن ڪو نہ ۽ مورکن تي هرک هاريو وهن. منهنجي شهزادي پيڻ بہ هن مورک تي ،اکن چڪن ٿي پئي آهي. جي هيءُ اسان جي طريقن موجب سڌري هليو تہ شهزاديءَ جي شادي هن مورک سان ئي ڪرائڻي پوندي. پيار اسان جو جيون آهي ۽ ڌڪارڻ اسانجو موت.'

چوطرف چوٻولو مچي ويو. 'اِنهيءَ سان تہ قوم جي ستياناس ٿي ويندي. اَهڙو وير پاءَ سان پريل پليت خون جي اسان جي قوم ۾ آيو تہ اسين سڀ برباد ٿي ويندا سين.' نوجوانن وڌيڪ گوڙ ڪيو ڇو جو هو شهزاديءَ جي هٿ لاءِ گهڻي وقت کان آس رکي ويٺا هئا.

هڪ بزرگ اُٿيو. چوطرف شانتي ڇانئجي ويئي. بلند آواز ۾ هن چيو 'بادشاهہ سلامت. هيءُ پهريون دفعو آهي جو اسان جا جوان جوش ۾ آيا آهن. هن ڪميٽي جي حاضريءَ سان ئي هيءَ ماجرا آهي تہ هن جو خون تہ قوم جي لاءِ پرليہ ثابت ٿيندو. هتي بہ لچاين، بدمعاشيون، چوريون، لٽ مار، قرلٽ، گهوٻيون، وشواس گهات، خونريزي، هنسا، واسنا، لوڀ مطلبيپڻو، ڪروڌ ۽ اَبوجهن جي پنيءَ ۾ ڇري هٽڻ جهڙين انيڪ موتمار گناهن جون بيماريون پئدا ڪندو. اسان جي ايندڙ پيڙهي بہ هن وانگر مورک ۽ بدحواس پئدا ٿيندي. اُهي ڪنن سان گهٽ ٻڌندا، هر شيءَ

ساهوارو ٿا سمجهن.

بادشاهه چيو ’غصو نه ڪر مورڪ. اِنهيءَ مان به صرف توکي ئي نقصان آهي.‘

مون غصو دٻائي حليمائيءَ سان چيو ’بادشاهه سلامت، مان جنان آيو آهيان اُتي سياڻا چوندا آهن ته جتي انڌا هجن اُتي هڪ اک وارو به راجا. مونکي ته به اکيون آهن. مان ڏسي سگهان ٿو. مان ته شهنشاهه ٿي سگهان ٿو ۽ توهان سڀئي منهنجي حڪم جا ٻاندا.‘

بادشاهه کي غصو اَچي ويو. ’وٺي وڃو هن مورڪ کي. هيءُ مونکي ايترو ته غصو ٿو ڏياري جو مان پنهنجا هوش حواس ئي نه ڪوهي ڇڏيان. جڏهن کان آيو آهي، گڏهه وانگر اِٽ هٽي بيٺو آهي ته مان ڏسي سگهان ٿو، مونکي اکيون آهن. هن کي ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند رکوس. ڪاڏو ته ٿهيو پر کيس پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه ڏجوس جيستائين اکيون ۽ ڏسڻ اکر هن کان نه وسريا آهن ۽ سندس خشڪي ۽ چرپائپ نه گهٽي آهي.‘

ڪاڏي جو ته سوال ئي نه هو. پاڻيءَ جي هڪ ڦڙي بنا چار ڏينهن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ بند رهيس. اکين اڳيان صرف اوندهه ئي اوندهه هئي. مان سچ پچ ڪجهه به ڏسي نه ٿي سگهيس.

همیشه وانگر دربان سوال ڪيو ’ڏسي سگهين ٿو؟‘

’بلڪل نه ......‘ مون چيو.

دربان خوش ٿي چيو ’شاباس! بادشاه سلامت توکي اِنهيءَ حالت ۾ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو. مان هينئر ئي اِها خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ ماڻهو موڪليان ٿو.‘

هن جيل ۾ صرف اِهائي هڪ ڪوٺڙي آهي يا ٻيون به ڪي ڪوٺڙيون آهن؟‘ مون سوال ڪيو.

’مورڪ! اسان وٽ پيار ۽ محبت جو وهنوار ٿئي ٿو. هتي نه ڪو خوني آهي ۽ نه ئي ڪو چور. نه ڪنهن تي ڪو ظلم ٿو ٿئي. هتي ظالم به ڪونهي ته مظلوم به ڪونهي. ڪنهن سان به بي ايماني، دوکيبازي يا وسواس گهات نه ٿو ٿئي. لڳي ٿو ته اِها ڳالهه اچا تائين تنهنجي خالي

خاطر ڏکندي چيو ’ها ....‘

بادشاهہ سلسلو جاري رکندي چيو ’قربانيءَ کانسواءِ پيار ٽيندو ئي ڪونهي. مان ڄاڻان ٿو تہ اِنهن اکين جي ڪري هن مورک جي دماغ کي شانتي نہ ٿي ملي ۽ اِنهيءَ ڪري دماغ جي شڪتي گھٽجندي ٿي رهي. ڪنهن بہ ڳالهہ تي هڪ غور نہ ٿو ڪري سگهي. هن جا خيال بدلجندا ٿا رهن. اِنهيءَ پيڙا کان هن کي ڇڏائڻ خاطر ۽ پنهنجيءَ قوم ۾ هن کي جذب ڪرڻ خاطر، شاديءَ کان بہ ڏينهن اڳ هن جون ٻئي اکيون ڪڍي ڪانون کي کارائيندا سين. اِهو منهنجو فيصلو آهي.‘

هرڪنهن خوب تاڙيون وڄائي بادشاهہ جي عقلمنديءَ کي داد ڏنو. منهنجا تہ ڍڍر ئي ڍرا ٿي ويا. اَنڌن جي ملڪ ۾ ڪاڻو بہ راجا پر هتي تہ مان ماڳهين پنهنجيون اکيون ٿو وڃايان.

تاڙين جي آواز ۾ بادشاهہ ڪجھہ چيو جو مان نہ ٻڌي سگهيس ۽ نہ سمجهي سگهيس. سڀ هليا ويا. مان بہ هلڻ لڳس تہ هڪ خوبصورت ۽ نازڪ هٿ اَچي منهنجو هٿ جهليو. مان بہ هاڻي عقل ۾ تيز ٿي ويو هوس. مان سمجهي ويس تہ هيءَ پڪ ئي پڪ شهزادي ئي هوندي. شهزادي هر خيال کان هڪ سندر استري هئي. صرف کيس اکيون ڪو نہ هيون. هاڻي ڪهڙو فرق پوندو. مان بہ جلد هن وانگر ئي ٿي ويندس.

’بادشاهہ جي حڪم موجب مان توکي گھمائڻ وٺي ٿي هلان. آخرين دفعو پنهنجين اکين سان راڄڌاني ڏسي دل خوش ڪر، باقي بہ ڏينهن آهن.‘ شهزاديءَ پيار سان چيو.

گھمندي هڪ باغ وٽ پهتاسين جتي گل ڦل هئا، تازي سائيءَ ڇٻر جا ڄڻ غاليچا وڇايا پيا هئا. وڻ ٽڻ بہ خوب هئا. بلڪل شانت هئي قبرستان وانگر.

’هل تہ اندر هلي گھمي اَچون.‘ مون چيو.

’اندر وڃڻ جي منع آهي.‘ شهزاديءَ چيو.

’هي قبرون ڪنهن جون آهن؟‘ مون پڇيو.

’هي قبرون ڪونهن هي زوريءَ ناهيون ويون آهن، جيئن ڪو بہ

جي سنگهڻ سان پرک ڪرڻ جي شڪتي هميشه لاءِ غائب ٿي ويندي. ڪنهن جي به دل ضابطي ۾ نه رهندي. هرڪو دل جي وس هوندو. ڪنهن جي به دل وس ۾ نه هوندي. هن نيچ جي خون جو شاهي گهراڻي جي خون سان ميل ڪيئن ٿا ڪرايو؟ توهان ته پنهنجي ئي هٿن سان قوم جي رکشا ڪرڻ بدران نابودي ٿا آڻيو. اَسين ته سڀ ناس ٿي ويندا سين ۽ آخر هتي وحشين جو ئي راڄ قائم ٿيندو. اِهي وحشي پاڻ کي آپي وڇان عقلمند ٿا سمجهن، جيتوڻيڪ سندن کو به حواس برابر ڪم ڪرڻ جي قابل به نه آهي. جن اکين تي هن پاڳل کي ناز آهي ۽ هر گهڙيءَ چرين وانگر وڦلي چوندو ٿو رهي ته مان ڏسي سگهان ٿو. اُنهن اکين جي هوندي به ڏکا ۽ ٿاٻا کائيندو ٿو هلي. توهان سڀيءَ پرجا کان هر ڳالهه پڇڻ آهيو. هر حواس جي اُپيوگ ۾ توهان جي مت کو به ڪونهي. عقل جا ته اڪابر آهيو. توهان هيءَ شادي نه ڪرايو ته اُهو سيني لاءِ بهتر ٿيندو پر جيڪڏهن شادي ڪرائڻ ضروري سمجهو ته اُنهيءَ جو ڪو اهڙو نمونو ڏسيو جو نانگ به مري ۽ لٺ به نه ڀڄي.'

'مان راڄ گوروءَ جي اُپديش ۽ صلاح تي پرسن ٿيو آهيان. هيءَ مت جو موڙهو اُتان آيو آهي جتان اسان جا اَبا ڏاڏا آيام اڳ بي ايمان، حرامخور، وشواس گهاتي سرڪار ۽ اُنهيءَ جي رشوتخور عملدارن ۽ چوربزاري ڪندڙ شاهوڪارن ۽ ڪميڻن لالچي زميندارن جي هٿان سزا پائي، اکيون وڃائي هتي اَچي هميشه لاءِ ٿانئيڪا ٿيا هئا. پيار ۽ وشواس اسان جي جيون جو هڪ اٽوٽ حصو آهي. وشواس رکي دوکو کائڻ اُهو بهتر آهي بنسبت اُنهيءَ جي جو صفا وشواس ئي نه ڪجي. دوکو کائڻ وارو شريف هوندو آهي ۽ دوکو ڏيڻ وارو بي ايمان. مون هڪ تجويز سوچي آهي. شهزادي هن کي پيار ڪري ٿي اِها حقيقت آهي. پيار جي راهه ۾ رڪاوٽ وجهڻ اسان جي تهذيب جي خلاف آهي. اسان کي صرف اِهو ڏسڻو آهي ته هن مورک ۾ پيار جي جذبات آهي يا نه.' بادشاهه سلامت مون ڏانهن پنهنجو ساڄو ڪن ڪندي پڇيو 'تون شهزاديءَ کي پيار ڪرين ٿو؟'

مون سلامتيءَ جي خيال کان ۽ ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ وري وڃڻ کان بچڻ

مذاق ڪري رهيا هئا جڻ ته مان ڪو سرڪس جو مسخرو هوس. منهنجو سڄو بدن رهڙن سان پريل هو ۽ رت ٻاڙيندو رهيس. ڪپڙا ته ڦاٽي اڳڙيون ٿڳڙيون ٿي ويا.

بادشاھ حڪم ڪيو ’هاٿي هو واپس اَچي نه سگھندو. جي ويجھو ايندو ته هن جو به سپاهين وانگر حال ٿيندو. آخر عادت موجب وشواس گھات ڪري ئي وينو. سٺو اِهو ٿيندو ته اسين هن کي هڪ ڀيانڪ سپنو سمجھي وساري ڇڏيون.‘

مون واڪو ڪري چيو ’اها ڪڏ نه آهي پر جنت آهي. مونکي پيار آهي لکڻ سان، پڙهڻ سان، قدرتي سندرتا جي نظارن ڏسڻ سان. اِنهيءَ پيار جي صدقي مان اکين جي قرباني ڪري نه ٿو سگهان. شهزادي صاحبان! مونکي مورک سمجھي معاف ڪري ڇڏ. عورت جي خوبصورتيءَ مونکي ڪڏهن به نه ڇڪيو آهي‘

شهزاديءَ خوش خيريافت جو هٿ مٿي ڪٽي لوڏيو. مون به شڪر گذاريءَ طور هٿ مٿي ڪنيو. شهراديءَ معاف ڪيو اِهو ڄاڻي من به مانو ٿيو. معاف ڪرڻ به هڪ پيار آهي مون اِهو به ڄاتو. انڌن جي ملڪ ۾ ڪاڻو به راجا جو سپنو نه ڏسي ڄاڪاڻ ته مشڪل سان مان پنهنجيون اکيون بچائي پئو آهيان. ماڻهن کي اِهو بڌائڻ لاءِ جيئن ئي ڊوڙ پائڻ لاءِ مان مڙيس ته اکين هوندي به ٿابو کاڌم ۽ سڄاڳ ٿي ويس. اکيون جن ۾ حياءُ ۽ ساڃھه نه هجي اُنهن جي هجڻ مان ڪهڙو فائدو. اَهڙي اکين واري بي شرم اِنسان ۽ انڌي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جنهن انسان ۾ پنهنجي سمجھه نه هجي ته اُنهيءَ لاءِ شاسترن ۾ سمايل گيان جو ڪو به اُپيوگ ڪونهي جيئن اَنڌي لاءِ آرسي.

هنان سولائيءَ سان ٻئي پاسي نہ وڃي سگهي ۽ نہ ئي ٻئي پاسي کان ڪو بہ سولائيءَ سان اَچي سگهي.‘

’مطلب؟‘ مون پڇيو.

’سچ پچ تون پولو آهين. تڏهن ئي تہ مان توکي چاهيان ٿي. جن کي اکيون ڪونهن اُهي هن پاسي کان ٻئي پاسي اِنهن جي ڪري وڃي نہ ٿا سگهن ۽ جن کي اکيون آهن اُهي ساڳيءَ طرح ٻئي پاسي کان هتي اَچي نہ ٿا سگهن. سامهون جيڪو وڏو ٿلهو نهيل آهي اُتي ئي تنهنجيون اکيون ڪڍي ڪانون کي کارائينداسين ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ ساڳئي ئي هنڌ اسان جي ڌوم ڌام سان شادي ٿيندي.‘

مان سڄي رات سوچيندو رهيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو سڻي نموني سنان ڪرائي، اکيون ڪڍڻ جي رسم ادا ڪرڻ خاطر ڏاڍيءَ عزت سان سپاهي مونکي وٺندا هليا. شهزادي، راجا، منتري ۽ سڄي پرجا اَچي اُتي ڪٺي ٿي هئي. ٿلهي تي اَچي بيٺس. بہ وڏيون ڇهنبدار شيخون باهہ ۾ گرم ڪرڻ لاءِ رکيون ويون. جڏهن شيخون تپي تيار ٿيون تہ بادشاهہ ٻن جاڻن سپاهين کي منهنجون ٻانهون پڪڙڻ لاءِ چيو. منهنجو وقت اَچي ويو. مان چلانگ ماري باندر وانگر ٽپا ڏيندي ڦبرن وٺان ساهہ مٺ ۾ رکي تيز ڊوڙيس. ڪرندو بہ ويس تہ وري اُٿندو ويس. ٽپا ڏيندو جبل تي چڙهڻ لڳس. پير ڪسڪيا پر گوڏا چلائيندو، رهڙون ۽ ڏڪا سهندي هٿ ۾ ايندڙ هر گاهہ ٻوٽي ۽ ڪنڊن جو سهارو وٺندي ڇتي ڪتي وانگر سهڪندو جهپ ڪڍندو جبل چڙهندو رهيس. جڏهن جبل جي چوٽيءَ تي پهتس تہ هيٺ نهاريم. سپاهي مونکي پڪڙڻ جي اَجاں بہ ڪوشش ڪري رهيا هئا. جيئن ئي هو ڦبرن جي ويجهو ٿي آيا تيئن ئي اُهي زوردار ڏڪا کائيندي پريان ڪرندا ٿي ويا. اُنهن سپاهين جا حواس ايترا تيز هئا جو هنن کي اِنهن ڦبرن مان زوردار ڏڪو ٿي مليو ۽ منهنجو سرير ايترو تہ اَٿاسو هو جو مون تي اَهڙو ڪو بہ اَثر نہ ٿيو. سيني جا ساڃا ڪن مون طرف هئا. منهنجي باندرن وانگر ٽپا ڏيڻ تي ۽ ڪتي وانگر سهڪڻ تي سپ کلي رهيا هئا ۽

سبب ماڻهو هن کي سماج سيوڪ به سمجهندا هئا. ڪي هن کي غريبن، ڏکين جو همدرد ۽ سهارو سمجهندا هئا. اِنهيءَ ڪري اُستاد پاڻ کي ٿورو گهڻو عزت ۽ آبروءَ وارو سمجهڻ لڳو. اِهو سڀ ڪرشمو هن جي ٻڌيءَ جو نه، نه ئي وري هن جي ٻل جو هو پر صرف ڏيڄاريندڙ شڪل جي ڪارڻ ئي هو.

اُستاد هڪ لاريءَ جو ڊرائيور هو. ڪنهن سيٺ جي چوريءَ جو مال هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ اُنهيءَ لاريءَ وسيلي پهچائيندو هو. اَهڙي ڪم لاءِ هڪ ڏيڄاريندڙ شڪل وارو ئي ماڻهو سيٺ کي کپندو هو. سيٺ به اُستاد جي بدصورتيءَ جو فائدو ئي ٿي ورتو. اِنهيءَ صورت جي ڪري سيٺ به اُستاد سان خراب نه هلندو هو. پگهار گهٽي ڪو نه هئس پر ڏپ وچان سيٺ اُستاد کي ڪڏهن به گهٽ وڌ نه ڳالهائيندو هو. اِهو ڏپ سيٺ کي چوريءَ جو ڪم ڪرڻ کان به وڌيڪ اُستاد جي شڪل جو هو.

اُستاد ٿوري ئي پگهار مان سٺي نموني ڪائيندو هو. هڪ پڳل ٽٽل روم ۾ اڪيلو مسواڙ تي رهندو به هو. جيئن لاريءَ کي هلائڻ لاءِ پيٽرول کپندو آهي اَهڙي نموني اُستاد کي هلائڻ لاءِ شراب پيئڻ ضروري هو. چار پاڪيٽ سادين سگريٽن جا به هن جي روز جي راشن جو حصو هئا. رات جو ماني ڪنهن خاص هنڌ ڪو نه کائيندو هو پر منجهند جي ماني هن جي خاص هٽيءَ ۽ خاص هوٽل ۾ ئي ڪائيندو هو. چار مکڻ وارا پراٺا، به اسپيشل ڀاڄيون ۽ مٺاڻ لسيءَ جو هڪ گلاس.

سيٺ کي چوريءَ جو مال ڪنهن گدام ۾ پهچائڻ جو نئون نيڪو مليو. اُستاد روز منجهند جي ماني کائڻ کان پوءِ لاري مال سان ڀرايل ڪٽي اُنهيءَ گدام ۾ مال لهرائڻ لاءِ ڪٽي ويندو هو. جيستائين مال لاريءَ مان لهي، اُستاد گدام جي چوگرد گهمندو ڦرندو رهندو هو. ڪڏهن ڪنهن سادي هوٽل ۾ وڃي هڪ ڪوپ اسپيشل چانهه جو به پيئندو هو ۽ ساڻ ساڻ فلمي مخزنون ۽ ائڪٽرن ۽ ائڪٽريسن جا فوٽا ڏسي وقت گذاريندو هو.

قسمت جو چڪروبوھ

ڪڏھن بہ ڪنھن اُستاد کي ڪنھن سان وڙھندي يا مار ڪٽ ڪندي نہ ڏٺو ھو. سندس بدني بيھڪ ڏھڪائيندڙ ھئي. اُنھيءَ ڪان بہ وڌيڪ سندس چھرو ڊيڄاريندڙ ھو. اِنھيءَ ڪري ئي اُستاد کان ھرڪو ڊڄندو ھو. اکيون قاتل، ڏند نڪتل، بدن ٿلھو ۽ رنگ بہ پڪو ڪارو. اُستاد کي اِھا بہ ڄاڻ ھئي تہ شرير ۽ شڪل جي لحاظ کان منجھس ڪشش تہ پري رھي پر پاڻ ھر ڪنھن کي پريان پڄائي ڇڏڻ جي شڪتي ھئي. ھرڪنھن لاءِ ستائڻ واسطي مالڪ ڪو نہ ڪو اِنسان يا اِنساني روپ ۾ ڪو حيوان خلقيو ئي آھي، پر اِھو مسئلو اُستاد لاءِ ڪو نہ ھو. اُستاد جي بيھڪ ۽ شڪل جي ڪري ڪنھن کي بہ ھمٿ نہ ٿي ٿي جو ڪيس ڪير ستائي. اُستاد گھڻتائي محسوس ڪندو ھو پر سندن شڪل جي ڪري جو ھراس ماڻھن ۾ ھو اُنھيءَ تي فخر بہ ھئس. اِھو ڏھڪاءُ قائم رکڻ واسطي ڇاتي ڦوڪي، ٻاٽ اوچو ڪري ٻانھون داداگيرن وانگر ھلائي ھلڻ، ھن جو دستور ٿي چڪو ھو.

اِنسان ٻل، ٻڌي ۽ سونھن جو فائدو وٺندو آھي، پر ھن کي بدصورتيءَ ڪارڻ جو مان ۽ مرتبو ماڻھن مان ملندو ھو، اُھو ئي فائدو ڏيندڙ لڳندو ھو. اُستاد جو ڪو بہ ڪم ڪار ھوندو ھو تہ ھرڪو ڊپ سبب جلدي ڪري ھن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاھيندو ھو. جلدي ڪم ڪرائي اَچڻ

’نہ پائي ائين ڪونهي. توکي هن جي حالت ڏسي رحم ٿو اچي پر هن مائيءَ کي ڪا بہ گهٽتائي محسوس نہ بہ ٿيندي هجي.‘

’سو تہ آهي ئي پر تڏهن بہ هڪ انسان جي مجبوري ڏسي ٻئي اِنسان کي رحم تہ ايندو ئي.‘ اُستاد چيو.

’غريبن ۽ فقيرن تي رحم اَچڻ سياويڪ آهي پر اِهو رحم اَجايو آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجيءَ حالت تي ايترو تہ هري ويندا آهن جو هنن کي اُنهن ماڻهن تي ئي غصو ايندو آهي، جي مٿن رحم کائيندا آهن تہ ڪين ايترو گهٽ چو ٿو سمجهيو وڃي جو ٻيا رحم دلي ڏيکارين. منهنجيءَ ئي هوٽل جو مثال وٺ. مان ٻکايل، ٻي اجهي ۽ ٻي لٽي اناٿ ڇوڪرن کي ڳولهي ڳولهي هوٽل ۾ ڪم تي لڳائيندو آهيان. ٿورن ئي هفتن ۾ اِهي اناٿ مونکي گارين وسيلي اُجورو ڏيندا آهن. جڏهن مونکي سخت ضرورت هوندي آهي، اُنهيءَ ڏينهن کان وني ئي مونکي وڌيڪ تڪليف ڏيڻ خاطر ڪم تي نہ ايندا آهن ۽ ٻئي ڪنهن هنڌ ڪم شروع ڪندا آهن، صرف پنج ڏهہ روپيا ملڻ ڪارڻ. اِها ئي آهي ڀلائيءَ جي قيمت! اِهو سڀ ڇڏ. هڪ ٻيو مثال ٿو ڏيان. هن سنسار ۾ ڪروڙپتي آهن جن جي ملڪيت جو ڪو انت ئي ڪونهي ۽ هن ساڳئي ئي سنسار ۾ بلڪل سچا مسڪين بہ آهن. جي سيٺي شاهوڪارن جي ملڪيت سيني غريبن ۾ هڪ سريکي ورهائجي تہ هن سنسار ۾ سڀ فقير ئي هوندا. اِنهيءَ ڪري اَهڙي ديا بہ نہ ڏيکارجي، جنهن مان ڪجهہ بہ ورڻو ڪونهي.‘ هوٽل مالڪ وڏو ليڪچر ختم ڪندي چيو.

اَهڙي فيلسوفي اُستاد جي دماغي شڪتيءَ کان ٻاهر هئي. هو اُيو ساهہ کڻي هلڻ لڳو. جتي هوءَ سورداس مائي لاٽريون وڪڻندي هئي، اُهو هنڌ بہ اُستاد ويندي ويندي ڏسندو ٿي ويو.

ٻئي ڏينهن گدام ۾ مال لاهڻ لاءِ جيئن ئي اُستاد لاري آندي تہ يڪدم پهگو لاٽريءَ واريءَ وٽ. سچاٽپ ڏيندي چيائين ’مان اُهو ساڳيو

هڪ ڏينهن جيئن اُستاد اُنهيءَ هوٽل ۾ چانهه پي رهيو هو ته هڪ ڏسڻ ۾ وڻندڙ وچولي عمر جي عورت هڪ ڪرسيءَ سان ٽڪرجي هوٽل ۾ ڪري پيئي. انسانيت جي جذبي وچان اُستاد چرڪ ڀري اُٿيو ۽ مائيءَ کي سهارو ڏئي اُٿاريندي چيائين ’مائي، ڏسي وائسي ته هل.‘

’جي ڏسي سگهان ها ته پوءِ چو ڪران ها؟‘ مائيءَ پنهنجي قائل پر صاف سازهيءَ کي چنديندي سوال ڪيو ۽ جواب ٻڌڻ کانسواءِ هوٽل کان ٻاهر هلي ويئي.

اُستاد جواب ڏئي به نه سگهي ها جو جو هن جو وات عجب ۾ ڦاٽي ويو ۽ مائيءَ کي آهستي آهستي هلندو ڏسندو ئي رهيو جيستائين هوءَ ٻيءَ گهٽيءَ ۾ مڙي اُستاد جي اکين کان غائب ٿي. اُستاد هوٽل مالڪ کي پئسا ڏيندي پڇيو، ’هوءَ مائي ڪير آهي؟ هتي روز ايندي آهي ڇا؟‘

’ڪير؟، هوءَ انڌي، هتي ڪڏهن ٿورو ڪائڻ ايندي آهي. اڳيان لاٽري ٽڪيٽون وڪڻندي آهي.‘ هوٽل مالڪ چيو.

’اڪيلي ايندي آهي؟‘ اُستاد پڇيو.

’اڪيلي نه ته ڪنهن سان گڏ ايندي؟ هن جو دنيا ۾ ڪير آهي ئي ڪو نه.‘

’انڌي، مٿان وري اڪيلائي، اهڙي حياتي ڪيتري نه ڪنبائيندڙ آهي.‘ اُستاد سرد آهه ڀريندي چيو.

’ائين ته هيءَ دنيا اهڙن انسانن سان ڀري پئي آهي. ڪجهه سوچي ئي نه ٿو سگهجي ته ڪنهن جو خيال ڪجي ۽ ڪنهنجو نه.‘ هوٽل واري چيو.

’ها، اِهو ته آهي پر اڪيلي عورت ۽ سا به اکين جي نور بنان. هن ويچاريءَ جي حياتيءَ ۾ ڪهڙي روشني هوندي؟‘

’ٻائي، جنهن روشني ڏٺي ئي ڪونهي، اُنهيءَ کي روشنائيءَ جي ڪهڙي ضرورت محسوس ٿيندي؟‘

’ائين ٿي سگهي ٿو.‘

ڏيکاريندي چيو ’مان هاڻي توسان ڪو نہ ڳالهائيندس.‘
’ڇو؟‘ اُستاد دک وچان پڇيو.
’پهرين اِهو ٻڌاءِ تہ تون ڪالهہ ڇو ڪونہ آئين؟‘
’او ..... سمجهيم. پر اَڇي بہ ڇا ڪريان؟ منهنجي ضرورت تہ هن دنيا ۾ ڪنهنکي بہ ڪونهي؟ اُستاد حقيقي نوع ۾ چيو.
’اِهو غلط آهي. ڪٿي نہ ڪٿي. ڪنهن نہ ڪنهن کي تہ ضرورت هوندي ئي.‘
’مان اِهو قبول نہ ڪندس. پهرين ٻڌاءِ تہ توکي منهنجي ضرورت آهي.‘
’ اِهو مان ڇئي نہ ٿي سگهان. پر ڪالهہ سڄو ڏينهن تنهنجو ئي پئي سوچيم.‘
’ٻڌ، مان ويو هوس تنهنجي لاءِ هڪ خاص لٺ وٺڻ. هيءَ لٺ سورداس ڪٽندا آهن. رستي تي موٽر وارا بہ اِنهيءَ لٺ کي ڏسي خبردار ٿيندا آهن جو لٺ جو رنگ ڏسي ئي سمجهي ويندا تہ تون ڏسي نہ ٿي سگهين.‘
’پوءِ تہ تو مون تي هڪ وڏيڪ مهرباني ڪئي آهي.‘ نوريءَ چيو.
’مهرباني چئي مونکي شرمندو نہ ڪر. ڇا تون مونکي ڏاريو ٿي سمجهين؟‘
’ جي ڏاريو سمجهان ها تہ ڪالهہ تنهنجو انتظار ڇو ٿئي ها؟ خير ڇڏ اِنهن ڳالهين کي. اَڄ پهريون دفعو محسوس ڪيو اَٿم تہ مون ۾ کهڙي گهٽتائي آهي. جي ڏسي سگهان ها تہ تو جهڙي مهربان کي ڏسي دل خوش ڪريان ها.‘
نوريءَ جي اِنهيءَ آخرين جملي اُستاد ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو.
ٻئي ڏينهن اُستاد منجهند جي ماني کائڻ لاءِ جيئن ئي ساڳيءَ هوٽل ۾ گهڙيو تہ بيئرر هن کي ڏسندي ئي واکو ڪري چيو ’اُستاد لاءِ چار مکڻ وارا پراٺا ۽ اسپيشل ڀاڄي ....‘
اُستاد بيئرر کي سڏ ڪري چيو. ’صرف ٻہ روٽيون ۽ دال. اڄ لسي بہ

ئي مائٽو آهيان جنهن توکي ڪالهه هوٽل ۾ ٽڪ ڏنئي اٿارو'
'مهرباني.' لاٽري واري سورداس مائيءَ چيو.
'مهرباني ڇا جي. مون نہ هڪ انساني فرض نڀايو.' اُستاد چيو.
'اِهو انساني فرض بہ هن بي رحم دنيا ۾ ڪنهن کي ياد آهي؟' هن پڇيو.
منهنجو بين سان ڪو بہ واسطو ڪونهي. مونکي جنڪي اهڙيءَ حالت ۾ ڪرڻ ڪپندو هو، مون اُهو ڪيو.' اِهو چئي اُستاد ٿورو رڪيو ۽ پڇيائين.
'تنهنجو نالو ڪهڙو آهي.'
'نوري.'
'نوري! مان هن محل روز هتي ئي هوندو آهيان. مان تو وٽ روز اچي سگهان ٿو؟' اُستاد پڇيو.
'ڀلي.'
'مونکي ٻالهائڻ جو مرض آهي. تنگ تہ ڪو نہ ٿيندينءَ؟'
مان ڇو تنگ ٿينديس. مون سان تہ ڪو بہ ٻالهائڻ وارو ڪونهي. ڏاڍي اڪيلائي محسوس ٿيندي آهي. توسان ٻالهائيندي بہ دل بهلجي ٿي وڃي.'
'بس، مونکي اِهو ئي ڪپندو هو. هاڻي مان توکي ڪو نہ ڇڏيندس. هاڻي ڦاٿينءَ.' اُستاد مطلب واري نوع ۾ چيو ۽ ٻئي ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳا. اهڙي نموني ٻنهي جي پهرين گفتگو سماپت ٿي.
اُستاد ، نوريءَ وٽ روز اچڻ لڳو ۽ روز نوريءَ سان ڪل، چرچو مسخري ڪري ڪيس خوب کلائيندو هو. هڪ بہ لاٽري بہ وٺندو هو. لاٽري وٺندي ۽ پئسا ڏيندي نوري ۽ اُستاد هڪ ٻئي جي هٿ کي ڇهندا بہ هئا ۽ اِنهيءَ ڇهاءُ جي احساس ڪري ٻئي پاڻ کي هڪ ٻئي جي ويجهو بہ محسوس ڪرڻ لڳا.

هڪ ڏينهن اُستاد جنئن ئي نوريءَ وٽ پهتو تہ نوريءَ ڪوڙو غصو

اُنهيءَ ڏينهن ئي اُستاد سگريٽون ڇڪڻ ۽ شراب پيئڻ بہ ڇڏي ڏنا.

سڄي رات اُستاد جاڳندو ئي رهيو. خوشيءَ وچان اک بہ ٻوٽي نہ سگهيو. صبح جو ئي نوريءَ جي اکين جي پٽي کلڻي هئي. مالڪ اُستاد جي لاءِ نيٺ اَهڙا تہ سٺا ڏينهن آندا جو لاٽري بہ لڳي ۽ اُنهيءَ مان ايترا تہ پئسا بہ مليس جو آپريشن جو خرچ تہ سڄو نڪري آيو پر پئسا چڱا بچيا بہ. اُستاد مالڪ جا هر وار لک لک شڪرانا پيو مڃي تہ قسمت سٺو ڦيرو کاڌو هو. اُستاد سونهري سپنا لهڻ لڳو سو بہ بنا ننڊ اَچڻ جي. نوريءَ جو نور سائو ٿيندو، بچيل پئسن مان نوريءَ سان شادي ڪندو ۽ باقي حياتي پيار جي شيتل ڇانو ۾ گذاريندو. پيار ڪرڻ واري پتني ملندس. هوءَ بہ پيار ڇو نہ ڪندي! اُستاد نوريءَ لاءِ ڇا نہ ڪيو هو؟ اُستاد کي پيار ڪندڙ آگياڪري پتنيءَ سان ڪنو گهر سنسار جو سک بہ نصيب ٿيندو. اُستاد کي پيارا وڻندڙ ٻار بہ ٿيندا جي کيس هلاک بہ ڪندا، پر سڄيءَ زندگيءَ ۾ خوشين جي بهار بہ آڻيندا. دکن جا ڏينهن پورا ٿيا هاڻي تہ صرف سک ئي سک آهن.

اُستاد جي تمنا هئي تہ نوري پٽين کلڻ سان پهرين پهرين صرف کيس ئي ڏسي، اِنهيءَ ڪري جلد ئي سنان پاڻي ڪري نهي سنيري اُستاد سويل ئي اَچي اسپتال پهتو ۽ نوريءَ جي اکين تان پٽين کلڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

نوريءَ جي اکين جون پٽيون لٿيون. جيئن اُستاد چاهيو ٿي بلڪل تيئن ئي نوريءَ جي پهرين نظر اُستاد تي ئي پئي. هوءَ ڇرڪي ويئي ۽ هڪ زوردار ڇيخ ڪيائين ۽ منهن ڦيري ڇڏيائين.

اُستاد آهستي آهستي روم کان ٻاهر هليو ويو.

'اُستاد ڪير آهي......' 'اُستاد ڪير آهي؟' ڊاڪٽرن واڪا ڪري سڏ ڪيا. پر اُستاد نہ آيو ۽ نہ ئي وري اُستاد جي ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪا خبر ئي ملي.

نہ ڪيي.

بيئرر واٽرو ٿي ويو. وڏيڪ عجب ۾ تڏهن پيو جڏهن بل ڏيڻ کان پوءِ اُستاد بيئرر کي بخشيش بہ ڪو نہ ڏني. اِهو سرشتو ڪي مهنا هليو.

هڪ ڏينهن اُستاد نوريءَ کي چيو ’اڄ مان توکي اکين جي ڊاڪٽر وٽ وٺي ٿو هلان، جئن جاچ مانِ خبر پوي تہ تنهنجيون اکيون نيڪ ٿي سگهنديون يا نہ.‘

نوريءَ خوب آناڪاني ڪئي پر اُستاد حجت ۽ رعب سان کيس اکين جي ڊاڪٽر وٽ وٺي ئي ويو.

تپاس پوري ٿيڻ کان پوءِ جيئن اُستاد نوريءَ کي واپس وٺي پئي آيو تہ نوريءَ پڇيو، ’ڊاڪٽر صاحب ڇا چيو؟‘

’چيائين تہ اکيون نيڪ ٿي سگهن ٿيون جنهن لاءِ آپريشن ضروري آهي، پر اُنهيءَ لاءِ گهڻو ئي خرچ ٿيندو.‘

’مان تہ چوان ٿي تہ سڀ وساري ڇڏ. نصيب ئي خراب آهي تڏهن ئي تہ ايتريون تڪليفون ٿيون ملن.‘

’ڏس، نوري ائين دل لاهڻ نيڪ نہ آهي. ٿورا پئسا مون ڪنا ڪيا آهن. وڌيڪ پئسا ڪنا ڪرڻ ۾ وڌيڪ وقت ئي لڳندو. اِنهيءَ ۾ دير ٿي سگهي ٿي پر ڪجهہ بہ ناممڪن ڪونهي. قسمت ڦرندي دير بہ نہ ٿي لڳي. مان جو توکان لاٽريون وٺندو آهيان ڪنهن وقت ڪا لاٽري بہ لڳي سگهي ٿي ۽ سڀ نيڪ ٿي سگهي ٿو.‘ اُستاد دلداري ڏيندي چيو.

’اِهي تہ سڀ دل کي خوش ڪرڻ جا بهانا آهن.‘

’چري نہ ٿيءُ. مالڪ مهربان کي ياد ڪر. مان بہ کيس عرض ٿو ڪريان تہ صرف هڪ لاٽري ئي لڳي وڃي پوءِ پلي نہ صرف ايترائي پئسا ملن جيترا تنهنجي آپريشن لاءِ گهرجن. اُميد نہ لاهہ. دل وڏي رک. ڪڏهن اسان جا بہ تہ سنا ڏينهن ايندا ۽ ڪي تہ سپنا ساڪار ٿيندا.‘

ٻالهائڻ مٿس قياس سبب هو، اِنهيءَ ڪري هوءَ پاڻ کي ويچاري ۽ لاچار محسوس ڪرڻ لڳي ۽ دکي گذارڻ لڳي. دل ئي دل ۾ پڳوان کي به شڪايت ڪرڻ لڳي ته 'جنهن ڇٽيو اُها پالي نه سگهي ته مونکي ڇو جنم ڏنئه؟' پنهنجيءَ بي وسيءَ تي اڪثر خفي ٿي پنهنجي پيءُ ۽ مائيلي ماءُ سان وڙهي پوندي هئي ۽ بي ڍنگو به ٻالهائي سندن دل کي دکي به ڪندي رهي.

ماءُ ۽ پيءُ اَنجنا کي پيار سان سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش به ڪندا هئا پر ته به اَنجنا اُنهيءَ کي پيار جو ڏيکاءُ سمجهي جوش ۾ اَچي ويندي هئي.

اَنجنا جو پيءُ پڙهيل ۽ سمجهو شخص هو. هڪ دفعو موقعو وٺي ڌيءُ کي سمجهائيندي چيائين 'پٽڙي! منهنجو ڪو تو سان پيار گهٽجي ڪو نه ويو آهي. مان ته توکي پنهنجي پيار جي نيشاني سمجهي سڪ ۽ پيار سان هلائڻ ٿو چاهيان پر توکي مون تي وشواس نه ٿو اَچي. توکي وشواس ڏيارڻ جو صرف هڪ ئي طريقو آهي، سو اِهو آهي ته مان تنهنجيءَ ماءُ تي اجايو غصو ڪريان ۽ بنا سبب اَجائي مارڪٽ ڪريان، جيئن توکي لڳي ته منهنجو پيءُ مونکي وڌيڪ پيار ٿو ڪري. مونکي اِهو واجب نه ٿو لڳي. مون اِهو به چڱيءَ طرح جاچيو ۽ پرکيو آهي ته هوءَ يعني تنهنجي ماءُ توسان هميشه ئي نيڪ ٿي هلي پر تون ئي هن سان آڏو ٿي هلين. مان توکي چئي نه ٿو سگهان چاڪاڻ ته توتي اڳ ۾ ئي منهنجي باري ۾ پنهنجيءَ ماءُ جي باري ۾ غلط اَثر پيل آهن. مونکي بي شادي ڪرڻ جو اصل شونق ڪو نه هو. جيئن تون وڏي ٿيڻ لڳينءَ تيئن مونکي چنتا ٿيڻ لڳي. توکي گهر ۾ اڪيلو ڇڏي پنهنجي ڪم ڪار تي وڃڻ به نيڪ نه ٿي لڳو. اسان ٻنهي جي سکي حياتي جيئڻ لاءِ منهنجو ڪمائڻ به بلڪل ضروري هو. تنهنجي ماءُ به ويچاري ماءُ پيءُ جي پيار کان محروم پنهنجي مامي وٽ ئي پلي آهي. هوءَ تنهنجي من جي حالت بلڪل نيڪ طرح سان سمجهي سگهڻ جي قابل آهي. هوءَ به ماميءَ جي سورن

ماءُ تہ منھنجي

اَنجنا پاڻ کي بدنصيب ئي سمجھندي رهي. ننڍپڻ ۾ ٻارن واريون رانديون، چلولائي، موج مستيءَ وارا ڏينهن تہ انجنا جي ڀاڱي ۾ ئي ڪو نہ هئا. ننڍيءَ عمر ۾ ئي هڪ سمجھو ۽ جوابدار عورت وانگر هلڻ لڳي. هر ماڻهوءَ کي انجنا ٻار جي روپ ۾ هڪ بزرگ عورت ڀاسڻ لڳي. پڙهڻ ۾ هوشيار تہ هئي پر هر حالت ۾ خوشين کان بلڪل محروم ئي رهي. خوشيون بہ اَنجنا وٽ ڪيئن اَچن؟ جڏهن سندس ماءُ اَنجنا جي اَبهم هوندي ئي ڪيس ڇڏي وڃي مالڪ کي پياري ٿي هئي. اَنجنا کي پيءُ جو پيار تہ مليو پر اُهو بہ اَنجنا کي بلڪل ٿوري ئي وقت لاءِ مليل لڳو، ڇو جو جلد ئي اَنجنا جي پيءُ ٻي شادي ڪئي. اَهڙيءَ طرح اَنجنا لاءِ ماٽيلي ماءُ بہ اَچي وئي. ائين ڪو نہ هو تہ ڪو اَنجنا جو پيءُ اَنجنا کي گھٽ پيار ڪرڻ لڳو يا ماٽيلي ماءُ کو اَنجنا تي ظلم ڪرڻ لڳي پر هڪ اَبهم ٻار جي دل تي ماٽيلي ماءُ جي باري ۾ ۽ پيءُ جي بدلجي وڃڻ جا خيال مت مائٽ ۽ پاڙيوارا وجھندا ئي ويا. هرڪو بيوقوف ماڻهو اَنجنا کي خبردار ڪرڻ پنهنجو اِخلاقي فرض سمجھڻ لڳو ۽ ڪيس هر ممڪن موقعي، بي موقعي آگاهہ ڪندو رهيو. هرڪو ڏاريو ماڻهو بہ اَنجنا سان منو ڳالهائيندو هو پر اَنجنا محسوس ڪندي هئي تہ اِنهن جو منو

جي ڪوتاهي محسوس ٿيندي آهي ۽ ڪير به منو ڳالهائيندو ته اُنهيءَ
کي پيار سمجهي خوشيءَ سان دوکو کائڻ به قبول ڪندو. پاسي ۾ ئي هڪ
شاهوڪار پيءُ جي سڪيلڌي پٽ انجنا سان منو ڳالهائڻ شروع ڪيو هو
ڪنهن خاص مطلب سان. انجنا هن جي مٺي ڳالهائڻ تي موهجي
شاديءَ جا سونهري سپنا به لهڻ لڳي. پڙهڻ تان چاهه گهٽجي ويس. پاڻ
کي سجائڻ ۾ وڌيڪ وقت وڃڻ لڳي. گهمڻ ڦرڻ جي چٽي شونق اَچي
ورتس.

هڪ ڏينهن دير سان اَنجنا گهر پهتي ته پيءُ کي غصي ۾ ڏٺائين.
'ايتري دير ڪيڏانهن ويئي هئينءَ؟' انجنا جي پيءُ غصي ۾ پڇيو.
وچ ۾ ئي اَنجنا جي ماءُ ڪٽيندي چيو 'مونکي ٻڌائي ويئي هئي ۽
مون ئي کيس موڪل ڏني هئي ته وڃي ساهيڙين سان سنيما ڏسي اَچي.
غصي ٿيڻ جو ڪو سبب ڪونهي.'
اَنجنا کي پهريون دفعو هلڪي خوشيءَ جو احساس ٿيو جو مصيبت
کان اڄ بچي ويئي ۽ سو به پنهنجيءَ ماٽيلي ماءُ جي ڪوڙ ڳالهائڻ
ڪري.
اُنهيءَ رات ئي جيئن انجنا سمهڻ جي تياريءَ ۾ ئي هئي ته
سندس ماءُ ڪمري ۾ گهڙي آئي ۽ پنهنجيءَ ڌيءَ يعني انجنا جي
ماٽيليءَ پيڻ کي ٻاهر وڃڻ لاءِ چيائين ۽ پوءِ دروازو بند ڪري انجنا جي
اَچي پاسي ۾ ويٺي. شروعات ڪندي ڏاڍي پيار سان انجنا کي چيائين
'هڪ ڳالهه چوان پر برو نه سمجهجِ ....'
'چئو.' انجنا بلڪل رکائيءَ سان چيو.
'مون کي خبر آهي ته تون ڪنهن سان ويئي هئينءَ. جيڪڏهن اُهو
ڇوڪرو سنيءَ چال چلگت جو هجي ها ته مان توکي ڪجهه به نه چوان
ها. پر اِهو ڇوڪرو ائين ڪونهي انهيءَ ڪري ......'

جي ستايل آهي. مامو ته ڪيس پنهنجي ٻارن کان به وڌيڪ پيار ڪندو هو.‘

پر اهڙين صلاحن جو اَثر اَنجنا تي بلڪل نه ٿيندو هو. اَنجنا جي دماغ ۾ ماءُ جي خلاف پڪا خيال اصل گهر ڪري ويٺا هئا. مٺ مائٽ ۽ پاڙيسري اَنجنا کي پنهنجي گهر ۾ گهرائي ڪڏهن ڪا مٺائي يا ڪڏهن ڪو چاڪليٽ ڏئي ڪوڙي همدردي ظاهر ڪندا رهيا. مٿان اڪثر ائين به چوندا هئا ’هن ويچاريءَ کي مائٽيلي ماءُ ٿوروئي برابر ۾ سنو ڪارائيندي هوندي. ماسي ٿئي نه ماءُ توڙي ڪدي ڏئي ساهه. هن جي ماءُ ماسي ته نهيو مر ڳوئي ٻيءَ ذات جي آهي هن جو پيءُ به بدلجي چڪو آهي. جوءِ جو ته اصل اڳ بڌو ٻانهو ٿي پيو آهي.‘

پيءُ جي اهڙيءَ غلاميءَ تي اَنجنا کي وڌيڪ غصو ايندو هو. اَنجنا جي اَهڙيءَ حالت تي پهچڻ جو مکيه ڪارڻ مورک مائٽن ۽ ڪميڻن پاڙيسرين جون ڪوڙيون همدرديون ئي جوابدار هيون.

ڪجهه ئي سالن ۾ اَنجنا لاءِ نه صرف مائٽيلي ماءُ پر مائٽيلو پاءُ ۽ مائٽيلي ڀيڻ به ٿي پيا. اَنجنا اُنهن سان وڙهندي ۽ رانديون ڪندي وڏي به پئي ٿي ۽ اَنجنا سان ڪنو سندس مائٽيلي ڀيڻ ۽ مائٽيلو ڀاءُ به وڏا ٿيڻ لڳا. انجنا هنن سان هر موقعي تي وڙهندي هئي ۽ وڏيءَ ڀيڻ جو رعب به رکندي هئي. اُنهن کي ماريندي به هئي. اِهو ڏسندي به اَنجنا جي مائٽيلي ماءُ ڪڏهن به اَنجنا کي ڪجهه به نه چوندي هئي. اَنجنا جي شڪايت جڏهن به ڀاءُ، ڀيڻ پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ کي ڏيندا هئا ته کين اڪثر اِهو ئي جواب ملندو هو ته ’اَنجنا توهان جي وڏي ڀيڻ آهي. جيڪڏهن توهان تي غصو ڪيائين يا ڌڪ هنيائين ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ٿي!‘

وقت اَهڙين حالتن ۾ گذرندو ويو پنهنجيءَ ئي رفتار سان. اَنجنا پاڻ کي پيار کان محروم سمجهندي جوانيءَ ۾ پير به اَچي رکيو ۽ ڪاليج جي آخرين سال ۾ به اَچي پهتي. اَهڙين حالتن ۾ پليل هر ٻار کي پيار

آهي اُها سٺي نموني سنڀالڻ ۾ ئي انسانيت آهي، شل مان اِنهيءَ وشواس جي لائق ثابت ٿيان. انجنا ته آخر ٻار آهي. هوءَ پلي مونکي مائٽيلي ماءُ سمجهي مان ته ٻار ڪو نه آهيان. اَهڙيون پيائيءَ جون ڳالهيون ڪرڻيون اَٿو ته مهرباني ڪري هن گهر ۾ وري پير نه رکجو ....'

'تو بلڪل سٺو ڪيو ....'

'ٻاڻ کان عمر ۾ وڏيءَ مائيءَ جي بيعزتي ڪئي اَٿم ۽ گهر کان ٻاهر ڪڍيومانس اِنهيءَ تي دک ٿو ٿئي.'

'اِنهيءَ ۾ دک جي ڪهڙي ڳالهه آهي! اَهڙا بيوقوف اِنسان عزت جا لائق به نه آهن. اَهڙن مورک اِنسانن جي بي لغام زبان مان نڪتل اکر ئي ٻارن جي ڪچڙين دلين تي دائما خراب اثر ٿا وجهن، جنهن سبب ماءُ ڏيءَ کي پيار ڪندي به ڏيءَ جي پيار کان محروم رهي آهي ۽ ساڳي حالت منهنجي ۽ انجنا جي وچ ۾ آهي.'

'پر گهر ۽ ڇوڪرو سچ پچ ته مونکي انجنا جي لاءِ بلڪل نيڪ ٿو لڳي.'

'تون ڪا به چنتا نه ڪر اِهو ڏسي وٺنداسين.' انجنا جي پيءُ چيو.

'پر اَهڙي شڀ ڪارج ۾ دير نه ڪريو. انجنا به هاڻي شاديءَ لائق ٿي آهي.'

'نيڪ آهي، مان سڀاڻي ئي پڇا ڳاڇا شروع ڪندس.'

اَنجنا جي شادي سشيل پڙهيل ڳڙهيل آدرشي نوجوان اشوڪ سان سک سان ٿي وئي. هڪ ڏينهن انجنا حجت رکي پنهنجائپ سان اشوڪ کي چيو 'هڪ ڳالهه ڪريان، مڃيندا؟'

'اِهو پهرين مان ڪيئن ٿو چئي سگهان. پهرين ڳالهه ٻڌاءِ پوءِ ئي مان چئي سگهندس ته مان اِها ڳالهه مڃي سگهندس يا نه.'

'توهان کي ته خبر آهي ته منهنجي ماءُ سڳي ڪونهي.'

'ها، پر تڏهن به مان هميشه تنهنجي واتان اِهو ئي هر گهڙي ٻڌندو

انجنا وچ ۾ ئي ڪٽيندي چيو '....... ۽ مونکي هن سان ڳالهائڻ به نه کپي.'

'ها بلڪل'

'چاڪاڻ ته هو شاهوڪار آهي ۽ مونکي سکي ڏسي ....'

انجنا جي ماٽيلي ماءُ وچ ۾ ڪٽيندي چيو '........ شاهوڪاري سکي حياتي ڪاٽڻ جي خاطري ڪونهي. اِنهيءَ حالت ۾ تنهنجي پيءُ هجي ها ته هن کي به مان ائين ئي چوان ها جيئن توکي ٿي چوان. مون ته توکي پنهنجي ڌيءَ ئي سمجهيو آهي، پاڻ تنهنجيءَ پيءُ کان به وڌيڪ پيار مون توکي ڪيو آهي پر مون اَهڙو ڪو گناهه ڪيو آهي جو توکي پڪ ڏياري نه سگهي آهيان .... ' اَنجنا جي ماءُ جي دل پرجي آئي. هڪ سڏڪو پري انجنا جي ماءُ ڪمري کان تڪڙ ۾ ٻاهر نڪري وئي.

هڪ ڏينهن اَنجنا جيئن گهر آئي ته پنهنجيءَ ماءُ ۽ پيءُ کي ڳالهائيندو ٻڌائين. ڪيس پڪ هئي ته ضرور سندس پيءُ کي سندس ماءُ گهٽ وڌ ٻڌائي پيءُ جا ڪن ڀريندي جيئن هو انجنا تي غصو ڪري. اِنهيءَ خيال کان در جي آڙ ۾ چپ چاپ ڳالهين ٻڌڻ لاءِ انجنا لڪي بيٺي.

'ڪالهه هڪ مائٽين واري مائي آئي. مون هن کي صاف چيو ته پهرين منهنجيءَ وڏي ڌيءَ انجنا جي مائٽي، پوءِ منهنجيءَ ننڍي ڌيءَ جي مائٽي. تنهن تي اُها بيوقوف عورت منهنجا ڪن ڀرڻ لڳي ته انجنا ته تنهنجي ماٽيلي ڌيءَ آهي اَهڙو سنو گهر ۽ پڙهيل هوشيار ڇوڪرو پنهنجي ڌيءَ لاءِ قبول ڪريان ....'

'پوءِ ....'

'مون به غصي ۾ چيو ته ماٽيلي ٿي ته ڇا ٿيو مونکي ته منهنجي ڌيءَ سمان آهي. پاڻ پنهنجيءَ ڌيءَ کان به وڌيڪ چاڪاڻ ته اِها هڪ امانت

وچان نيڪ نہ هليس. شاديءَ کان پوءِ موڪلائڻ وقت جهڙي نموني منهنجي ماءُ دل ڦاڙي رني ۽ توهان کي ليلائي منهنجي پارت ڪئي، مان بہ پاڻ روڪي نہ سگهيس. مان پاڻ کي پٿر دل سمجهندي هئس پر منهنجي دل بہ پگهرجي ويئي. اُنهيءَ وقت ئي مون پاڻ کي گهٽ درجي جي هڪ ڪريل انسان وانگر محسوس ڪيو جو مون اَهڙي ديويءَ سمان ماءُ جو هر وقت اپمان پئي ڪيو: مون پنهنجيءَ ماءُ سان انرٿ ڪيو آهي. مون سندس پيار جي موٽ هميشہ نفرت سان ئي ڏني آهي. مان پنهنجي اِها ڪيل ياري پل سڌارڻ تي چاهيان.' انجنا سڏڪا پريندي چيو.

'مان محسوس ڪريان ٿو تہ اِنهيءَ جڳهہ تي ڪا خراب عورت هجي ها تہ تنهنجي سڄي حياتي سولائيءَ سان برباد ڪري سگهي ها.' اشوڪ چيو.

'مان پنهنجيءَ ماءُ جو خيال هاڻي وڌيڪ ٿي رکڻ چاهيان. پنهنجي ياءُ ۽ ڀيڻ جي پيار کان بہ وڌيڪ پيار ڏينديس جيئن منهنجي ماءُ کي خاطري ٿئي تہ سندن نيڪ پيار وئرٿ نہ ويو آهي.'

'اِهو تہ مان تنهنجي هر گهڙيءَ 'ماءُ تہ منهنجي' چوڻ مان ئي سمجهي ويس. اَهڙي سٺي ماءُ نہ هجي ها تہ شادي ڪري جند آزاد ٿيڻ تي توکي خوشي ٿئي ها ۽ نہ دک جيڪو توکي هاڻي محسوس ٿي رهيو آهي.'

'مون کي توهان جو ساٿ کپي جيئن مان پنهنجيءَ غلطيءَ جو نيڪ پڇتاءُ ڪري سگهان. مونکي توهان جي اِجازت کپي تہ جڏهن بہ مونکي پنهنجيءَ ماءُ جي ٿوري بہ طبعيت خراب هجڻ جي خبر پوي تہ مان ئي اُتي پهرين پهچي سندس نيڪ سار سنڀال لهان.' انجنا جي دل وري ڀرجي آئي ۽ اَچي سڏڪن ۾ پئي.

اشوڪ انجنا جا ڳوڙها اُگهندي دلداري ڏيندي چيو 'چري نہ ٿيءُ. توکي منهنجي هميشہ لاءِ اِجازت آهي. تون ڪو بہ خيال نہ ڪر. پر اِها بہ پڪ سمجهہ تہ اَهڙيءَ حالت ۾ هن نيڪ دل اِنساني روپ ۾ ديويءَ وٽ نہ صرف تون ئي پهرين پهچندينءَ پر اسين بہ ئي پهچنداسين.'

رهيو آهيان، ماءُ تہ منهنجي .... ماءُ تہ منهنجي .... اِنهيءَ جو ڇا ڪارڻ آهي؟'

'سنو ٿيو جو توهان هيءَ ڳالھہ ڇيڙي. مان بہ توهان کي سڀ ٻڌائڻ ٿي چاهيان.'

'ٻڌاءِ ......'

'برابر هوءَ منهنجي ماٽيلي ماءُ آهي پر مون هن کي پنهنجيءَ شاديءَ ۾ ايترو تہ خوش ڏٺو، جو مون محسوس ڪيو تہ شايد سڳي ماءُ بہ ايترو خوش نہ ٿئي ها. مان سڄي عمر پنهنجيءَ ماءُ سان آڏو هلي آهيان ۽ هر ڳالھہ تي ساڻس ٽڪر کائيندي رهيس. پاڙيسري مٽ مائٽ اَجايو قياس ڏيکاري هر وقت همدرد ٿي منهنجي ڪچڙيءَ دل ۽ معصوم دماغ تي غلط اَثر وجهندا ويا. ايتري قدر جو مان هنن احمقن کي پنهنجو سڄڻ سمجهندي هئس. اِنهن بيوقوف ماڻهن جي اثر ڪري مونکي ماءُ ۽ پيءُ جو پيار بہ هڪ ڏيکاءُ لڳندو هو. مان پاڻ کي پنهنجي ئي گهر ۾ ڌاريو ماڻهو سمجهڻ لڳيس. پاڻ کي هڪ اناٿ وانگر پلجندو محسوس ڪيو اَٿم.'

'هن دنيا جا ماڻهو پنهنجي خبر گهٽ رکندا آهن ۽ ٻين جي خبر وڌيڪ رکندا آهن. اِنهن مورکن کي ٻئي جي ٻار کي ڪارڻ ۾ وڌيڪ لطف ايندو آهي. مان تنهنجي، تنهنجي ماءُ پيءُ ويچارن جي حالت سمجهي سگهان ٿو. هو سخت ڪوشش ڪندي بہ پنهنجيءَ ئي ڌيءَ کي پنهنجو بڻائي نہ سگهيا. صرف ٻين ماڻهن جي ڪري.'

'مون هاڻي اِهو بہ محسوس ڪيو آهي تہ منهنجيءَ ماٽيليءَ ماءُ پنهنجن ٻارن کي بہ مونکان وڌيڪ پيار تہ ڪڏهن بہ نہ ڪيو آهي. مون ڪيتري نہ پنهنجيءَ نيڪ دل ماءُ سان بي انصافي ڪئي آهي. اَهڙي سٺي ماءُ هوندي بہ مون پاڻ کي ماءُ بنا پلجندو محسوس ڪيو ۽ هر وقت پنهنجيءَ ماءُ جي دل کي رنجائيندي رهي آهيان. پاءُ ۽ ڀيڻ تہ مونسان بنا ڀيد ڀاءُ جي پنهنجو ئي سمجهي هليا پر مان هنن سان بہ نفرت

اَهڙين حالتن ۾ ويچارن پتين کي صرف هڪ ئي رستو بچيل هوندو آهي ته ڌرم بدلائي ئي نجات حاصل ڪن. اِهو ڳهڻن لاءِ اَهڙو ئي ڏکيو هوندو آهي جهڙو اَهڙين عورتن سان حياتي ڪاٽڻ. ڪي ويچارا ته لاچار آپگهات به ڪندا آهن. اِنهيءَ خاص ڄاڻ ڪان به وڌيڪ ڄاڻ جا اِندومتيءَ ڪي هئي اُها هئي من وگيان جي ڄاڻ. هوءَ اڪثر عجب ڪائيندي هئي ته پتي ڪهڙا به خراب ڇو نه هجن پر پين عورتن سان پنهنجيءَ پتنيءَ جي پيٽ ۾ وڌيڪ سنا ٿا هلن ۽ ڪي عورتون جي هر خيال ڪان آدرش پتنيون رهي سگهڻ جي قابل هونديون آهن اُهي به پنهنجي پتيءَ سان نيڪ هلڻ ۾ گهٽو ئي گهٽ هونديون آهن. اَهڙين حالتن ۾ اِنهيءَ سرشتي کي خيال ۾ رکي هوءَ هر طلاق ڏيندڙ پتي ۽ پتنيءَ جا مسئلا خوب باريڪبينيءَ سان ٻڌندي هئي ۽ غور سان سوچي ويچاري ڪين نيڪ صلاح ڏيندي هئي. اِندومتيءَ جي اَهڙي سمجهه ۽ هلت جي ڪري ڪيترا مقدما ڪورٽ ۾ اچڻ ڪان اڳ ۾ ئي هر ڪنهن جي مرضيءَ مطابق حل ٿي ويندا هئا. جهڳڙو ڪندڙ پتي ۽ پتني هڪ ٻئي جي هٿ ۾ هٿ ڏئي اندومتي وڪيل جي آفيس مان نڪرندا هئا. اِنهي هوندي به جي اندومتيءَ کي خاطري ٿيندي هئي ته پتي يا پتني ٻنهي مان ڪير ٿو زوريءَ ٻئي تي ظلم ڪري ته هوءَ محڪم ارادي سان اُنهيءَ ستايل جو ئي مقدمو هٿ ۾ ڪٽندي هئي ۽ ستايل کي اِنصاف وٺائي ڏيندي هئي.

اِندومتي ڏسڻ ۾ شوخ هئي پر حقيقت ۾ بلڪل رحم دل هوندي هئي. عورتن جي هڪجهڙائيءَ جي حق ۾ هئي پر تڏهن به ڪنهن مڙد سان بي اِنصافي ٿئي اُنهي جي فائدي ۾ هوءَ هرگز ڪو نه هئي.

اَهڙيءَ اندومتيءَ وٽ طلاق جي مقدمي لاءِ پريتم آيو ۽ چاهيائين ٿي ته ڪٽ پٽ ڪندڙ پتنيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري.

’توهان جي پتنيءَ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟‘ اِندومتيءَ شروعات ڪندي پڇيو.

اِندومتي

اِندومتي هڪ مشهور سماج سيوڪا هئي. اُنهيءَ ڪان بہ وڌيڪ هوءَ هڪ مشهور وڪيل هئي. هوءَ جهڙي هوشياريءَ سان مقدما ڪٽندي هئي، اُنهيءَ مان صاف ظاهر هو تہ اُهو ڏينهن پري ڪونهي جڏهن اِندومتي هاءِ ڪورٽ جي جج بہ مقرر ٿيندي. وڪيل سندس عزت تہ ڪندا ئي هئا پر جج بہ هن کان ڪن هٽندا هئا. خاص مقدما جن ۾ اِندومتي ماهريت حاصل ڪري چڪي هئي، اُهي هئا طلاق جا مقدما. هن کي خبر هئي تہ سماج ۾ جتي پتيءَ کي پرميشور سمجهيو ويندو آهي اُهو پل تہ هر ڳالهہ ۾ شيطان کان بہ گوءِ کڻي وڃي، تڏهن بہ سندس پتني آخرين گهڙيءَ تائين پنهنجي پتيءَ کي پوڄيندي رهندي آهي. سماجڪ ڪرسمن جي ڪري ڪيتريون نياڻيون دلهن جي روپ ۾ ڏوليءَ ۾ ايندیون آهن پر جلدئي پنهنجي ئي پتي پرميشور جي گهر مان اَرٿيءَ وسيلي نڪرنديون آهن. اَهڙين ستين لاءِ سرڳ ۾ جڳهہ ضرور هوندي پر نہ پتيءَ جي دل ۾ ۽ نہ پتيءَ جي گهر ۾.

اِندومتيءَ کي اِها بہ ڄاڻ هئي تہ هندو قاعدي موجب هڪ بدچلن عورت پنهنجي پتيءَ جي بدتر حالت ڪري سندس حياتي ترڪ ڪان بہ وڌيڪ اڻ سهندڙ بڻائي سگهي ٿي، پر وِيچارو پتي اَهڙين حالتن ۾ ڪيتري بہ ڪوشش ڇو نہ ڪري تڏهن بہ ڇوٽڪارو حاصل ڪري نہ سگهندو.

’پوءِ ....‘

’مان جيڪي چوان ٿي توهان ڌيان سان ٻڌو. توهان جي پتنيءَ ۾ لياقت آهي ته توهان اُها ڇو ٿا دٻائڻ چاهيو؟ توهان ڪڏهن اِهو درد محسوس ڪيو آهي ته جنهن لياقت تي فخر هجي ۽ اُنهيءَ لياقت کي ئي ڪير زوريءَ دٻائي؟ هر اِنسان هڪ ڪلاڪار آهي ۽ هر ڪلاڪار کي پنهنجيءَ ڪلا جو جوهر ڏيکارڻ جي آس هوندي آهي. اَهڙي ماهر ڪلاڪار کي زوريءَ روڪجي سو به خاص ڪري اَهڙي حالت ۾ جڏهن اُنهيءَ ڪلاڪار کي پڪ آهي ته ڪانئس هر لحاظ کان گهٽ جو وڏيڪ مان ۽ قدر آهي جنهن جي لاءِ حقي طرح هو اصل لائق نه آهن. اَهڙي ڪلاڪار کي رسيل صدمي جو توهان ڪڏهن انداز لڳايو آهي؟ جڏهن حياتي جيئڻ لاءِ صرف هڪ دفعو ئي ٿي ملي ته ڇا اَهڙا موقعا کهڙو جيئرو انسان هٿ مان وڃائڻ چاهيندو؟ کهڙو اِنسان اِهو حق زوريءَ کسجڻ ڏيندو؟‘

’توهان ته ڏکي ڳالهه بلڪل سولي ڪري ڇڏي، پر مان پنهنجيءَ پتنيءَ کي ڪيئن سمجهايان؟‘

’اُنهيءَ جو به سولو طريقو آهي. توهان پنهنجي وس موجب هن کي سچيءَ دل سان خوش رکڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجيءَ مرضيءَ خلاف وڃي به هن جي مرضي رکو. ماءُ پيءُ جي لاڏ ڪوڏ کي ڇڏي هوءَ توهان وٽ آئي آهي، جتي توهان کان سواءِ هن جو ڪير به پنهنجو ڪونهي. جيڪڏهن اُهو هڪ ڇڙو به جي هن کي پنهنجو نه لڳي ته اَهڙن اڻڄاڻ ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ ڪو سولو آهي؟ ۽ سو به هڪ عورت لاءِ؟ توهان هن سان سنائي ڏيکاريو ته هوءَ به توهان سان ضرور سنائي ڏيکاريندي. آخر هوءَ به ته هڪ انسان آهي ۽ سنائيءَ جي بدلي هوءَ برائي ته نه ڏيندي.‘

’مونکي توهان جون ڳالهيون آهستي آهستي سمجهه ۾ اَچڻ لڳيون آهن. سچ پڇ مونکي لڳي ٿو ته مونکي شادي ڪرڻ ئي نه کپندي هئي. مان گهر گرهستيءَ جي لائق پاڻ کي نه ٿو سمجهان. جيڪڏهن ڪنهن اوچ خيالن واري، عورت جو صرف ساٿ هجي ها ۽ مترتا هجي ها ته پڪ

’ڪا بہ اَهڙي برائي ڪونهي. معاملو صرف اِهو آهي تہ اسان مان هڪ سير تہ ٻيو سوا سير آهي. مول ڪارڻ آهي ٻنهي جي خودي يا آپو. هوءَ پڙهيل ڳڙهيل ۽ شاهوڪار گهر مان آهي تہ مان بہ پاڻ کي گهٽ نہ ٿو سمجهان. جي مان پتيءَ جي حيثيت ۾ حق ٿو چڪيان تہ هوءَ بہ هڪجهڙائي يا برابريءَ جي گهر ٿي ڪري ۽ منهنجيءَ مردانگيءَ کي ٿي للڪاري.‘ پريتم چيو.

’توهان کي ٻار آهن؟‘

’ها، هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ.‘

’اِنهن جهڳڙن جي ڪري اُنهن اَبهمن تي ڪهڙو اَثر پوندو اُهو ڪڏهن سوچيو اَٿوَ؟‘

’ها، پر هرڪو ٻئي مان نيڪ نموني هلڻ جي اُميد ٿو رکي، جيئن ٻارن تي خراب اَثر نہ پوي.‘

’توهان بہ رئيس ۽ هوءَ بہ رئيس تہ گهر جو ڳاڏو ڪيئن هلندو؟‘

’ها ائين ئي آهي. اِتي گهر جو ڳاڏو اَٽڪي ٿو پوي‘

’منهنجي تہ صلاح اِها اَٿو تہ توهان طلاق لاءِ اَصل ڪوشش نہ ڪريو. اِنهيءَ ۾ ئي توهان جو، توهان جي پتنيءَ ۽ توهان جي ٻارن جو ڀلو آهي.‘ اِندومتيءَ چيو.

’واهہ! توهان وڪيل ٿي ڪري بہ جي اَهڙيون صلاحون ڏنيون تہ ڪمائيندا ڪيئن؟‘ پريتم عجب ۾ اَچي پڇيو.

’ڪمائڻ جا ٻيا بہ طريقا آهن. ڪنهن کي غلط صلاح ڏيئي ڪمائڻ واجب ڪونهي.‘ اِندومتيءَ چيو.

’مان تہ توهان ۾ وڏيون اُميدون رکي آيو هوس.‘

’معاف ڪجو، جي مون توهان کي نا اُميد ڪيو هجي پر مونکي خاطري آهي تہ توهان جيڪڏهن منهنجيءَ صلاح موجب هليا تہ نہ صرف توهان، پر توهان جي ٻارن ۽ پتنيءَ کي بہ منهنجا شڪرانا مڃڻا پوندا. پوءِ ڀل تہ توهان اُها شڪرگذاري ظاهر ڪريو يا نہ بہ ڪريو.‘

پڙهيل ڳڙهيل بہ سمجهڻ ۾ پل ڪندا تہ پوءِ ڪنهن ويچاري جي حياتي ڏکي ڇو ڪريان؟ جيڪڏهن ڪو اَهڙو سمجهو مڙد ملي بہ وڃي، جو مون سان شادي ڪرڻ جو ضد نہ ڪري ۽ خيالات جو اوچو هجي تہ اَهڙي سان صرف مترتا رکڻ جي خواهش ۽ ضرورت برابر اَٿم. مونکي تہ خود مطلبي مڙدن کان سواءِ اوچ خيالات جو ڪوبہ مڙد اجا تائين نہ ڳڏيو آهي. هاڻي هن عمر ۾ اَهڙو اِنسان ملڻ بہ مشڪل ٿو لڳي. اِنهيءَ ڪري مان پنهنجي حياتي شاديءَ جي ستايلن کي سکي ۽ خوش رکڻ ۾ گذارڻ ٿي چاهيان. جي اِهو ممڪن نہ هجي تہ هنن کي هڪ ٻئي سان رهڻ جي پيڙا کان آزاد ٿيڻ ۾ مدد ڪريان. هاڻي توهان کي خبر پيئي تہ مان وڪيل ڇو ٿي آهيان.' اِندومتيءَ چيو.

'توهان کي اوچ خيالات وارو متر ملڻ گهرجي، اِهو تہ توهان جو حق بہ آهي.' پريتم چيو.

'صرف ائين چوڻ سان ڇا ٿو ٿئي. مان توهان کان ئي ٿي پڇان تہ مان توهان مان اوچ خيالات ۽ سٺي مترتا جي اُميد رکي سگهان ٿي؟'

پريتم ٿورو هبڪيو ۽ پوءِ ٿورو گهبراهٽ ۾ پڇيائين 'ڇو ...... نہ؟'

'تہ پوءِ اَڄ کان اسان جي مترتا شروع. ڪير ٿو مترتا کي وڌائي ۽ ڪير ٿو اِنهيءَ کي مضبوط ڪري، اُهو تہ وقت ئي ثابت ڪندو پر اِهو خيال رکجو تہ اَسانجي مترتا تي ڪو بہ داغ نہ لڳي.' اِندومتيءَ چيو.

'مان سمجهان ٿو تہ ائين ٿي سگهي ٿو.'

'تہ هاڻي ائين سمجهو تہ مان هڪ وڪيل نہ پر اُنهيءَ کان بہ وڌيڪ توهان جي خيرخواهہ متر آهيان. توهان ڪڏهن بہ مون وٽ اَچي سگهو ٿا. پنهنجي پتنيءَ سان خوشيءَ جي حياتي گذارڻ جي خبرچار مون کي هروقت ڏيندا رهجو. جيئن مترتا جي ناتي مون کي خاطري ٿئي تہ توهان خوش آهيو ۽ نہ ڏکي. هڪ متر جي ناتي تہ اِهو ڄاڻڻ مان هاڻي پنهنجو حق ٿي سمجهان.' اندومتيءَ خوشيءَ ۾ اَچي چيو ۽ پريتم ڏانهن دوستيءَ جو هٿ ڊگهيريائين.

مان شادي اصل نہ ڪريان ها. منهنجو ۽ منهنجي پتنيءَ جو ئي مثال وٺو. اسان ٻنهي عرش تي اَڏامڻ جا سپنا پئي ڏٺا ۽ ٻئي اَچي هڪ پڃري ۾ ڦاٿا آهيون. مونکي تہ شاديءَ جي رسم ئي اجائي ٿي لڳي.'

'اَجائي يا سجائي، شاديءَ جي رسم جو فيصلو توهان ۽ مان ڪري سگهڻ جي قابل نہ آهيون. مان سمجهان ٿي تہ گهڻن مردن کي صرف همدرديءَ جي ضرورت آهي جا هنن کي پتنيءَ مان نہ ٿي ملي. اَهڙين حالتن ۾ مرد مون وٽ طلاق جي ڪيس لاءِ ايندا آهن. اُنهن کي مان همدرديءَ سان ٻڌندي آهيان. ڪڏهن ڪڏهن ڪن سان گڏجي چانهہ پيئان ۽ گهمڻ بہ ويندي آهيان. ائين ڪرڻ سان هنن جي دل جو پيدا ٿيل خال پرجندو آهي ۽ پتنيءَ جي ڪڙي ڪيل مسئلي تان ڌيان بہ هٽي ويندو اَٿن ۽ هلت چلت ۾ اَهڙو تہ ڦيرو اَچي ويندو اَٿن جو ڪين گهر ۽ گرهستيءَ جو ڪو بہ مسئلو ڏکيو نہ لڳندو آهي ۽ طلاق وٺڻ بہ وسري ويندو اٿن. منهنجيءَ هن هلت جي ڪري مونکي پڪ آهي ماڻهو مونکي غلط بہ سمجهندا آهن. ڪن ماڻهن کي تہ پنهنجي ئي ڪنن سان پنهنجي ئي باري ۾ گنديون ڳالهيون چوندي ٻڌو آهي. ڏک ضرور ٿيندو آهي پر مان جلد ئي اُهو وساري ڇڏيندي آهيان. سچ ۽ ڪوڙ جاڻڻ جي سمجهہ ماڻهن ۾ هجي ها تہ اسان جي سماج ۾ ڪا بہ اوڻائي يا رسم نہ هجي ها. ڪهڙي نہ عجيب ماجرا آهي جو جن جي شادي نہ ٿي آهي اُهي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن ۽ جن جي شادي ٿي ويئي آهي اُهي شاديءَ مان خوش ڪونهن ۽ اُنهيءَ پڃري مان ٻاهر اَچي آزاد پکيءَ وانگر اُڏامڻ ٿا چاهين.'

'معاف ڪجو. توهان شادي ڇو نہ ڪئي آهي؟' پريتم پڇيو.

'منهنجيءَ هڪ وڏيءَ ڀيڻ کي ساهرن ۾ گهوٽ ايتري تہ تڪليف ڏني جو هن کي آپگهات ڪري نجات حاصل ڪرڻي پئي. منهنجي ٻي وڏيءَ ڀيڻ کي بہ ايتريون تہ تڪليفون مليون جو هن کي طلاق وٺڻو پيو. پنهنجين ڀينرن جي حالت ڏسي مون شادي نہ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مونکي شاديءَ ۾ خوشين کان وڌيڪ ڏک نظر آيا. منهنجا خيال اَهڙا آهن جو

چڱي ئي خبر پئي آهي.‘

’واهه ايتري خبر رکي مونکي خاطري ٿي ڏيارين ته مان اَچا جيئرو آهيان.‘ پريتم چيو.

’سچ ٻڌايو ڪيڏانهن ويا هئا؟‘ پتنيءَ پڇيو.

’اَڄ ته سڌو ئي آفيس مان ئي آيو آهيان ....‘

’۽ .... بين ڏينهن تي ....؟‘

’اُهو تو پڇيو به ڪو نه ۽ هاڻي مان ٻڌائڻ واجب نه ٿو سمجهان.‘

’توهان کي اڄ ٻڌائڻو ئي پوندو ته هوءَ ڪير آهي؟ جنهن سان توهان هرروز شام جو ملندا آهيو.‘

’مان ته صرف ايترو ئي چوندس ته اسان ٻنهي سٺي متر ٿي رهڻ جو انجام ڪيو آهي.‘

’بيو به ڪو انجام ڪيو اَٿو ....‘

’ها بيا به به انجام ڏنا اَٿم پر اِهي ٻڌي توکي ڪو به فائدو يا نقصان نه ٿيڻو آهي؛ جو توکي هاڻي ٻڌايان.‘

’هوءَ توهان سان صرف مترتا ٿي رکڻ چاهي يا توهان جي ......‘

’خبردار، جي ڪو ڳتو لفظ چيو اَٿئي.‘ پريتم غصي ۾ اَچي چيو.

’واهه! توهان کي هن جي ڪري ايترو جلد غصو به اَچي ويو. مون ته صرف اِهو ٿي جاڻڻ چاهيو ته ڇا هوءَ توهان جي پيڻ ٿي رهڻ چاهي ٿي؟‘

’نه مونکي ڪا پيڻ آهي ۽ نه ئي وري هن کي ڪو ڀاءُ آهي جو اسان کي اَهڙي سنبنڌ جي ڪا خبر به هجي. اِنهيءَ ڪري اِهو سوال ئي نه ٿو اُٿي.‘

’ته توهان ٻئي دنيا کي بيوقوف بڻائڻ نڪتا آهيو.‘

’بيوقوفن کي بيوقوف بڻائڻ ۾ ڪهڙي سورهيائي آهي؟ دنيا بيوقوفن سان ڀريل رهي آهي ۽ هميشه ڀريل ئي رهندي. بيوقوفيءَ ۾ سدائين واڌارو ئي ٿيندو آهي ۽ سياڻپ ۾ هميشه گهٽتائي. ڏس نه توکي به

پريتم هٿ ملائيندي چيو ’مان ٻه هڪ سنو متر ثابت ٿي ڏيکاريندس‘
اِها ملاقات اِندومتيءَ ۽ پريتم جي پهرين هئي ۽ نه ڪِ آخرين.

پريتم بلڪل بدلجي چڪو هو. سندس پتنيءَ جا ته ڪي هفتا هوش حواس غائب ٿي ويا. گهڙيءَ گهڙيءَ پاڻ کي پِڪ پئي ڏيارپائين ته اِهو سڀ ڪجهه ساپيا آهي ۽ نه سپنو. پريتم هڪ گجندڙ شير هو سو اَچانڪ ئي هڪ گهيٽو ٿي پيو. پتنيءَ سان پيار ڪرڻ لڳو ۽ ٻارن کي وڌيڪ چاهڻ ۽ پيار ڪرڻ لڳو. پنهنجيءَ پتنيءَ ۽ ٻارن جي هرڪا گهرج ۽ خواهش پوري ڪرڻ لڳو. پريتم جي اَهڙي هلت جي ڪري سندس پتنيءَ جي پٿر دل به پگهرجي ويئي. هن جي شوخ دل ۾ پريتم لاءِ ديا به اَچي ويئي. پريتم کي پيار ڪرڻ واري پتني ملي ويئي. ٻارن کي ماءُ ۽ پيءُ جو پيار ۽ ممتا ملي ويا. پتنيءَ کي هڪ جوابدار پتي ملي ويو. گهر عجائب گهر مان ڦري سک ۽ خوشين سان پريل گهر گرهستي بڻجي ويو.

دک ايندا آهن ته ويندا ئي ڪونهن ۽ خوشيون ايندون آهن ته ٽڪنديون ئي ڪونهن. پريتم ۽ اِندومتيءَ جو گهمڻ ڦرڻ، هڪ ٻئي جي آفيس ۾ بنا هٽڪ جي اَچڻ وڃڻ، ڪنو چانهه پيئڻ ۽ ڪنو ماني کائڻ ڪن ڏسندڙن کي نه وڻيو. افواهه اُڀيا ته اُتي به پهچي ويندا آهن جتي افواهن کي پهچڻ به نه کپي. هڪ ڏينهن پريتم ٿورو دير سان گهر پهتو ته سندس پتنيءَ گهر ۾ پير رکڻ سان ئي سوال پڇيو ’چو اَڄ دير ٿي اَٿوَ؟‘

’اَڄ ته دير ايتري ڪو نه ٿي آهي جيتري ڪڏهن ٿيندي آهي ....‘

’۽ ...... ائين به چوندا ته آفيس ۾ اڄ گهڻو ڪم هو.‘

’ها، بلڪل ٺيڪ. لڳي ٿو ته تون هڪ جوتشي ٿي وئي آهين.‘ پريتم هلڪو مشڪندي چيو.

’ها، مان جوتشي ٿي وئي آهيان. هاڻي مونکي توهان جي ٻاري ۾

اُها سڄي رات پريتم جي پاسا ورائيندي گذري.

هڪ ڏينهن پريتم جي پتني ڏس پتو پڇائي اِندومتيءَ جي آفيس ۾ پهتي. هميشه وانگر ماڻهن جي پيڙ لڳي پيئي هئي. جڏهن وارو آيو ته اِندومتيءَ آدر ڀاءُ ڪري پريتم جي پتنيءَ کي ڪرسيءَ ڏانهن اِشارو ڪري وهڻ لاءِ چيو.

’مان ڪهڙي سيوا ڪري سگهان ٿي؟‘ اِندومتيءَ شروعات ڪندي پڇيو.

’تون مونکي هر قسم جي مدد ڪري سگهين ٿي جي مدد ڪرڻ چاهين ته.‘ .....

’اِها منهنجي لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. ڇا پتيءَ سان گڙٻڙ آهي؟‘

’ها ٿورو ڪجهه ....‘

’ڇا هو توکي طلاق ڏيڻ ٿو چاهي؟‘

’نه ائين ڪونهي.‘

’ته ڇا آهي؟‘

’هن جي حياتيءَ ۾ مون کان سواءِ هڪ ٻي به عورت آهي.‘

’ڇا هو توتي ڪو ظلم ٿو ڪري يا ٻارن سان پيءُ وانگر نيڪ نموني نٿو هلي؟‘

’ نه اهڙي ڳالهه به ڪونهي. ڳالهه صرف اِها آهي ته مان پنهنجي پتيءَ جي حياتيءَ ۾ ڪنهن ٻي عورت جو هجڻ سهي نه ٿي سگهان.‘

’اُنهيءَ جو ڪارڻ تون به ٿي سگهين ٿي.‘ اِندومتيءَ سياڻپ نوع ۾ چيو.

’ها،مان قبول ٿي ڪريان ته شروعات ۾ اسان جا هرروز جهڳڙا ٿيندا هئا، پر هاڻي منهنجي پتيءَ جو سڀاءُ بلڪل ڦري چڪو آهي. هو هر خيال کان هڪ آدرشي پتيءَ هڪ آدرشي پتا آهي‘

تنهنجي سياڻپ جواب ڏئي بيٺي آهي!‘

’مان اِهو سڀ سهي نٿي سگهان.‘

’ڪو به اُبهرائيءَ وارو قدم نه کڻج. وقت گذرڻ ڏي. سچ ۽ ڪوڙ پاڻهي ظاهر ٿيندو. هڪ جي ٻي هن مهل نه سمجهه. ڳالهه ۾ ڪجهه به ڪونهي. اِنهيءَ ڪي وڌائيندينءَ ته پنهنجي به ٻري سگهي ٿو ۽ سيڪ هڪ کي نه پر گهڻن کي ٿي ايندو.‘ پريتم سمجهائيندي چيو.

’باهه لڳي آهي ته ٻلي لڳي. پوءِ ٻلي ته سوني لنڪا جو نه پسم ٿي وڃي.‘

’مهرباني ڪري اهڙي چرياڻپ نه ڪج.‘

’مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇا نه ڪرڻ گهرجي، اُهو فيصلو مان پاڻ ڪري سگهان ٿي.‘

’ڪي اَهڙا به فيصلا ٿيندا آهن جي ٻين جي صلاح سان ڪرڻ گهرجن. توکي منهنجي صلاح جي ضرورت نه آهي ته منهنجو هڪ عرض ئي سمجهه ۽ خطرناڪ رستي اختيار ڪرڻ کان باز اَچ.‘

’اِنهيءَ ڳالهه ۾ مان توهان جو حڪم به ڪو نه مڃينديس. عرض قبول ڪجي يا نه اُهو ته منهنجي ئي اختيار آهي.‘

’تون ته صاف انڪار ئي ٿي ڪرين. مان نه حڪم ڏيڻ جي قابل آهيان ۽ نه ئي وري عرض ڪرڻ جي. توکي جيڪي ٺيڪ لڳي سو ئي ڪر پر هڪ ڳالهه جو خيال رکج ته دنيا ۾ گهڻيئي ڳالهيون پيون ٿين. ڪي ڳالهيون اَهڙيون به آهن جي ڳجهه ۾ ئي رهن ته اُنهيءَ ۾ ئي دنيا جي ڀلائي آهي. جي اُهي ڳجهه کوليا ويا ته اُنهيءَ سچي ۽ سٺيءَ ڳالهه مان گهڻيئي خطرناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا. مان اُنهن اُگرن نتيجن جو سوچي ئي توکي چوان ٿو ته ڳالهه مان ڳالهوڙو نه ڪر. توکي اُبهرو نه ٿيڻ کپي. ڇڏي ڏي. وقت ئي پاڻ فيصلو ڪندو.‘

’ائين چوندي توکي شرم نہ ٿو اچي؟‘

’سچ چوڻ ۾ شرم ڇا جو؟‘ سوال جو جواب اِندومتيءَ سوال ۾ ڏيندي چيو. پريتم جي پتني لاجواب ٿي وئي ۽ ٿوري وقت لاءِ سناٽو ڇانئجي ويو.

شانتيءَ کي ٿوڙيندي پريتم جي پتنيءَ سوال پڇيو ’ڇا هو بہ توکي پيار ڪري ٿو؟‘

’ها، بلڪل .....‘

’پوءِ دير ڇا جي؟‘

’دير ڇا ۾؟‘

’شاديءَ ۾ .....‘

’چاهيندي بہ مان شادي ڪرڻ نہ ٿي چاهيان صرف اِنهيءَ لاءِ جو مان توکان تنهنجو پتي ڇنڻ نہ ٿي چاهيان ۽ نہ ئي معصوم ٻارن کان پيءُ کسڻ ٿي چاهيان.‘

’واهه! نيڪ خيالن جو سنو ڏيکاءُ ٿي ڪرين.‘ ٺٺوليءَ واري نوع ۾ پريتم جي پتنيءَ چيو.

’اِهو ڏيک آهي يا حقيقت اُهو وقت ئي ثابت ڪندو.‘

’وقت ڇا ثابت ڪندو؟ مون کي خبر آهي تہ تون گهڻن سان ئي گهمي ڦري چڪي آهين. منهنجو پتي اُنهن مان هڪ آهي.‘

’دنيا مونکي ڀلي ڪيترو بہ خراب سمجهي مونکي اُنهيءَ جي پرواهہ ڪونهي. گهڻن سان گهمي آهيان، سا حقيقت آهي پر اِها بہ حقيقت آهي تہ مون پيار صرف پريتم کي ئي ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ نہ صرف هو هڪ آدرشي انسان آهي پر هو لکن ۾ هڪ آهي.‘

’توکي دنيا جي پرواهہ هجي يا نہ، مونکي آهي. مهرباني ڪري اسانجي گهر گرهستيءَ کي سکي رهڻ ڏي.‘

’جيتري قدر مونکي خبر آهي اُنهيءَ موجب مون تنهنجي گهر جو وڏيڪ ئي خيال ڪيو آهي ۽ پنهنجو ڪڏهن بہ نہ. ايڏيءَ عمر ۾ صرف هڪ ئي لائق اِنسان مليو ۽ سو بہ شادي ڪيل. مان چاهيان ها تہ هن کي

’اِهو ڦيرو اُنهيءَ عورت جي ڪري آيو هجي اُهو بہ تي سگهي ٿو. تو نہ قبول بہ ڪيو آهي تہ شروع ۾ اِنهيءَ جو ٻج توئي پوکيو، جو هن کي ڪنهن ٻيءَ عورت جو سهارو وٺڻو پيو. حقيقت اِها آهي تہ مڙد پهلي تہ پنهنجي مردانگيءَ جو ڏونڪو هڻندا ڦرن، سچ پچ تہ مڙد عورتن کان هر لحاظ کان ڪمزور آهن. صرف ٻاهريون ڏيکہ اَٿن ۽ ميچ جو هٺ اَٿن. مڙدن کي بہ ٻارن وانگر هميشه پيار ڪرڻ واري عورت کپي. ننڍي هوندي ماءُ جو پيار، شاديءَ بعد پتنيءَ جو ساٿ ۽ پتنيءَ جي گذاري وڃڻ تي نونهن جي شيوا ۽ ٽهل تي جيئڻو ٿو پوين. اِهو سچ اسان عورتن کي جاڻڻ کپي ۽ اُنهن ويچارن جي ابوجهائيءَ جو اجوڳ فائدو اسان کي هرگز نہ وٺڻ گهرجي. هنن کي سمجهي همدردي ڏجي تہ همٿ سان اُهي حياتيءَ جي هر مصيبت جو مقابلو ڪري سگهن ٿا.‘

پنهنجيءَ پرس مان هڪ فوٽو ڪڍي اندومتيءَ کي ڏيندي چيائين ’هيءَ آهي منهنجو پتي.‘

اندومتي فوٽو ڏسي ٿورو سُن ۾ اَچي وئي. گهنٽي وڄائي پٽيوالي کي در بند ڪرڻ لاءِ چيائين ۽ حڪم ڪيائين ’ٻاهر جيڪي بہ ماڻهو ويٺا آهن اُنهن کي چئو تہ مونکي اڄ وقت ڪونهي ۽ سڀاڻي اچن.‘

’تون هن کي سڃاڻين ٿي؟‘ پريتم جي پتنيءَ اِندومتيءَ جي چهري ۾ معنيٰ ڀريل نظر وجهندي پڇيو.

اِندومتيءَ پاڻ کي ٿورو ٺهڪايو. اُيو ساهہ کڻي همٿ رکي بنا هٽڪ جي چيو. ’ها‘

’ڪيتري قدر سڃاڻين؟‘

’اِهو چوڻ ڏکيو آهي پر پڪ اَٿم تہ توکان وڌيڪ هن کي مان سڃاڻان.‘

’اِهو وري ڪيئن جو تون منهنجي پتيءَ کي مون کان بہ وڌيڪ ٿي سڃاڻين؟‘

’اِنهيءَ جو ڪارڻ اِهو آهي جو تو هن سان صرف شادي ڪئي آهي ۽ نہ پيار. مون هن سان شادي نہ ڪئي آهي پر صرف پيار.‘

صرف پريتم جي اَچڻ جي دير هئي.

ٽڪل، ٽٽل ، ملول ڇهري سان پريات جو پريتم گهر پهتو. سندس اَهڙي حالت ڏسي سندس پتنيءَ جي هڪ بہ سوال پڇڻ جي همت ڪو نہ ٿي. پيانڪ طوفان اچڻ کان اڳ وارو خوفناڪ سناٽو ڇانئجي ويو. پريتم اکيون بند ڪري سوچيندو ئي رهيو. پتنيءَ ڪيس ڏونڌاڙيو ۽ گرم چانهہ جو ڪوپ ڏنو ۽ پريتم جي خيالن جو سلسلو ٽٽي پيو پر جلد ئي هو بي جان نموني يڪ ٽڪ هڪ طرف نهاريندو رهيو ۽ چانهہ جا ڍڪ پريندو ويو. چانهہ پي پوري ڪيائين تہ وري ديڄاريندڙ شانت ڇانئجي وئي. شانتيءَ ۾ پنگر وجهندي سندس پتنيءَ سوال پڇيو ’ڇو، ڇا ٿيو آهي؟‘

اِنهيءَ هڪ سوال جڻ تہ پريتم جي آنسن جي بند کي ٽوڙي ڇڏيو. آنسون آبشار وانگر وهي نڪتا ۽ سڏڪن ۾ اَچي پيو. سندس پتنيءَ جا حوصلا خطا ٿي ويا. جڏهن پريتم ٿورو سامت ۾ آيو تہ سندس پتنيءَ بلڪل پاسي ۾ ويهي دلداري ڏيندي پڇيو. ’آخر ڇا ٿيو آهي. ٻڌايو نہ؟‘

’اِندوءَ پل ۾ نند جون گوريون وٺي ڪاڏيون ۽ هوءَ هن جهان ۾ ڪونهي ....‘

سندس پتنيءَ جي هٿ مان چانهہ جا ڪوپ ڪري پيا. صبح جي شانت وايومنڊل ۾ زوردار آواز ٿيو ۽ وري شانت ڇانئجي وئي. هن ڏينهن جي شروعات بہ ٻين ڏينهن جي شروعات وانگر ئي هئي. ٿڌي هير لڳي رهي هئي پر من ۾ اُهو چئن ئي نہ رهيو جو پريتم اُها ٿڌڪار محسوس ڪري.

’پر بہ ڏينهن اڳ ۾ تہ بلڪل ٺيڪ هئي ......‘ پريتم جي پتنيءَ جي وات مان اِهو بي اختيار نڪري ويو.

’توکي ڪيئن خبر پئي تہ بہ ڏينهن اڳ ۾ هوءَ ٺيڪ هئي. ٽيون ڏينهن شام جو هن مونکي نياپو موڪليو تہ ڪم گهٽو آهي، هوءَ مونکي گڏجي ڪو نہ سگهندي.‘

’اُنهيءَ ڏينهن ئي مان ڪيس گڏجڻ وئي هئس.‘ پتنيءَ هبڪندي قبول ڪيو.

شاديءَ جي بنڌن کان آزاد ڪرائي پنهنجو ٻڌائي سگهان ها پر مون ائين ڪرڻ ٺيڪ نه سمجهيو ۽ ائين نه ڪيو. ڇا اِهو ئي منهنجو گناهه آهي؟'

'مهرباني ڪري منهنجي پتيءَ کي وساري ڇڏ.' پريتم جي پتنيءَ عرض ڪندي چيو.

'پريتم کي چاهيندي به هن کان پريان رهان، اِها اگني پريڪشا مان ڏئي نه سگهنديس. هن کي جيئري وسارڻ ته منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي. جيڪڏهن مان ڏينهن جو ٿورو حصو خوش رهي سگهان ٿي ۽ توکي يا تنهنجي ٻارن کي ڪا به قرباني نه ٿي ڪرڻي پوي ته توهان کي اعتراض ڇو هئڻ گهرجي. توکي پتي آهي. گهر آهي. ٻار آهن. مونکي ته صرف هن جي ٿوري سات جو ئي آسرو آهي.' اِندومتيءَ جون اکيون آنسن سان پرجي آيون.

'دنيا ۽ سماج کي اِهو سمجهه ۾ ڪو نه ايندو. مان توکي سمجهي سگهان ٿي پر اِهو سهي نه ٿي سگهان.'

'اِنهيءَ اڻ سهو سياءَ جا نتيجا خراب به ٿي سگهن ٿا. تون اُهڙن نتيجن لاءِ تيار آهين؟'

'تيار هجان يا نه، جي قسمت ۾ ڪو به نتيجو ڀوڳڻو ئي آهي ته ڀوڳڻو ئي پوندو. مان اُنهيءَ کان بچي نه ٿي سگهان.'

'قسمت جو نتيجو ڪهڙو به هجي اُهو سهي به وڃجي پر پنهنجي ڪئيءَ جو خراب نتيجو ڀوڳڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ تون مون کي غلط نه ٿي سمجهين، اِها به خوشيءَ جي ڳالهه آهي پر پريتم کان پريان ٿي جيئڻ مون لاءِ ڏاڍو مشڪل آهي.'

اُهڙيءَ طرح اِندومتيءَ ۽ پريتم جي پتنيءَ جي پهرين ملاقات ختم ٿي.

هڪ ڏينهن پريتم جي پتني سڄي رات پريتم جي اچڻ جو انتظار ڪندي رهي. گهر ۾ نه اَچڻ جا گهٽيئي ڊيڄاريندڙ خيال ستائڻ لڳا. اندر ۾ اُٿيل طوفان بي چئن ڪرڻ لڳا. سوالن جي برسات وسڻ واري هئي

سماج سيوڪ

سندس اصلي نالو ڪو ٻيو ئي هو. پر چاڪاڻ ته هو نسوارٿي ۽ نشڪام شيواڌاري هو، اِنهيءَ ڪري ماڻهو ڪيس سڪ ۽ شرڌا وچان شيوڪرام ڪري ئي سڏيندا هئا.

گردواري ۾ شيوا، ٽهل ڪندو هو. گردواري لاءِ چندا ڪٺا ڪندو هو. غريب نياڻين اُڪلائڻ لاءِ دان وٺي ڏيندو هو. سرڪاري کاتن مان پئسي جي مدد حاصل ڪري گردواري جي ٽرسٽ جا ڪم هلائيندو هو. غريب عورتن کي سبڻ پرڻ سيکارڻ لاءِ ڪلاس هلائڻ لاءِ اُديوگپتين وٽان سلائي ۽ پرت جون مشينيون حاصل ڪندو هو. گردواري جي دان جي پيتيءَ ۾ پونڊز پئسا ڪڍي ٻُٽي بئنڪ ۾ رکائيندو هو. هر وڏي ڏڻ لاءِ چندا ڪٺا ڪندو هو. شاهوڪار وڏوائن کان پئسا وٺي گردواري ۾ اُنهن جي پتين جا فوٽا لڳارائيندو هو. يا نالا پنڪن ۽ ٻتين تي لکارائي ڪين اَمر بڻائيندو هو، جيئن ڪين سچکنڊ ۾ سُک حاصل ٿين.

ڏھ پنڌرهن ماڻهو ڪٺا ٿيا ته يڪدم موقعي جو فائدو وٺي مائيڪ وسيلي دان پڇ جي شاسترن ۾ لکيل مهما ڌرمي ڪتابن ۾ دان ڪرڻ لاءِ لکيل سکيائون ماڻهن کي ٻڌائڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو. ’هڪ ڏيندا ته ڏھ پائيندا.‘ اَڪثر دهرائيندو ئي رهندو هو.

’ڪهڙي ڪم سان.......؟‘

’صرف اِهو عرض ڪرڻ وئي هئس اسان جي سکي گهر گرهستيءَ جي وچ ۾ نہ اَچي ۽ توهان سان نہ گڏجي.‘

’مون توکي شروعات ۾ ئي چيو هو تہ کو بہ اُهڙو قدم نہ کڻج، جو اِنهيءَ اٽسهو سياءُ جا برا نتيجا نڪري سگهن ٿا پر تو نہ مڃيو. هڪ جي جان ورتئہ پر مونکي بہ تو جيئرو ماري ئي ڇڏيو. توکي ياد آهي تہ مون اِندوءَ کي بہ انجام ڏنا هئا. هڪ اِنجام اِهو هو تہ مان توکي طلاق ڪڏهن بہ نہ ڏيندس ۽ ٻارن کي خوش رکندس. ٻيو انجام اهو بہ هو تہ مان ڪڏهن بہ پنهنجيءَ حياتيءَ جو انت آڻڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪندس. جنهن توکي گهر گرهستيءَ جو سک ڏياريو ۽ مون کان ڪڏهن ڪڏهن شراب پيئڻ جي عادت ڇڏائي، اُنهيءَ جي ئي تو جان ورتي. آءُ ڪجھ لاءِ پل ۾ جي تون هٿ ڪپين ها تہ اُهو بہ معاف ڪري سگهجي ها پر تو تہ گلو ئي ڪپي ڇڏيو، سو بہ گهٽڻ جو ئي. توکي پنهنجي پتني سمجهندي بہ هاڻي مونکي شرم ٿو اَچي.‘ پريتم وري اَچي سڏڪن ۾ پيو.

هڪ رات جڏهن دنيا نندرا ديويءَ جي گود ۾ هئي. پريتم پنهنجو بسترو اڌ رات جو ڇڏيو ۽ دنيا جي ٻئي گوتم ٻڌ وانگر سڀ جو تياڳ ڪري نڪري پيو. اندوءَ کان سواءِ پريتم کي جيئري من جي شانتي ملڻ واري نہ هئي ۽ پنهنجو انت آڻي شانتي حاصل بہ ڏنل انجام موجب ڪري نہ ٿي سگهيو.

ڪڏهن ڪڏهن مت مائٽ، دوست سڄڻ خبر آڻيندا هئا تہ هردوار، رشيڪيش، بنارس ، ڪيدارنات، بدرينات، دوارڪا ۽ ٻين ڌرمي آستانن تي هنن پريتم کي ساڌوءَ جي ويس ۾ ڏٺو. اُنهن سڀني آستانن تان پريتم جي پتني ڳولها ڪري نراس ٿي موٽندي هئي.

باقي ٻچيل حياتي هوءَ پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙيندي رهي پر نہ اندو جيئري ٿي، نہ ٻارن جو پيءُ ٻارن کي واپس مليو ۽ نہ ئي وري ڪبس وڃايل پتي پراپت ٿيو. پريتم وري ڪڏهن بہ نہ موٽيو.

ڪري تہ هو چئن يا پنجن بين اٽيڙهيل پارتواسين کي وديادان ڪندو تہ هن مهان ۽ شاهي ملڪ مان جهاليت جي اونداهيءَ کي هميشه لاءِ تڙي ڪڍي سگهبو. پرسو اِنهيءَ ڪري ئي بنا فيءَ ونڻ جي شاگردن کي پڙهائيندو هو. پرسي جي گهر جو ننڍو ڪمرو هر شام جو ڄڻ هڪ ڪوچنگ ڪلاس ٿي پوندو هو. پرسي کي اِها بہ ڄاڻ هئي تہ ڪيس اڃان وڏيڪ وقت آهي جو هو نشڪام ۽ نماڻيءَ ديس سيوا صدقي سڪيارٿو ڪري سگهي ٿو ۽ دل ۾ ديش يڳتيءَ جي برندڙ جوالامکيءَ کي ٿورو شيتل ڪري سگهي ٿو. اِنهيءَ ڪري پرسي جي چاهنا هئي تہ هو شيوڪرام کي پنهنجو رهبر بڻائي جيئن هو لگن سان سماج سيوا ۽ نماڻي ديش-سيوا پڻ ڪري سگهي. شيوڪرام جي سڃاڻپ بہ گهٽي هئي تہ سندس عزت بہ جام هئي جنهن وسيلي پرسي گهڻو ڪجهہ ڪرڻ ٿي چاهيو.

شيوڪرام کي بہ پڪ هئي تہ سماج سيوا جي ڪنهن بہ ڪاريہ ۾ پرسو هن کي ضرور مدد ڪندو. هر دفعي تن، من ۽ ڌن سان شيوڪرام جا ڏسيل پراُپڪار جا ڪم پرسو ڪندو رهيو. اُنهن ڪمن ڪرڻ ۾ پرسي جو پئسو بہ خرچ ٿيندو هو پر هو اُهو خرچ خوشيءَ سان ڪندو هو. پرسي کي سنتوش ملندو هو تہ اَهڙا نيڪ ڪم پنهنجيءَ شڪتيءَ موجب هو ڪري ٿي سگهيو. اَهڙيءَ طرح سماج سيوا جي شڀ ڪاريہ ۾ پرسو حقيقت ۾ شيوڪرام جو پڪو چيلو ٿي چڪو هو. پرسو ئي هاڻي شيوڪرام جو ساڄو هٿ هو. ٻنهي جي محنت سان سماج سيوا جي شڀ ڪمن لاءِ هاڻي چندا بہ وڌيڪ ڪنا ٿيڻ لڳا. شيوڪرام بہ جتي پاڻ نہ وڃي سگهندو هو اُتي هاڻي هو پرسي کي ئي موڪليندو هو. آخر شيوڪرام جو پرسي ۾ ايترو تہ وشواس جمي ويو هو جو هو هر ڪم لاءِ پاڻ نہ پر پرسي کي ئي موڪليندو هو. پرسي کي بہ شيوڪرام جي شش هئڻ ڪارڻ وڌيڪ عزت ملڻ لڳي ۽ سندس سڃاڻپ بہ وڌندي رهي.

شيوڪرام هڪ شاهوڪار وڏوا سان ڪنهن خاص ڪم لاءِ گڏيو. پاڻ سان

سڀ ڪان وڌيڪ لڳن جا شيوڪرام کي لڳل هئي اُها هئي ”ڳپت دان ڪرڻ جي ساراه. زبان جو منو هو اِنهيءَ ڪري نهنائيءَ سان پيش اَچي سيني کي موهي ڇڏيندو هو. ’ڳپت دان مها دان آهي.‘ هن جي مک مان هر موقعي تي بي اختيار نڪري ئي ويندو هو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو جي چئجي ته اِهو شيوڪرام جو تڪيه ڪلام ٿي ويو هو. ڳپت دان جي مهما - جا پترا ڇپائي ماڻهن ۾ ورهائيندو هو. ساڻ ساڻ ڪنهن اخبار يا مخزن ۾ ڇپائڻ جو موقعو به ڪڏهن هٿان نه وڃائيندو هو. ساڻ ساڻ شيوڪرام سماج سيوا وسيلي ديش سيوا ڪرڻ لاءِ به ماڻهن کي پيو همٿائيندو هو. غريب شرنارٿين جي ڪئمپ ۾ ڪار سيوا يا شرم دان ڪرائي هن هڪ سندر پر ننڍو باغيچو پڻ ٺهرايو هو. اُنهيءَ شرم دان لاءِ شيوڪرام هڪ اسڪول جي شاگردن کي همٿايو هو ۽ اُنهيءَ اسڪول مان ئي اُنهيءَ شرم دان ڪئمپ جو اڳوان شيوڪرام چونڊيو هو. اُنهيءَ اڳوان جو نالو هو پرسو. پرسو ايماندار، محنتي ۽ سچيار شاگرد هو. پرسي ڪم ڪندڙ شاگردن کي همٿائي دل - وَ - جان سان ڪم ڪرايو ۽ اُهو سندر باغيچو ڏهن ڏينهن ۾ تيار ٿي ويو. اُنهن ڏهن ڏينهن جي ڪاڏي پيتي جو ڪم سيني شاگردن لاءِ دانويرن پاڻ تي هموار ڪيو. اُنهن ڏهن ڏينهن ۾ ڪيترا ئي شيوڪرام جا شش اَچي سندس نيڪ ڪم جي ساراه ڪندا رهيا.

پرسي جي ڪم ڪرڻ جي شڪتيءَ ۽ لڳن سيني ڪم ڪندڙن کي متاثر ڪيو. خود شيوڪرام به اُهڙيءَ لڳن سان ڪم ڪرڻ واري پرسي کي چاهڻ لڳو. پرسو پڙهڻ ۾ به هوشيار شاگردن مان هڪ هو. مئٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ هو ڪجهه شاگردن کي هر روز شام جو به ٽي ڪلاڪ مفت ۾ پڙهائيندو هو ڇاڪاڻ ته پرسي ۾ سچيءَ دل سان سماج سيوا ڪرڻ جي ڀاونا هئي ۽ شڪتي پڻ هئي. هن جو اصول بلڪل رواجي پر پڪو هو. پرسي جو وشواس هو ته هر پڙهيل هندستاني اِهو پڪو نشچو

سچو ڏينهن پوڄا پاٺ ۾ پگهر رس جو مذر وايومنڊل رهندو. شاديءَ لاءِ وڏو هال بہ نهرائبو. پاڻيءَ لاءِ گهر بہ نهرائبو. اِهي سڀ پرمارٿ جا ڪم ڇا صرف هڪ غريب کي دکي نہ ڪرڻ ڪارڻ روڪي رکبا؟'

'اِهي ڪم سڀ نيڪ آهن پر بارن ٻچن واري غريب کي بي گهر ڪرڻ تہ سراسر ظلم ٿيندو. هاڻي تہ جڳهين جا اگهہ بہ چوٽ چڙهي ويا آهن اِنهيءَ ڪري هنن کي تہ هاڻي مسواڙ تي بہ ڪٿي جڳهہ نہ ملندي.'

مائيءَ دک وچان چيو.

'اَمي، توهان صرف هن دستاويز تي صحي ڪريو. مان انجام ٿو ڪريان تہ جيستائين توهان جو مسواڙي پاڻ جڳهہ مان نہ اُٿيو آهي اَسين هن کي جڳهہ مان زوريءَ نہ ڪڍنداسين.'

'توهان چئو ٿا تہ مان توهان کي دستاويز تي صحي ڏيان ٿي پر اِنهيءَ شرط تي تہ جيستائين مسواڙيءَ پاڻ جڳهہ خالي نہ ڪئي آهي تيستائين توهان هنن کي زبردستيءَ اِنهيءَ جڳهہ مان نہ اُٿاريندا.'

مائيءَ صحي ڪئي. شيوڪرام دستاويز ڪٺي لفافي ۾ وڌا ۾ ڏاڍي مشڪلات سان پنهنجي ڪاميابيءَ تي ٿيندڙ خوشيءَ کي دٻائيندي مائيءَ جون مهربانيون مڃيندي ٻاهر نڪتو ۾ هڪ آگياڪاري شش وانگر پرسو بہ سندس پٺيان نڪتو.

ٻاهر نڪري شيوڪرام چيو 'هڪ وڏو خفو مٿي تان لٿو آهي. خبر اَٿئي سيٺ پرسرام تہ هاڻي هت ڪم ڪرائڻ ۾ جڳهہ وڌائڻ ۾ نهرائڻ لاءِ اسان ٻنهي کي خوب محنت ڪري چندا ڪنا ڪرڻا پوندا. هتي ڪم ڪرائڻ لاءِ لکين رپيا لڳندا. اسان جا سنڌ ورڪي سيٺيون ناليءَ ۾ مشهوريءَ ڪارڻ لکين رپيا ڏيڻ لاءِ آتا وينا آهن. بابو مهر ڪندو ۾ سڀ ڪم راس ڪندو.'

'پر مسواڙيءَ کي ڪيئن اُٿاريندا؟' پرسي پڇيو.

'لعل، تون اَجا ٻار آهين. جيڪو تڪليف جو ڪم هو، اُهو تہ اَڄ پورو ٿي ويو. هاڻي باقي بيو سڀ ڪم سولو آهي. ڌرم جي ناليءَ هن مائيءَ جڳهہ دان ڪئي. ڌرم جي نالي ئي لکين رپيا ڪنا ڪبا ۾ اِنهيءَ ڌرم جي

ڪنهن پرسي کي به وٺي ويو. اُنهيءَ وڏا سان ڏنڄڻ جو ڪارڻ اِهو هو ته هوءَ گردواري جي لڳو لڳ پنهنجي جڳهه گردواري کي دان ڪري جيئن ٻئي جڳهيون گڏجي گردوارو وڏو ٿي سگهي.

شيوڪرام شروعات ڪندي چيو 'اَمي مان توهان ڪان هڪ دان وٺڻ آيو آهيان جنهن جي دان ڪرڻ سان توهانجي سرڳواسي پتيءَ کي ۽ توهان کي سچکنڊ ۾ سک ملندا. توهان پنهنجي جڳهه گردواري کي دان ڪريو. اُتي اسان جيڪي به سڪيارت جا ڪم ڪنداسين اُهي توهان جي ۽ توهان جي پتيءَ جي نالي قائم ڪرڻ لاءِ ڪنداسين. توهان ٻنهي کي سچکنڊ ۾ شانتي پراپت ٿيندي.'

'پر منهنجي اُنهيءَ جڳهه ۾ ته اڳ ۾ ئي هڪ مسواڙي پنهنجي وڏي ڪٽنب سان ويهن سالن کان رهندو آهي. اُنهيءَ مسواڙيءَ جو حق به ته سچ پچ اُنهيءَ جڳهه تي لڳي.' مائيءَ جواب ۾ چيو.

'اَمي، اُنهيءَ کي اُٿارڻ ڪم توهان آسان تي ڇڏيو. اسان هن کان پاڻيهي ٽپڙ ڪٽائينداسين.' شيوڪرام مٺي نموني سمجهائيندي چيو.

'اِهو ته اَڌرم ٿيندو. اُهي غريب هتان اُٿي ڪيڏانهن ويندا.' مائيءَ چيو.

'اَمي غريبن لاءِ ته سڄي دنيا پئي آهي. اُهي هتان اُٿي وڃي ڪٿي به رهي ٿا سگهن، پر هيءُ گردوارو ته هتي ئي رهندو ۽ پرشارٿ جا ڪم به صرف هتي ئي هن جڳهه ۾ ئي ڪري سگهبا.'

'اُهو ته آهي ئي. پر هنن غريبن سان انياءُ ڪرڻ ته سراسر اڌرم ئي ٿيندو.'

'اَمي توهان اِنهيءَ باري ۾ بي فڪر رهو. اِنهيءَ جڳهه ۾ اسان جيڪي به غريبن لاءِ ثواب جاڪم ڪنداسين اُهي سڀ ڌرم جا ڪم ئي ٿيندا. هڪ غريب گهر جو خيال ڪري توهان گهڻن ئي غريب گهرن کي نقصان ٿا رسايو، پر هڪ غريب جو خيال ترڪ ڪري توهان گهڻن ئي غريبن کي سکي ڪري سگهو ٿا. هن جڳهه تي تهان جي سرڳواسي پتيءَ جو ئي نالو رهندو. اِنهيءَ جي مٿان ڌرمشالا ٺهرائجي. گردوارو وڏو ۽ عاليشان ٺهندو.

اِنھيءَ خاموشيءَ کي ٽوڙيندي شيوڪرام چيو 'هن آرتوار سي تون شام جو منھنجي گھر اچج. تو سان خاص مخفي ڳالھيون ڪرڻيون آهن جي سڀ تنھنجي فائدي ۾ ئي ٿينديون، مان تنھنجو انتظار ڪندس.'
ڏاڍيءَ مشڪلات سان پرسي جي زبان مان هٽڪندي 'چڱو .....' لفظ ئي نڪتو.

مقرر ڪيل آرتوار تي شام جو پرسو شيوڪرام جي گھر پھتو. گھر ڏسي وائڙو ٿي ويو. 'ڇا اھڙو سجاوت وارو گھر هڪ سماج سيوڪ جو ٿي سگھي ٿو؟' پرسي دل ئي دل ۾ سوچيو. اهڙو سجايل ۽ عاليشان گھر تہ پرسي صرف سئنيمائن ۾ ڪاري بزاري ڪندڙ شاھوڪارن جو يا سمگلرن جو ئي ڏٺو هو. پرسو جيئن ئي شيوڪرام جي گھر جي پٽين ۽ ڇت کي عجب وچان ڏسي رهيو هو تہ اُنھيءَ وقت شيوڪرام بہ هال ۾ داخل ٿيو.
'اچي وئين .... پٽ! .....' شيوڪرام پيار سان چيو.
'جي ...... ها ......' پرسي جواب ۾ چيو.
'تون پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجھو آهين، ساڻ ساڻ تون سچيار ۽ ايماندار پڻ آهين وقت جو بہ پورو آهين. تون جيڪي بہ شيوا جا ڪم ڪرين ٿو اُهي اُتساھ ۽ سچيءَ لگن سان ٿو ڪرين.' شيوڪرام ساراھ ڪندي پرسي کي اُتساھ ڏيڻ جي نوع ۾ چيو.
'مهرباني .....'
'مون تنھنجيءَ ايمانداريءَ جون چڱيون ئي پريکشائون ورتيون آهن. تون اُنھن سڀني امتحانن ۾ ڪامياب ويو آهين. جتي بہ مون توکي گپت دان وٺي اَچڻ لاءِ موڪليو اُنھن سڀني دانويرن ڪان دان ۾ ڏنل رقم پڇي مون هردم پئي خاطري ڪئي آهي تہ تون اُنھن ۾ هڪ پئسي جي بہ هيٺ مٿانھين نہ ڪئي آهي. خود پاڙي جا پئسا بہ تون پنھنجي کيسي مان ڪڍي خرچ پئي ڪيا آهن. پر هڪ ڳالھہ جو ڌيان رکج تہ صرف

نالي ۾ هن مسواڙيءَ کي هتان تيز ڳول ڪرائبا، حرامخور بابي جي ملڪيت سمجهي جمي ويٺو آهي.

’پر اِها تہ سراسر بي اِنصافي ٿيندي ۽ اَڌرم پڻ ٿيندو.‘ پرسي دک وچان چيو.

’اِنصاف يا بي اِنصافي نتيجي تي ٿي مدار رکي ۽ نہ طريقي تي. تو هيترا اِمتحان پاس ڪيا آهن. سڀيئي پهرئين نمبر ايندڙ کي داد ڏيندا آهن. هرڪو هن جي ساراهہ ڇون سرکيون پريندو آهي. ڪڏهن ڪنهن اُنهيءَ پهريون نمبر اَچڻ واري کان پهريون نمبر اَچڻ جو طريقو پڇيو آهي؟ پلي تہ هو ڪاپي ڪري پهريون نمبر ڇو نہ آيو هجي تہ بہ هن کي سون جو ٻلو ملندو.‘

’اِهو برابر آهي پر توهان ڌرم جي نالي ۾ ڪيئن مسواڙيءَ کي اُٿاريندا، اِهو منهنجي سمجهہ ۾ ئي نہ ٿو اَچي.‘ پرسي چيو.

’پٽ! ڏيان سان ٻڌ. مان گونڊن کي پئسا ڏيئي ڇيڙيندس. اُهي هن حرامخور مسواڙيءَ ۽ سندس ڪٽنب کي حيران ۽ هلاڪ ڪندا. پاڙي اوڙي جي ماڻهن کي ڇيڙيندس تہ هيءُ اڌرمي توهان جي ڌرمي وشواس جي نندا ٿو ڪري ۽ گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي. مان ڌرم جي نالي اَنڌوشواسين کي ٻرغلائيندس تہ هيءُ مسواڙي ڌرم جي ڪمن ۾ رنڊڪ وجهي ويٺو آهي ۽ جڳهہ قبائڻ ٿو چاهي. مٿان وري وڪيلن جا نوٽيس ڏياريندس. ڪورٽ ۾ ڪيس بہ داخل ڪندس. جيڪڏهن اِهو مسواڙي سچ پچ غريب آهي تہ ڇا هو اِنهن سڀني ڳالهين کي منهن ڏئي سگهندو؟ جيڪڏهن منهن ڏنائين بہ تہ، ڪيترو وقت؟‘ شيوڪرام سوال پڇندي چيو.

پرسي جو عجب وچان وات ڦاٽي ويو. هڪ سماج سيوڪ جي واتان اِهو سڀ ٻڌي سندس هوش حواس ئي غائب ٿي ويا. گرو تہ سچ پچ افلاطون نڪتو. ڇيلو اوچتو ئي اوچتو ۽ ايترو ئي جلدي بغاوت ڪيئن ٿي ڪري سگهيو؟ سالن کان پرسي جي دل ۾ شيوڪرام لاءِ جا عزت هئي، اُها هڪ ئي ڏينهن ۾ ڪيئن ٿي ڪافور ٿي سگهي؟ پرسي جا تہ طاق ئي لڳي ويا. چپ ئي جمي ويس ۽ سُن ۾ خاموش ئي رهيو.

شناس تي ۽ جتي بيا ناڻا ڪمائين ٿا اُتي عرف تون ئي اصولن تي ٻيهي غربت جي ذلت واري حياتي گذارين، اُها منهنجي لاءِ سچ پچ ڏکائيندڙ ڳالهه ٿيندي. وڌيڪ تون پاڻ ئي مرضيءَ جو مالڪ آهين. جي تون اُهو فيصلو ڪندين جيئن مان چاهيان ٿو تہ تون ڪرين؛ تہ اُنهيءَ آسان ٻنهي جو ڀلو آهي ....'

'ٺيڪ آهي مان توهان کي پنهنجو فيصلو هڪ ٻن ڏينهن ۾ ٻڌائيندس' پرسي شيوڪرام جي صلاحن سان پريل لنبي اُپديش کي ڪٽيندي چيو. پرسو گهر وڃڻ لاءِ اُٿيو پر سندس پيرن مان ست نڪري چڪو هو. زمين تہ پيرن هيٺان اڳ ۾ ئي کسڪي چڪي هئي. پرسو پاڻ کي سنڀالي لڙکڙائيندو شيوڪرام جي گهر کان ٻاهر نڪتو.

اُها سڄي رات پرسي کي نيڻن ۾ ننڊ نہ آئي. هو سوچيندو ئي رهيو تہ دنيا ۾ ڀهروپين کي ڪيتري نہ عزت ٿي ملي ۽ ساڻ ساڻ شرڌا ۽ وشواس پيار پڻ. اڄيون سڀ ڳالهيون هڪ پڳل ٽٽل تصوير جي پرولين وانگر پرسي جي دماغ ۾ ٿي آيون ۽ اُنهن جو صحيح چتر پرسي جي دماغ ۾ ٺهندو ٿي ويو.

شرمدان لاءِ لڳايل ڪئمپ جو پرسي کي خيال آيو. پرسو سڄيءَ ڪئمپ جو اڳوان هو. ڪانئڻ پيئڻ ۽ خرچ جو سڄو بوجو پرسي تي ئي هو پر تڏهن بہ حساب ڪتاب لکڻ وقت شيوڪرام ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان پرسي کي پريان موڪلي ڇڏيندو هو.

پرسي کي ڪنن سان ٻڌل اُهو ڪوڙ بہ اڄ ياد اَچڻ لڳو، جڏهن شيوڪرام ڪن دانويرن کان پئسن وٺڻ مهل ائين چيو تہ شرمدان ڪئمپ ۾ سوا سو ڇوڪرا ڪم ڪن ٿا، جن جي کاڌي پيتي جو بندوبست ڪرڻو آهي. حيتوڻيڪ اُنهيءَ ڪئمپ ۾ صرف ٢٥ ڇوڪرا هئا جن جي پرسي کي پوري ڄاڻ هئي ڇاڪاڻ تہ ڪئمپ جو اڳوان هو پاڻ ئي هو.

سچائي ۽ ايمانداري ئي سڀ ڪجھ ھن دنيا ۾ نہ آھي. دنيا ۾ ٻيو بہ ڪجھہ آھي جو توکي ڏيان سان ٻڌڻ گھرجي.'

'جي .... ھا.......' پرسي ڪنڌ لوڏيندي چيو.

'پر اُپڪار ڪرڻ سنو آھي پر پراُپڪار اَھڙيءَ طرح ڪجي جنھن مان توکي بہ ڪجھہ حاصل ٿئي ۽ فائدو پوي. تون جو ايترو وقت اِنھن ڪمن لاءِ ڏين ٿو، آخر اُنھيءَ وقت جي بہ تہ ڪا قيمت آھي يا نہ؟ اُنھيءَ وقت جو ملھہ ڇا آھي اُھو تون پاڻ مقرر ڪر ۽ جيئن وقت گذري تہ اِھو ملھہ بہ وڌائيندو وڃ.'

پرسي جي پيرن ھيٺان زمين کسڪڻ لڳي. 'ڇا اِھو سڀ مان اُنھيءَ اِنسان جي واتان ٿو ٻڌان جو ھڪ مھان اِنسان، نشڪام سماج سيوڪ ۽ ديش ڀڳت سمجھيو ويندو آھي؟' پرسي دل ئي دل ۾ سوال ڪيو.

شيوڪرام سلسلو جاري رکندي چيو 'ھاڻي تہ وڏا ڪم ھٿ ۾ ڪٽا آھن، جن ڪمن لاءِ لکين روپيا ڪٺا ڪيا ۽ لکين روپيا خرچ ڪيا. اَھڙو موقعو مان نہ ٿو چاھيان تہ تو جھڙو ھوشيار نوجوان ھٿان وڃائي. ھنن ڪمن جي سڀ نظرداري ۽ سمورو ڪاروبار مان توکي سونپڻ ٿو چاھيان. ٻئي ھڪ ٻئي سان نھي ھلياسين تہ اُنھيءَ ۾ ئي اسان ٻنھي جو فائدو آھي. اسان جي راز جون ڳالھيون ڪنھن ٽئين ماڻھو جي ڪن تي بہ نہ پون صرف اِھو خيال رکجِ. چو، تنھنجو ڇا ويچار آھي؟'

'ڪم وڏو آھي ۽ جوابداري بہ وڏي آھي. مان نہ ٿو سمجھان تہ مان اَھڙي اَھم جوابداري سنڀالي سگھندس. خاص ڪري جڏھن لکن جا ليکا آھن' پرسي ھبڪندي چيو.

'خير، جي تون ھاڻي فيصلو نہ ٿو ڪري سگھين تہ ڀل بہ ٽي ڏينھن تڏي سيني سان سوچ ويچار ڪري مونکي جواب ڏي. مان تنھنجي جواب جو انتظار ڪندس. ھا، حياتيءَ ۾ توکي اڳا گھڻي ترقي ڪرڻي آھي. ھن ڳالھہ ۾ جذبات وس ٿي اُبھرو قدم نہ کڻج. حياتيءَ جي ھر پھلوءَ ۾ پنھنجو مطلب سمايل آھي. جي تو کو بہ وجھہ وڃايو تہ اُنھيءَ سونھري موقعي جو فائدو ضرور ٻيو کو وٺندو. سياڻپ اِنھيءَ ۾ آھي تہ حقيقت

'ڇاڪاڻ ته آسان جو اُستاد پڙهائڻ هڪ سماج سيوا ۽ ديش سيوا ٿو سمجهي. اِنهيءَ ڪري اُنهيءَ جي قيمت نه ٿو رکي ۽ ڪو به اُجورو نه ٿو وٺي.'

'واهه! اڄ جي زماني ۾ ايترو پنهنجو وقت وڃائڻ سو به بنا پئسي جي ڪنهن مطلب کان سواءِ ٿي نه ٿو سگهي. جيڪڏهن بنا مطلب جي آهي ته توهان جو اُستاد ضرور هڪ بيڪار اِنسان هوندو.'

اُنهن ٻنهي جي ڳالهه پرسي ٻڌي ورتي ۽ اُنهيءَ ڏينهن کان پرسي جو پڙهائڻ ۾ ڌيان گهٽجڻ لڳو ۽ شاگرد گهٽائيندو ويو. جڏهن هڪ غريب ڇوڪري مئٽرڪ پاس ڪئي ته پرسي ٽيوشن ڏيڻ به بند ڪري ڇڏي. اُهو غريب ڇوڪرو پرسي جو آخرين شاگرد هو. ڪيترن شاگردن ۽ اُنهن جي مائٽن جي زور پرڻ تي به پرسي وري ڪنهن کي پڙهائڻ شروع نه ڪيو. ساڳئي نموني شيوڪرام جي ڪارنامن جي ڄاڻ پوندي ئي پرسي جو وشواس پر اُپڪار جي ڪمن ڪرڻ تان به کڄي ئي ويو. سوال صرف اِهو هو ته شيوڪرام جهڙي ٻهروپيءَ کي ڪيئن روڪجي، سندس ڪارنامن کي ڪيئن ٻنجو ڏجي. جيڪڏهن ڪلئي نموني شيوڪرام جي ڪمن جي اوگهڙ ڪندو ته ڪير به پرسي تي وشواس نه ڪندو. اَنڌ وشواس جا پردا ايترا ته مضبوط هوندا آهن جو سچ جي پرڪاش جو ترورو به اُتان نڪري نه ٿو سگهي. جيڪڏهن پرسو شيوڪرام جي خلاف ڳالهائيندو ته ماڻهو هن تي ڪٽڇور هئڻ جو سنگين اِلزام هڻڻ ۾ به دير نه ڪندا ۽ نه هچڪندا. اِنهيءَ ڊپ هوندي به پرسي چاهيو ٿي ته هو ماڻهن جي اَنڌوشواس جو پردو ڪيرائي ۽ کين سڄاڳ ڪري.

جنهن مائيءَ پنهنجي سرڳواسي پتيءَ جي ياد قائم رکڻ لاءِ شيوڪرام کي گردواري لاءِ جاءِ دان ۾ ڏني هئي، پرسو اُنهيءَ مائيءَ کي سمجهائڻ لاءِ مائيءَ جي گهر ويو ۽ شروعات ڪندي چيائين، 'اَمي، غريب مسواڙين

پرسي کي اهي واقعا به ياد اچڻ لڳا جڏهن گرداوري جي پيسيءَ ۾ سرڏالن جا وڏل، پئسا ڳڻڻ کان پوءِ کيئن شيوڪرام لڪائي نوٽ کيسي ۾ وجهندو هو۽ سڪا بئنڪ ۾ جمع ڪرائيندو هو. هڪ دفعي جڏهن شيوڪرام کي شڪ پيو ته پرسي کيس کيسي ۾ نوٽ وجهندي ڏسي ورتو آهي ته پرسي جي بنا پڇڻ جي سمجهائي ڏيندي چيائين ’چوٽا پئسا وجهي نوٽ کنيا اٿم‘ جيتوڻيڪ سڄي ملڪ ۾ اُنهيءَ وقت ريزي جي سخت اَٽان هئي. ايترو ريزو آٽي ايڏا نوٽ کيسي ۾ وجهڻ اُنهيءَ محل ته ممڪن ڪو نه هو. اِهي سڀ ڳالهيون سوچيندي پرسي جو دماغ چڪرائڻ لڳو. نند اچڻ جو ته سوال ئي ڪو نه هو. گپت دان جي مهماءَ اَهميت به هاڻي پرسي کي سمجهه ۾ اَچڻ لڳي.

هفتي کان پوءِ شيوڪرام پرسي کي اچڻ لاءِ هڪ ماڻهو موڪليو. پر پرسو نه ويو. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ شيوڪرام جو گڏجڻ لاءِ بيو نياپو آيو پر پرسو نه ويو. اَهڙي نموني گروءَ چيلي جو سنبنڌ به ٽٽي پيو. پرسو شيوا جي ڪمن ۾ به ڪو حصو نه وٺندو هو. ماڻهن جي زور ڀرڻ تي به پرسو صاف اِنڪار ڪري ڇڏيندو هو. سندس ائين پريان رهڻ جي ڪارڻ جو ماڻهو پرسي کان پڇنداهئا پر پرسو جواب ڏيڻ کان نٽائي ڇڏيندو هو. پرسو اڪثر اڪيلائيءَ ۾ سوچيندو ئي رهندو هو ته اَهڙا سوارٿي پنهنجي ٻهروپي ڍنگ سان ڪيئن نه ماڻهن کي گمراهه ٿا ڪن. اُنهيءَ کان به وڌيڪ دک پرسي کي اِنهيءَ ڳالهه تي هو جو، اَهڙن ماڻهن جي ڪري ئي سچيءَ لگن سان ڪم ڪندڙ سماج سيوڪن کي ئي شڪيءَ نظر سان ٿو ڏٺو وڃي، جنهن ڪري نشڪام شيواڌارين جو ايمان به ٿو ٽٽي.

پرسي کي اُهو واقعو به ياد آيو جڏهن هو بنا پئسن وٺڻ جي ڪن غريب ٻچن شاگردن کي پاڙهيندو هو. هڪ دفعي هڪ ماڻهوءَ پرسي جي شاگرد کان پڇيو ’توهان جو اُستاد هڪ ڪلاڪ ٽيوشن ڏيڻ جا ڪيترا پئسا وٺندو آهي؟‘

’نه، هو هڪ به پئسو نه وٺندو آهي.‘

’اُهو ڇو؟‘

ئي رهيو. اَهو جوالامکي ڪڏهن ڦاٽندو اُهو پرسي نہ ٿي ڄاتو. پر، پرسي کي اِهو ڊپ ضرور هو تہ اسان جي جاتي هر ڌرم کي ساڳيو ٿي سمجهي، اِنهيءَ ڪري هو گيتا کي جيتري شرڌا ڏين ٿا اوتري گرنٿ ۾ بہ شرڌا رکن ٿا. اِها شرڌا اِنهن اُگروادين جي خونريزيءَ ڪارڻ، اسان جي جاتيءَ لاءِ خطرناڪ ٿي سگهي ٿي. اُنهن آتنڪوادين جي ڪوس جي اَثر ڪري موت ۾ اسان تي بہ حملا ٿي سگهن ٿا ڇاڪاڻ تہ اسانجا بہ گردوارا آهن. اسان جون بہ ريتون رسمون ساڳيون آهن.

هڪ ڏينهن صبح جو جيئن ئي ماڻهو گردواري ۾ اَچڻ لڳا تہ پرسي زور سان تقرير ڪندي چيو 'ڀائرو، اَنڌوشواس کي ترڪ ڪيو. ڪجهہ حقيقت شناس ٿيو. اسان هڪ دفعو ڌرم جي صدقي در در جا ڌڪا کاڌا آهن جيڪڏهن هاڻي بہ اسان ڌرمي وشواس هاڻوڪي بدلجندڙ حالتن جي مدار تي نہ ٺاهيو تہ اَهڙي ساڳئي قسم جي بربادي اسان تي وري نازل ٿي سگهي ٿي. اسان جي جاتي اِهو زلزلو ٻئي دفعي سهڻ جي سمرٿ ناهي. هندن جو خون ڪري ماڻهو آرام سان سائيڪل هلائي گم ٿيو وڃن. اسين سڄي هندستان ۾ پکڙيل آهيون. جيڪڏهن اِنهيءَ خونريزيءَ جي مقابلي ۾ موت ۾ ڪٿي بہ فساد ٿيا تہ اسان تي بہ اثر پئجي سگهي ٿو. اِنهيءَ ڪري جاتيءَ جي ڀلي خاطر اَهڙو خطرو نہ کڻو. هاڻي بہ وقت اَٿو جيڪڏهن ڀڳوان هڪ ئي آهي ۽ هرهنڌ موجود آهي تہ گردواري کي ڇهڻ نہ پئو. گردواري مان نڪري مندر وسايو. گرنٿ بدران گيتا اَپنايو......'

شيوڪرام گهبرائجي ويو. پرسو تہ ڪيس ڀاڙن کان اُکاڙڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو آهي. ماڻهن جي وشواس ۾ ڦير آيو تہ هن کي ڇا ملندو؟ لکن جا چندا ڪيئن ڪنا ڪبا. لکن جا حساب ڪيئن ڪبا. شيوڪرام پاڻ کي وڌيڪ روڪي نہ سگهيو. 'هيءُ حرامخور تہ اسانجي ڌرم جي ٿو گهٽتائي ڪري. اَهڙو سبق سيکاريوس جو بدمعاش جا هوش نڪاٽي اَچي وڃن ۽ ڪيس هڪ اکر بہ ڳالهائڻ جي همت نہ ٿئي.'

شيوڪرام جو ايترو چوڻ ئي ڪافي هو. اَنڌوشواسي ٻکايل ٻگهڙن وانگر

کي اَٿارڻ لاءِ شيوڪرام حيران ۽ هلاڪ ڪرڻ جا سڀ طريقا استعمال ڪيا آهن. ائين ڪيهن غريب ڪٽنب کي تنگ ڪرڻ سان توهان کي ڪهڙو ثواب ملندو. توهان پنهنجي جيئري ئي گرداوري وارن کان جڳهه واپس ونو ۽ اُها جڳهه رهندڙ مسواڙيءَ کي ئي وڪڻو. اُهي پئسا گرداوري کي ڏئي پر اُپڪار جا ڪم ڪرائي سگهو ٿا. توهان اِنهن غريب مسواڙين سان وشواس گهات نہ ڪريو. وشواس گهات مها پاپ آهي.'

'مان هاڻي ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهان. مون زبان مان وچن ڪڍيو آهي' اُنهيءَ انڌوشواسي مائيءَ مڪمتا سان چيو.

'ٺيڪ آهي اَمين، توهان مرضيءَ جا مالڪ آهيو. زبان مان ٽڪ ۽ ڪانگهارو بہ نڪرندو آهي پر ڪو بہ اُنهيءَ کي سانڍي نہ رکندو آهي.' ائين چئي پرسو نا اُميد ٿي مائيءَ جي گهر کان ٻاهر نڪتو.

اَنڌ وشواس جون پاڙون مضبوط آهن. اِهو پرسي جاتو ٿي، پرسي اِهو بہ جاتو ٿي تہ اسان جي جاتيءَ اَڳ ۾ ئي هڪ دفعو در در جا ڌڪا ڌرم جي خاطر کاڌا آهن. پنهنجي جاتيءَ جي ڀلائيءَ جي خيال کان ۽ شيوڪرام جي ڪارنامن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ پرسي جي دماغ ۾ ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ آنڌ مانڌ وڌندي رهي. جاتيءَ جي ڀلائيءَ خاطر ۽ شيوڪرام جهڙي آپسوارٿي ۽ ڀهروپي سماج سيوڪ کي بہ ماڻهن کي ڀنيلائي پئسن ڪمائڻ جي رٿ ۾ ناڪامياب ڪرڻ جي خاطر پرسي جي دماغ ۾ هلچل مچي ويئي. سندس دماغ ۾ طوفان اُٿڻ لڳا.

آتنڪوادين جو عام جنتا مٿان ڌرم ڪارڻ قتل هرروز چالو ئي هو. اُنهن گمراهہ اُگراوادين صرف ڌرمي جنون ڪري ئي ديش جي يڪمشتيءَ ۽ يڪوجوديءَ کي بہ ناس ڪرڻ ۾ بہ ڪا ڪسر نہ ٿي ڇڏي. اِهي ديش دروهي مذهبي ڪٽرپڻي ۾ اَنڌا ٿي معصوم ماڻهن، ابهم ٻارن ۽ بي هٿيار ابلائن تي بہ گوليون هلائي گيدين وانگر سائيڪل تي پوليس اَچڻ کان اَڳ ۾ ئي فرار ٿيندا ٿي ويا. هڪ بہ خونيءَ کي پوليس پڪڙي قانوني سزا ڏياري نہ سگهي آهي، اِهو بہ پرسي جي دماغ تي متر ڪي وانگر ڏڪ لڳندو ئي رهيو. پرسي جو دماغ جوالامکيءَ وانگر آگ جمع ڪندو

ڪامريڊ

رات ڪافي گذري چڪي هئي. چوڌاري سناٽو لڳو پيو هو. گهٽي ۾ پاڻي سيني گهرن جون بتيون وساميون پيون هيون، سواءِ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ گهرن جي جن مان ڪجهه روشني اَچي رهي هئي. باقي سڀ هنڌ ڀات اونداهي لڳي پئي هئي. اوچتو ئي اوچتو ٽئڪسي تيز رفتار سان زور سان بريڪ لڳائي هڪ بلڊنگ وٽ اَچي بيني. اُنهيءَ رات جي شانتيءَ سناٽي کي ٽوڙي ڇڏيو. ٿوري وقت لاءِ ڪتن جي ڀونڪار شروع ٿي ۽ جلد وري شانتي ڇانئجي ويئي. ٽئڪسيءَ واري کي پئسا ڏيئي هڪ جڻو بلڊنگ ۾ اندر گهڙيو. هڪ دروازي تي هلڪي ٺڪ ٺڪ ٿي. دروازو کليو ۽ ماڻهو چپ چاپ اندر گهر ۾ هليو ويو.

اِهو ماڻهو هو مسٽر ڪشور ۽ دروازو کوليندڙ هئي هن جي آگياڪاري، گٺوان ڌرمپتني راڻي - جا اڌ رات تائين پتيءَ جو انتظار ڪندي رهندي هئي. اِها ڪا نئين ڳالهه ڪو نه هئي. ائين اڪثر ٿيندو ئي رهيو آهي. راڻي اڌ رات تائين اوسيڙو ڪرڻ تي هاڻي هري ويئي هئي. اِها ٿوري قيمت نه راڻيءَ کي روز عطا ڪرڻي ئي پوندي هئي. ڇاڪاڻ ته ڪشور هڪ رواجي ماڻهو ڪونهي. سنيءَ نوڪريءَ ۾ آهي. سني پگهار ٻه

پرسي مٿان ٽٽي پيا. ڪنهن پرسي کي مڪ هنئين ته ڪنهن پرسي تي پٿرن جي برسات وسائي. ڪنهن لت سان وار ڪيو ته ڪنهن پرسي کي زور سان لت هنئين. هن جهان ۾ سرگرم بهرو وٺڻ جڻ هر ڇتي اَنڌوشواسيءَ جو ڌرمي فرض ٿي پيو. 'مارو مارو' جو آواز وڌندو ويو ۽ پرسي مٿان مار جي برسات زور سان ڪڙڪندي رهي. ماري ماري پرسي کي اَڌ مئو بڻائي ڇڏيائون. هڏن ۽ ماس جي ڍير وانگر پرسو ساڻو ٿي بيهوش ٿي ويو. اَچانڪ پوليس جي وائرليس وئن اَچي اُنان لنگهي. ماڻهو ٽڙي پکڙي ويا. جيڪي ڌارمڪ هئا ۽ هن ڌرم جي لڙائيءَ ۾ جن سرگرم بهرو ورتو، سي اندر وڃي زور زور سان ارداس پڙهڻ لڳا ۽ پاڻ کي بابي جي مهر جا حقدار سمجهڻ لڳا. ڌرم به آخر اُنهن کي بچائي ٿو جيڪي ڌرم کي جان جي بازي لڳائي به بچائين ٿا. پوليس ڪنهن کي به نه پڪڙيو. پوليس پرسي کي کڻائي اسپتال ويئي. پرسي جي ته هڏي هڏي چور ٿي چڪي هئي. ڪيترا مهنا پرسو اسپتال ۾ پيو هو. نڪتو ته لولو لنگڙو ٿي نڪتو. شيوڪرام لکين روپيا ڌرمي ڪم لاءِ ڪنا ڪيا. مسواڙين کي پچائڻ لاءِ هڙتاڙو باهه لڳائڻ جا منصوبا به پئي شيوڪرام سٽيا. شيوڪرام سماج ڪاريه ۾ جنبي ويو ۽ جلدئي اِهي سڀ ڪم پورا ڪرڻ جي چاهه ۾ لڳي ويو، چاڪاڻ ته لک آيا آهن لک ويندا پر اَهڙا موقعا وري نه ايندا.

جيئن شيوڪرام چاهيو ٿي تيئن پرسو هڪ لفظ به چوڻ جي قابل نه رهيو. پرسو گونگو ۽ ٻوڙو به ٿي چڪو هو. پرسي کي اِها به پڪ هئي ته مرڻ پڄاڻا شيوڪرام سنت سڏائڻ ۾ ايندو ۽ سندس نالي ۾ لنگر هلندا ۽ هر سال هن سنت مهاتما جون ابامن تائين ورسيون سڪ ۽ شرڌا سان ملهائيون ۽ سندس ساراهڻ ۾ اخبارن ۾ ڪالم ڪارا ٿيندا رهندا.

ڪشور خفي ٿي چيو ’ايڏو بوجو دماغ تي رکڻ ڪو رواجي ڪم ڪونهي. ائين پيئڻ سان ٿوري فرحت ٿي ملي. اڄ تہ بينگال ۽ ڪيرالا مان ڪي ڪامريڊ آيا ۽ اُنهن جي آدر ستڪار لاءِ پارٽي ڪرڻي پئي.‘

’آفيس ۾ ئي پارٽي ڪيوَ؟‘ راڻيءَ عجب مان پڇيو.

ڪشور رواجي نوع ۾ چيو ’نہ هڪ سٺي هوٽل ۾. ماني بہ اُتي کاڌي .....‘

’اِهو تہ توهان جو هميشه سبب بڻٿو ئي پوندو آهي تہ کاڌي جي ضرورت ڪونهي. تہ پوءِ مان هيتري محنت ڇو ڪريان؟ توهان جو انتظار ڇو ڪريان؟‘ راڻيءَ چيو.

ڪشور چيو ’مون تہ توکي گهڻا ئي دفعا چيو آهي تہ تون ماني کائي ڇڏيندي ڪر. منهنجو انتظار نہ ڪندي ڪر. ڪڏهن تہ معاملا سلجهائيندي رات بہ گذري ويندي آهي ۽ تون بنا کاڌي ويٺي هوندي آهين.‘

’اِهو تہ توهان مونکي گهڻا ئي دفعا چيو آهي. مان سمجهان ٿي تہ توهان کي منهنجي ڪابہ ضرورت ڪونهي. پر منهنجو من بہ تہ مڃي نہ.‘ راڻيءَ چيو.

’ٺيڪ آهي، تہ پوءِ تون پنهنجو پتيورت ڌرم پالن ڪر ۽ مان پنهنجو ڌرم پالن ڪريان. منهنجو تہ ڌرم آهي پنهنجن ساٿين لاءِ ڪم ڪندو رهان. اُنهن کي وڌيڪ ۽ وڌيڪ پگهارون وٺي ڏيان، اُنهن کي وڌيڪ سهوليتون وٺي ڏيان. اِنهيءَ ڏس ۾ توري ڪاميابي حاصل ٿي آهي. پر اسان جو آندولن چالو ئي رهندو جيستائين سڀ اِنسان مالي حالت ۾ برابر نہ ٿيا آهن.‘ ڪشور ڄڻ تقرير ڪندي چيو.

راڻيءَ ڳالهہ کي ختم ڪرڻ جي خيال کان چيو ’اُهو تہ ڪڏهن ٿي ئي ڪو نہ سگهندو. جي سيٺي شاهوڪارن جي ملڪيت سيٺي غريبن ۾ هڪ سريکي ورهائي وڃي تہ سڀ فقير ٿي ويندا ۽ ڪوبہ آسودو نہ رهندو. توهان جون پگهارون تہ يونين جي ڪري وڌنديون ٿيون رهن پر سيٺي

اٿس. پر سڀ کان ڪان وڌيڪ اهميت واري ڳالهه اِها آهي تہ هن کي لڳن لڳل آهي ماڻهن جي ڀلي ڪرڻ جي. هميشه پر اُپڪاري ٿي رهيو آهي. غريبن لاءِ سندس هڏ هميشه ڪرڪندو آهي. غريبن جي خوشحاليءَ جا هميشه پيو خواب لهندو آهي. شاهوڪار شاهيءَ کي هميشه ٿي پيو نندينندو آهي. چاڪاڻ تہ اِنهن کي ئي ڪشور غريبن جي مصيبتن جو مول ڪارڻ ڄاتو آهي. اِنهيءَ بنيادي ويچار کي بدلائڻ جو تہ هاڻي، سوال ئي نہ ٿو اُٿي. نوڪريءَ ۾ پنهنجي عهدي جي ترقي وٺڻ کان بہ انڪار ڪيو اٿائين ڇاڪاڻ تہ سائي ئي ڪرمچاري سنگهہ ۾ رهي پنهنجن ساٿي ڪم ڪندڙن جي ڀلي ۽ بهبوديءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ ٿو چاهي. سندس ڪيل خدمتن جو قدر هرڪنهن ڄاڻو ماڻهوءَ کي آهي ۽ اُهي سڀ سڪ پيار ۽ شرڌا وچان کيس 'ڪامريڊ' يا 'ڪامريڊ ڪشور' ڪري ڪوٺيندا آهن. سندس تقريرن ۾ اَهڙو تاثير آهي جو هر جلسي پٺيان تاڙين جو ڦهڪو پيو پوندو. ڪو ڪم بند ڪرڻ، اسٽرائيڪ يا گهيرائو يا ڌرڻي لاءِ ڪامريڊ ڪشور جو اِشارو ئي ڪافي آهي. ڪامريڊ ڪشور جي هر تحرڪ ۾ هميشه پورڻ ڪاميابي حاصل ٿي آهي. سندس نالي کان گهڻا پونجي پتي ڇوڪندا آهن ۽ کيس عزت ڏيندا آهن جئن ڪو گهوٽالو نہ ٿئي. گهر جي ڀتين تي وڏين هستين سان ڪامريڊ ڪشور جا فوٽا ٽنگيا پيا آهن. پرڌان منتريءَ، راشٽرپتيءَ ۽ انيڪ منترين سان فوٽا نڪتل آهن. نہ صرف ايترو وديش مان آيل هستين سان پڻ فوٽا نڪتل آهن. اُنهن مان ڪي چين، رشيا، فرانس جرمني ڪيوبا وغيره وغيره ملڪن مان آهن. اَهڙي نامور مزدور نيتا جي ڌرمپتني ٿيڻ ڪا رواجي ڳالهہ ڪونهي. موت ۾ ايتري قرباني ڪرڻ تہ هر ڌرمپتنيءَ جو فرض آهي. مٿان وري هڪ هندو اِستري هئڻ جي ناتي پتيءَ کي ديوتا ڄاڻي سڀ قرباني ڪرڻ تہ ڌرم آهي!

راڻيءَ جيئن ئي دروازو کوليو تہ ڪشور سڌو اَچي صوفا تي ويٺو ۽ بوٽ لاهڻ لڳو. رات جي خاموشيءَ کي ٽوڙيندي راڻيءَ پڇيو 'اَڄ وري پي آيا آهيو؟ توهان جي منهن مان شراب جي بانس ٿي اَچي.'

پگهار وڌائڻ جي. اهڙيءَ طرح جي سخاوت ڪندا رهياسين ته اسين خود ئي وري غريب ٿي وينداسين. مهانگائي پتو جيڪو وڌيو آهي اُنهيءَ جو نتيجو به هيل تائين ته نه جهڙو ئي آهي، ڇو جو جيتري مهانگائي وڌي ٿي ته پتو سو سيڪڙو ڪو نه ٿا وڌائين پر صرف ستر سيڪڙو.'

'ڪڏهن سوچيو اٿو ته جن جو پتو مهانگائيءَ سان نه ٿو وڌي اُنهن جو ڪهڙو حال هوندو؟' راڌيءَ پڇيو.

'اُهي پنهنجيءَ ئي حالت لاءِ جوابدار آهن. هنن کي زوردار تحرڪ هلائڻ گهرجي. ڪم بند ڪرڻ گهرجين. ڊرڻو يا گهبرائڻو ڪرڻ گهرجين جيئن شاهوڪارن جي غفلت جي ننڊ کلي ته هاڻي مزدورن کي ننگڻ جا ڏينهن پورا ٿيا. تڏهن ئي شاهوڪارن کي سڌ پوندي ته هاڻي اسان کي مزدور جي رحم تي ئي هلڻو آهي. جيستائين شاهوڪارن کي مزدورن جو ڊپ ۽ هراس نه ٿيو آهي تيستائين اُهي مزدورن کي سندن حقي انصاف ڪو نه ڏيندا. مزدورن کي پيڙي شاهوڪارن جام ناٽي سان پنهنجيون تجوڙيون پريون آهن. اِهي ڏينهن به هاڻ جلد پورا ٿيندا. خون ۽ پسينو ويچارا مزور ٿا ڏين ۽ پيٽ وري شاهوڪارن جا ٿا پرجن! اِنهن مزدورن جون آهون ضرور هڪ ڏينهن شاهوڪارن کي نيست نابود ڪنديون. جهوپڙين مان جو جوش جاڳندو سو ضرور محلن کي مقام بڻائيندو. اِهي محل هڪ ڏينهن کنڊهر ٿيندا جن ۾ ڪارن نانگن ۽ چبرن جو واسو ٿيندو.' ڪشور جوش ۾ ايندي چيو.

'اِها ته ٿي تو‌ڙڻ جي ڳالهه، ڪجهه جوڙڻ جي ڳالهه ڪريو.' راڌيءَ چيو.

ڪشور خفي ٿيندي 'تون پڙهيل ڳڙهيل آهين. منهنجا رکيل ڪتاب ڪڏي پڙهه. پڌرناما پڙهه. ڪارل مارڪس، انجل، لينن، اِستالن ۽ مائوسي تونگ جون لکڻيون، ليک ۽ آتم ڪٿائون پڙهه ته تنهنجو ٿورو دماغ کلي. ننڍپڻ جا خيال جي دماغ ۾ گهر ڪري ويٺا آهن سي به نڪرن تڏهن ئي توکي گيان ملندو ۽ روشني ايندي. تو پنهنجي دماغ جي ڪنڊيءَ جا در

جون پگھارون ايترو جلد تہ نہ ٿيون وڌن. جيستائين توهان پاڻ ئي يونين پاران اِها گهر نہ ڪئي آهي تہ اسان جون پگھارون نہ وڌايو جيستائين اسان ڪان گهٽ پگھارون ڪٽندڙن جون پگھارون اسان جي پگھارون جي حد تائين نہ پهتيون آهن.'

'آئينءَ نہ پنهنجي اصلي روپ ۾. جهڙو تنهنجو نالو آهي تهڙائي تنهنجا سلطنت شاهيءَ جا خيال آهن. تون سماجواد سمجهي نہ سگهندينءَ. تون هميشه شاهوڪار شاهيءَ جي فائدي ۾ رهي آهين. تنهنجو پيءُ تہ شاهوڪار آهي جو توکي خريداريءَ لاءِ جام پئسا ڏيندو هو، ڪنواري هوندي جون تنهنجيون ساهيڙيون بہ تہ سڀ پونجيءَ واريون آهن. مون بہ پل ڪئي جو شاديءَ وقت مون تنهنجو نالو ڪو نہ مٽايو. ائين ڪريان ها تہ گهٽ ۾ گهٽ تنهنجي نالي مان سلطنتشاهيءَ ۽ شاهوڪار شاهيءَ جي بوءِ تہ نہ اَچي ها' ڪشور چيو.

' هاڻي رهڻ ڏيو. توهان کي تہ جتي منهنجا پيڪا آهن اُهو هنڌ بہ نہ وڻندو آهي، ڇو جو اُنهيءَ مان بہ توهان کي سلطنتشاهيءَ جي بوءِ ايندي آهي. صرف اِنهيءَ ڪري جو ڪالوني اکر پنيان اَٿس. توهان جو ڪائڻ پيئڻ ۽ ٽئڪسين ۾ گهمڻ ڦرڻ جون عادتون ڇا شاهوڪاريءَ جون عادتون ڪونهن؟ ڪيترو چيومانو تہ ڪم واري مائيءَ جو پگھار وڌايو، ويچاريءَ کي ساڳي پگھار تي ڪم ڪندي بہ سال گذري چڪا آهن. ڪم جي بہ ڏاڍي سني آهي. پر توهان نہ مڃيو ۽ ويچاريءَ کي لاچار اسان جو گهر ڇڏڻو پيو جو بين ڪيس وڌيڪ پگھار تي ڏني. توهان جو پگھار وڌي پيو هميشه پر هن ويچاريءَ جو پگھار نہ وڌايو. مهانگائي ڪيتري وڌيل آهي تنهنجي توهان کي خبر آهي؟' راڻيءَ چيو.

'تون ٿي مونکي مهانگائيءَ لاءِ ٻڌائين! جي مونکي خبر نہ هجي ها نہ پنهنجن ساٿين لاءِ مهانگائي ڀتو وڌائڻ لاءِ ڪيئن تحرڪ هلايان ها! اُنهيءَ هلچل جي ڪاميابيءَ ڪان پوءِ ئي تہ مهانگائي وڌڻ ڪري اسانجو ڀتو بہ تہ ٻن سالن ۾ پنج دفعا وڌيو آهي. باقي ٻالهہ رهي ڪم واريءَ جي

آهن صرف انهيءَ ڪري جيئن شانت وايومنڊل ۾ ڪو بہ رخنو نہ پوي ۽ ڪم هلندو ئي رهي. ڪو بہ عملدار جي ڪم ڪرڻ لاءِ زور ڪري، اَهڙي عملدار ۾ ڪا بہ انسانيت ڪونهي اِهو سمجهيو ويندو آهي. مضبوط يونين جو اِهو فائدو يونين جي هر ميمبر کي هوندو آهي. جيڪو ڪم ڪندڙ يا عملدار سچيار ۽ ايماندار هجي اُنهيءَ کي پنهنجي مرضيءَ خلاف ۽ زوريءَ زبردستيءَ مڃايو ويندو آهي هڪ اخلاقي فرض سمجهي. جنهن ڳالهہ لاءِ وويڪ نہ مڃي اَهڙيءَ ڳالهہ لاءِ زبردستيءَ هن کي مڃائي، ڪيس بنا ننڊ جي راتيون گذارڻ ۽ چنتا ۾ ڏينهن گذارڻ لاءِ مجبور ڪرڻ ئي يونين وارا سمجهندا آهن. اُهي ڪم ڪندڙ اِهو بہ نہ سمجهندا آهن تہ ماڻهن جي، مارڪٽ جي ڊپ کان، ۽ وويڪ کي ماري هلڻ ڇا اِنسانيت آهي؟ ايترو باريڪبينيءَ سان سمجهڻ جي ضرورت ڪانهي خاص ڪري جڏهن ٻانهن جي ٻل سان ماري ۽ مڃائي سگهجي ٿو. داداگيريءَ سان ڪم ٿئي تہ حليمائي ڏيکارڻ بيوقوفي آهي. خون ڏيڻ ۽ خون وهائڻ ۾ ئي جي غريبن جو ڀلو آهي تہ خون جون نديون ڇو نہ وهائجن! انقلاب جو جهنڊو پڪي ڳاڙهي خون سان رڱيل آهي تہ پوءِ خون کان ڊڄڻ ڪائرتا ئي آهي. بنا سوچ ويچار جي ڳاڙهي جهنڊي کي ڦڙڪندو ڏسي ڇتي ڍڳي وانگر ڪاهي پئجي، اُها ئي فخر جي ڳالهہ آهي! جيڪي سوچين ٿا ۽ انقلاب لاءِ همت رکي سڀ قربان ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن اُهي شاهوڪار شاهيءَ جا هٿ ٺوڪيا دلال آهن ۽ غريبن جا دشمن. اَهڙن غدارن کي صفحہ هستيءَ تان مٽائڻ ڇڱي يا مدي طريقي سان بلڪل واجب آهي. 'اِنقلاب زنده باد' هرڪنهن ڪامريڊ جو نہ صرف پيارو نعرو آهي پر ساهہ کڻڻ جو طريقو آهي. پر انقلاب جي باري ۾ هر ڪامريڊ جا خيال پنهنجا پنهنجا آهن. اِنهيءَ ۾ يڪمشتيءَ جو ڪو بہ سوال ئي نہ ٿو اُٿي. جيڪو ڪم پنجن منٽن ۾ پورو ڪري سگهجي، اَنهيءَ ڪم نہ ڪرڻ لاءِ ڪلاڪن جو جوشيلو ليڪچر ٻڌڻو پوندو آهي ۽ ڪم اُتي ئي اڌورو يا اڻ شروع پيو هوندو آهي. ڪامريڊن جي فصيح زبان،

دريون بند ڪري رکيون آهن ته پوءِ اونده ۾ مونجهه ته ضرور ٿيندي ئي! مون ته توکي هر گهڙيءَ چيو آهي ته منهنجي مرڻ مهل انهن مهاپرشن جا فوٽا ۽ ڪتاب منهنجي چوگرد رکج، جيئن مرڻ مهل اُنهن کي ڏسندي مان پراڻ تياڳيان ۽ سچيءَ مڪتيءَ کي پايان.'

'ڪيترا دفعا چيو اٿم ته اهڙيون اَشڀ ڳالهيون منهن مان نه ڪيندا ڪريو. ڪا مهل نه ڪنهن جهڙي. مرن توهانجا دشمن. هينئر شپ ته بوليو. مان ته ائين چاهينديس ته توهان کان اڳ مان مران ۽ سهاڳڻ ٿي مران. توهان جي يونين جي ڪم ته اَسان کي ئي هڪ ٻئي کان سچ پچ ڌار ڪري ڇڏيو آهي. مونکي ته ڊپ آهي ته توهان جي يونين ۽ هلچل وغيره اسان کي ئي نه هڪ ٻئي کان وڇوڙي ڇڏين.' راڻيءَ هراسجي چيو.

'اِهو تي ئي نه ٿو سگهي. تو جهڙي سمجهو ۽ گڻوان پتني ملي اَٿم ۽ مونکي پڪ آهي ته اسين ڪڏهن به نه وڇڙنداسين. توکي به شڪ آڻڻ نه گهرجي. ڏس! هاڻي رات جا ٻي لڳا آهن، مونکي ٻي چار ڪلاڪ ننڊ ڪرڻ ڏي. آفيس ۾ ٽائيم تي ئي پهچڻو آهي پوءِ ته سڄو وقت يونين جي آفيس ۾ آرام ڪري سگهبو. اُنهيءَ جي ڪا به چنتا ڪونهي. ڪنهن کي به مونکي ڪجهه چوڻ جي همت ئي ڪونهي.' هڪ اوباسي ڏيئي ڪشور پاسو ورائي سمهي پيو.

ڪامريڊ ڪشور ۽ ٻين سرگرم يونين جي ڪم ۾ ڀرو وٺندڙن جي اِها عادت هوندي هئي، جو حاضريءَ جي ڪتاب ۾ پنهنجو دستخط ڪري يونين جي آفيس ۾ وهندا هئا ۽ بحث مباحثه يا آرام ڪندا هئا. انتظام موجب يونين جو ڪم آفيس جي ڪم تي وجهڻ کان پوءِ ڪرڻ کپي پر بدقسمتيءَ ۾ شڪتي هيٺ ڪري ۽ ڏاڍن کان ڏرڻ سبب، سڀ ڏسندي ۽ سمجهندي به گونگ ٻوڙ ڪري شانت رهڻو پوندو آهي. سپني عملدارن کي اِهو سڀ ڄاڻندي به زوريءَ اِهي خاميون نظرانداز ڪرڻيون پونديون

يونين جي ڪاميابيءَ جو دارومدار اُنهن تي ئي آهي.

ڪامريڊ ڪشور جيئن يونين جي آفيس ۾ آرام ڪري رهيو هو ته هڪ چٺو اُناولو ٿيندو آفيس ۾ گهڙيو. ٿورو ساهه پٽي سرهو ٿي ڪشور کي ڏسي اُتساهه وچان چيائين 'ڪامريڊ! هو نئون ماڻهو رميش جيڪو هاڻي اسانجي ڊپارٽمينٽ ۾ آيو آهي سو ڪم به سنو ٿو ڪري. لڳي ٿو ته سپروائيزر جي چاپلوسي ڪري مٿي اَچڻ ٿو چاهي.'

'نيڪ آهي.' ڪشور ڪيس صبر ۾ آڻڻ لاءِ چيو ' انهيءَ رميش جي ٻچي تي ڪڙي نظر رکو. ٿورن ڏينهن ۾ باز نه آيو ته ڪيس صاف سمجهايو ته اَهڙي حرڪت هتي هرگز نه سهبي. جي نه سڌريو ته نتيجو نيڪ نه ٿيندو.'

اِهو ته مان چوندس. پر، ڪامريڊ توهان به ڪيس يونين جي آفيس ۾ گهرائي دپ ڪڍوس.

'ها، ها، مان ائين ڪندس پر پهرين تون ئي رميش کي چتاءِ. آخر تون به ته ڊپارٽمينٽ جو ثاقيل عيوضي آهين. تون اِهو به نه ڪري سگهندين! جيڪڏهن تنهنجي چوڻ سان به باز نه اَچي ته هن بدمعاش کي غدار رامچند جي ڳالهه ٻڌائجانس ته ڪيئن هو به مزدورن جي دشمن مالڪن کي خوش ڪندو هو ۽ اسان مزدورن به هن سان اَسهڪار شروع ڪيو. ايتري قدر جو ٻاهر جڏهن گوندڻ هن تي مارڪٽ ڪئي ته ڪنهن ڪو نه بچايس. هاڻي هڏ گڏ پڃائي جڏو ٿي گهر وينو آهي ۽ ٻار ٻچا بک پيا مرن. مان اَهڙيءَ وڏيءَ يونين جو پريزيڊنٽ آهيان جو هن ٽڪي جي ڇوڪري سان هلي ڳالهائيندس ته توهان جي يونين جي ئي بيعزتي آهي. اِنهيءَ ڪري تون ئي ڪيس چتاءُ ڏي. جيڪڏهن نه سڌري ته ٻچيءَ کان جهلي مون وٽ ڳهلي اَچجانس ته مان سندس هوش ٺڪاڻي آڻيندس، سمجهيئه؟ ڊلو نه ٿج. ڪنهن به نتيجي جو خيال نه ڪج مان وينو آهيان. هن شپ ڪاريه ۾ جيڪي پنهنجي جان ، خون ۽ پسينو ٿا ڏين سي ئي هارين، نارين، ڪمين ڪاسبين، مزورن ۽ مظلومن

ڳيان فيلسوفي ساراهہ جوڳي هوندي آهي. هرڪو اِنهيءَ فيلسوفيءَ جا ڳوڙها رهسيہ سوليءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي جيئن انقلاب جو سنيهو، اٿپڙ هيلن، غريبن بيڪارن تائين پهچي ۽ هو ڪنو ٿي انقلاب ۾ ڀهرو وٺي سگهن. عام ماڻهن ۾ اِنهن تقريرن، فلاسافيءَ ۽ اڳوانن ۾ ڪا بہ دلچسپي ڪونهي. اِنهيءَ ڪري غريبن جو اُلٽو رکڻ ۽ پاڻ ولوڙي ٿڪائڻ ڪامريڊن جو اخلاقي فرض آهي. اِنهن کي عجب اِهو لڳندو آهي تہ ايتري غريبي ۽ بيڪاري هوندي بہ اَجا انقلاب ڇو نہ ٿو اَچي. اَهڙن ٻاڻ ٻٽيل اَڳوانن جي منهن مان جوالامکي لفظن جو بہ ڪو اثر ڪو نہ ٿو ٿئي. ڪامريڊ هميشه اِها چرچا ڪندا هئا تہ ماڻهن ۾ شايد خون ئي ڪونهي. خون هجين ها تہ اُهو ضرور ٺهڪي ها ۽ انقلاب ڪڏهن ئي اَڳي اَچي وڃي ها، سيني کي اَٿو لٿو ۽ اَجهو بہ ملي وڃي ها. هرڪو ئي رئيس ٿي وڃي ها ۽ ’گهوڙو ڪير هڪلي‘ اِهو سوال ڪامريڊن لاءِ پئدا ئي نہ ٿو ٿئي. هرڪو زمينن جو مالڪ هجي تہ زمينون ڪير کيڙي؟ اِهي ڳالهيون حقيقت ۾ ڪامريڊن لاءِ اَجايون آهن ۽ شاهوڪار شاهيءَ کي قائم رکڻ جا بهانا آهن جيئن انقلاب نہ اَچي ۽ سندن مال متاع شاهوڪار شاهي، محل ۽ ڪارخانا سلامت رهن.

ڪامريڊ ڪشور بہ اِها فيلسوفي هر موقعي تي دهرائيندو آهي. يونين جو اڳوان ٿيڻ لاءِ ضرور آهي تہ يونين جا جاسوس هجن، جيئن يونين کي غدارن جي خبر ملندي رهي ۽ خبر ملي تہ سندن ڪم ۾ رڪاوٽ ۽ رنڊڪون وجهڻ وارا ڪير آهن. هر ڪم ڪندڙ مزور يا ڪلارڪ ۽ پٽيوالي کي ڊپ هوندو آهي تہ سندس سُني هلت ۽ سُني ڪم ڪرڻ جي خبر يونين ۾ پوندي تہ ڪين شاهوڪارن جو پالتو ڪتو سمجهي سندس مخول اُڏائي ويندي. ڪيس غريبن جو دشمن سمجهيو ويندو. اِنهيءَ ڪري بنا ڳوڙ ڪرڻ جي ڪم نہ ڪندا آهن جي ڪم ڪندا تہ سُني نموني نہ ڪندا. جنهن مان پگهار ڏيندڙ کي وڏيڪ نقصان پوي تہ يونين لاءِ اُهو ئي بهتر ڪم آهي يونين جي اڳوانن کي اَهڙن ڪم ڪندڙن تي ناز آهي ڇو جو

روزي ڏئي نہ سگهي اُها سرڪار نڪمي آهي. هنن کي ڪرسي خالي ڪرڻي پوندي.' ڪامريڊ ڪشور جوش ۾ اَچي ويو. منهن غصي ۾ تپي لال ٿي ويس. ڪامريڊ لال رنگ ۾ رچي ويو. اها ڳالهہ سپاٽي جنرل باڊي ميٽنگ ۾ ماڻهن جي ڌيان تي آڻبي.' ڪشور واڪو ڪندي چيو 'ڪير آهي! جلد وڃي ڪاڏي پيتي ۽ چانهہ جو بندوبست تہ ڪريو.'

جنرل باڊي ميٽنگ ۾ عام هڙتال ڪرڻ جو يڪراءِ فيصلو ڪيو ويو. نعرن ۽ تاڙين سان وايومنڊل گونجڻجي ويو. واهہ واهہ ۽ لال جهنڊي جي جئہ جئہ ڪار ٿيندي رهي. هڪڙو نعرو هٽي ٽڪو ٿي تہ ٻئي ٿي شروع ڪيو. جيئن نعرا هٽي ساٿين جو آواز گهگهو ٿيو تہ جوش بہ گهٽجڻ لڳو. ڪامريڊ ڪشور تقرير ڪرڻ لاءِ اُٿيو تہ تاڙين جا ڦهڪا شروع ٿي ويا. ڪامريڊ ڪشور جي اِشاري سان يڪدم سناٽو ڇانئجي ويو. زوردار آواز سان ڪامريڊ ڪشور چيو :

'ساٿيو! توهان جي يڪراءِ هڙتال ڪرڻ جي فيصلي تي سيني ڪامگارن کي فخر هئڻ گهرجي. مونکي توهان تي فخر آهي تہ آهڙن سمجهو ساٿين جي اڳواڻي ڪرڻ جو مونکي شرف مليو آهي. مان توهان جي ڪيل محڪم اِرادي ۽ برابر ورتل رخ جي دل وَ جان سان آجيان ٿو ڪريان. اِنهيءَ لاءِ مان جيتريون بہ واڌايون توهان کي ڏيان اوتريون ٿوريون آهن. مان توهان جي هڙتال جي مڪمل ڪاميابيءَ لاءِ شڀ اِڇائون ٿو ڏيان. توهان جي زوردار نعرن شاهوڪارن جي ڌرن ڌڪائي هوندي. هن نڪميءَ سرڪار کي غفلت جي ننڊ مان ڇرڪائي اُٿاريو هوندو. سيني کي هاڻي خبر پئي هوندي تہ هڪ نئين شڪتي پئدا ٿي آهي. جنهن جي اڳيان هنن کي جهڪڻو ئي پوندو. اُها شڪتي آهي توهان جي ايڪتا، جا هماليہ کان بہ وڌيڪ پڪي ۽ پختي آهي. جنهن کي ڪير بہ ٽوڙي نہ سگهندو. توهان شڪتيءَ جو شاندار مثال ڏيکاريو آهي. توهان

جي دل ۾ راڄ نه ٿا ڪن. اهي امر آهن، اهڙا شهيد مرڻ جا نه آهن.‘
ڪشور تقرير ختم ڪندي چيو ۽ گرم گهرايل چانهه مان سرڪيون ڀريندو رهيو. آيل خابرو به خوش ٿي جوابداريءَ جو تاج پائي سرهو ٿي يونين جي آفيس مان نڪتو.
ٿوري وقت ۾ ٽپالي هڪ رجسٽرڊ لفافو کڻي يونين جي آفيس ۾ آيو. ڪامريڊ ڪشور يونين جي عهدي جو ٺپو هڻي صحي ڪري اُهو لفافو ورتو. کولي ڏيان سان پڙهڻ لڳو ۽ ويچار ۾ پئجي ويو.
هڪ ٻئي ڪامريڊ بي صبر ٿي ڪشور کان پڇيو ’ڪامريڊ سڀ ٺيڪ ته آهي نه! ڪٿان آئي آهي؟‘
ڪشور اُڀو ساهه کڻي چيو ’ٺيڪ وري ڇا آهي. دهلي آفيس جي يونين جو سيڪريٽري ته ڪميڻو ڪتو نڪتو. هن ته يونين طرفان اقرار نامي تي صحيح ڪئي آهي. پگهار وڌيو آهي پر ايترو نه جيترو اسان گهريو هو. بونس به قاعدي موجب ملندو ۽ وڌيڪ نه. لڳي ٿو ته هن غدار هزارن جي رشوت وٺي مزورن سان وشواس گهات ڪيو آهي. هن نالائق جي ڪري دهلي آفيس وارا اسان کي اسٽرائيڪ ۾ ساٿ به نه ڏيندا. اِهو اقرار نامو اِنهيءَ شرط تي ڪيو ويو آهي ته ٽن سالن لاءِ مزور اسٽرائيڪ نه ڪندا. ڪميڻو نالائق، مڪار، حرامخور، غدار، بي ايمان، ڪتو ....‘
هوڏانهن ڪنهن غدار جون وڌيڪ صفتون استعمال ڪري اُن کان اڳ هڪ ڪامريڊ وچ ۾ ڪٽيندي چيو ’بنا تحرڪ جي اِقرار نامو!! اِنهيءَ ۾ ضرور ڪو راز هوندو. اِهو اسان مزدورن کي ويڙهائڻ جو طريقو آهي. هي ڪميڻو هتي هجي ها ته چتي چٽڻي ڪري سبق سيکارجي ها. نصيب زور اُتس جو هتي ڪونهي.‘
’تي سگهي ٿو ته اُنهيءَ ۾ سرڪار جي به چالبازي هجي. سرڪار ته آهي ئي شاهوڪارن جي. هيءَ سرڪار مزدورن جي دشمن آهي. هيءَ اسان جي سرڪار ڪونهي. هن سرڪار کي بدلائڻو ئي پوندو. جا سرڪار حقي ضرورتون پوريون نه ٿي ڪري سگهي اُها سرڪار نڪمي آهي. روٽي

به دني هئا جي ٻاهر وڃي نه ٿي سگهيا. نوڪري جن جي ڪمائي به اڄ بند هئي اُهي دکي هئا. دکي اُهي به هئا جن جو گهر ٻار ٻئي هنڌ هو ۽ کائڻ لاءِ هوٽلون به بند هيون.

ڪامريڊ ڪشور جهنڊن سان سجايل جيپ ۾ چڙهي نڪتو هڙتال جي ڪاميابي ڏسڻ. يونين جي آفيس ۾ وڃي ساٿين سان وينو. عادت وچان ڪنهن کي کائڻ ۽ چانهه جي انتظام ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو پر سيني اُنهيءَ کي مذاق سمجهي ٽهڪ ڏنا. يونين جي ڪم ڪندڙن کي ڪاڏو به نه مليو هو. هڙتال به مڪمل هئي. ڪم به ڪو نه هو. سڀ خفي ٿي پيا. سيني جلد گهر وڃي، کائڻ جو خيال ڪيو. ڪشور به سمجهيو ته اڄ پهريون دفعو جلدي وڃي پنهنجيءَ ڌرمپتنيءَ راڻيءَ کي عجب ۾ وجهندو. راڻيءَ سان روح رهاڻ ڪرڻ جو به اهڙو ورلو مو قعو وري ڪو نه ملندو. سڀ ساٿي جيپ ۾ چڙهيا ۽ پنهنجن پنهنجن هنڌن تي لهندا ويا.

جيپ جيئن ڪشور جي بلڊنگ وٽ پهتي ته ماڻهن جو ميڙ بيٺل ڏٺائين ۽ ڌبيل آواز ۾ گنڀير نموني ڳالهائي رهيا هئا. ڪشور کي ڏسي هڪ ٻئي کي اِشارا ڪرڻ لڳا.

ڪشور خوش نوع ۾ پڇيو ’ڇا آهي ڀائي! خير ته آهي؟‘ سڀ شانت هئا. ڪشور وري پڇيو ’ڪهڙي ڳالهه آهي؟ سڀ سک ته آهي؟‘

هڪ ڄڻي همت رکي چيو ’راڻي اِسپتال ۾ آهي ....‘

ڪشور جي خوشي دک ۾ بدلجي ويئي ’هراس ۾ وات ڦاٽي ويس.‘ ڇو؟ .... ڪيئن؟‘

ٻئي ڄڻي چيو ’اسان کي به پوري خبر ڪانهي. راڻي ساهيڙيءَ وٽ ٿي ويئي ۽ موڙ تي ئي حادثو ٿيو آهي. پنيان ايندڙ هڪ موٽر ڊرائيور سمجهيو رستا خالي هوندا سو تيز رفتار سان آيو. ائڪسيڊنٽ جي آواز تي ماڻهو مڙي آيا پر موٽر ڊرائيور اڳ ۾ ئي پريان نڪري ويو هو ۽ تيز ڀڄائي ويو. موٽر هڙتالين جي ٿي لڳي. ڳاڙهن جهنڊن سان سجايل هئي. راڻي ڇڱو وقت رستي تي پيئي هئي.

ڪي اِهو ڄاڻي خوشي ٿيندي تہ هن هڙتال ۾ اسين اڪيلا نہ آهيون. اسان سان ڪئو هزارين ٻيا مزور بہ هڙتال ۾ شريڪ ٿيندا. هڙتال ۾ سڀ بزارون بند رهنديون. دڪان بند رهندا. هوٽلون بند رهنديون، بسيون ۽ ٽئڪسيون بہ رستي تي نہ اينديون. مڪمل ڪاميابيءَ لاءِ هن دفعي سڀ اِسپتالون بہ بند رهنديون. ڪو بہ ڊاڪٽر دواخانو نہ کوليندو. کير ۽ اخبارون بہ ڪنهن کي ڪو نہ ملنديون. هن جهڙي ڪامياب مڪمل هڙتال هن کان اڳ ڪڏهن نہ ٿي آهي، اَهڙي خاطري اَٿم.'

(زوردار تاڙين جي ٺهڪن سان اعلان جي آجيان ڪئي ويئي.) اَهڙي بي مثال ڪاميابيءَ تي ڪامريڊ ڪشور جون اکيون آليون ٿي ويون. رومال ڪڍي اکيون اُگهيائين جي سيني ڏنيون. ڪجهہ دير کان پوءِ آواز کي ٺيڪ ڪندي شروع ڪيائين،

'خوشيءَ وچان منهنجو آواز ئي نہ ٿو نڪري. چڱو ساٿيو! توهان جي ڪاميابيءَ لاءِ شڀ اِڇائون. توهان جي ايڪتا کي منهنجا وار وار لال سلام ....'

وري زوردار تاڙيون ۽ ڪنن کي ٻوڙو ڪندڙ نعرا شروع ٿي ويا.

شهر ۾ مڪمل هڙتال هئي. ڪا بہ چرپر ڏسڻ ۾ نہ ٿي آئي. پوليس جي لاري يا جيپ ٿي ڪڏهن لنگهي يا مزدورن جي اَڳوانن جي جيپ ٻاڙهن جهنڊن سان سڄايل ٿي لنگهي. مزدورن جي لارين مان نعرا ٿي ٻڌڻ ۾ آيا ۽ وري سناٽو ڇانئجي ٿي ويو. رستي تي آمدرفت نہ هئڻ ڪري رستن تي ٻارن رانديون پئي ڪيون. بنا خوف جي ٻارن کي راند ڪرڻ جو موقعو ورلي ملندو آهي. اسڪول ۽ ڪاليج بہ بند هئا. ٻار تو ڙي وڏا خوش هئا نہ هڪ وڏيڪ موڪل ملي اَٿن ڪنهن جي بہ منهن تي ڏک جا آثار ڪو نہ هئا. سڀ خوش هئا ڄڻ نہ آزاديءَ جي جشن ۾ شريڪ ٿي رهيا هئا. چند هوندي بيمارن کي جن کي دوا نہ ملي سگهي. اُهي نوڪي

هڪ جڻي ڪشور کي ڏونڏاڙيندي چيو ’جلد اسپتال هلڻ جو بندوبست ڪر. رڪ مالڪ تي سڀ سڻائي ٿيندي.

’ها، هاڻي تہ صرف هن جو ئي آسرو آهي.‘ چئي ڪشور يونين جي جيپ ۾ ويٺو. ساڻس ٻہ ٽي پاڙيسري بہ اسپتال ويا.

اِسپتال ۾ ڪشور جي پهچندي ئي هڪ ڊاڪٽر کيس سچاتو ۽ چيائين ’سخت افسوس آهي تہ توهان جي زال ۽ ٻار کي بچائي نہ سگهياسين. ٿي سگهي ٿو تہ علاج ۾ دير ٿي انهيءَ ڪري اِهو نتيجو نڪتو. گهڻي خون وهڻ جي ڪري کيس جلدي خون بہ چاڙهي نہ سگهياسين. جلد ايڪس ري بہ نہ نڪتي ڇو جو سڀ اسٽرائيڪ تي آهن. مونکي جڏهن جاچڻ لاءِ گهرايو ويو تہ اُنهيءَ کان اڳ ئي سڀ ختم ٿي چڪو هو.‘

ڪشور جي پتنيءَ جي دکدائڪ موت جي خبر وڄ وانگر ڦهلجي ويئي. هر روز اعزاپرسيءَ ۽ همدرديءَ لاءِ ماڻهن جا ميڙ ڪشور وٽ ايندا هئا. سڀ ڪم پوري ٿي ويڃڻ کانپوءِ جڏهن ڪشور آفيس ويو تہ اُنهيءَ ڏينهن شام جو سندس پتنيءَ جي موت تي شوڪ سڀا جو بندوبست ڪيو ويو.

شوڪ سڀا ۾ جام ماڻهو آيا. ننڍي ۾ ننڍيءَ هستيءَ کان وٺي وڏي ۾ وڏي عملدار تائين گهڻو ڪري سڀ موجود هئا. هر تقرير ڪندڙ سر ٻُواسڻ راڻيءَ جي ساراهہ پئي ڪئي. سندس قربانين جو قدر پئي ڪيو. ڪشور جي اکين ۾ آنسون هئا، جي هن گهڙيءَ گهڙيءَ رومال سان پئي اُگهيا. ايترا گڻ جن جو بيان ورنن پئي ڪيو سچ پچ ڪشور اُنهن سڀني کان اڻڄاڻ هو هيل تائين. اِهي جاڻي اُنهن جي قدر ڪرڻ جو موقعو هاڻي کيس ڪڏهن بہ نہ ملندو. آخر ۾ ڪشور اُداس چهري سان ڪجهہ لفظ چوڻ لاءِ اُٿيو.

’منهنجا شبھ چنتڪ ڀائرو،

منهنجي دک ۾ شريڪ ٿي توهان منهنجو دک گهٽايو آهي. راڻيءَ جي جيڪا ساراهہ مون ٻڌي اُنهيءَ لاءِ توهانجي مهرباني.

مان اڄ هتي هڪ اَهم اعلان ٿو ڪريان تہ اڄ ڏينهن کان وٺي مان

تئين جڏهن چيو ’پاسي ۾ بنگلي واري سيٺ پنهنجي موٽر ڪڍي راڻيءَ کي اسپتال کڻي ويو. پر اڌ رستي تي موٽر تي پٿر بازي ٿي. موٽر ته ڇڙهجي ويئي پر سيٺ به سخت زخمي ٿي پيو. پوءِ اسان پوليس جي جيپ جو بندوبست ڪرائي راڻيءَ کي اسپتال کڻائي وياسين. اُتي به ڊاڪٽر ڪجهه به ڪري نه سگهيا. اسپتال جا سڀ ڪم ڪندڙ به هڙتال تي هئا. اُتي به منجهي پياسين ته ڪيئن ايڪس ري نڪرندي ۽ ڪيئن ڪيس خون ۽ گلوڪوس جون بوتلون ملنديون!‘

ڪشور جي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي. مٿو چڪرائڻ لڳس. اکين اڳيان اونداهيءَ جا ڊيڄاريندڙ ڪارا بادل گهيري ويس. خيال اُڇڻ لڳس. ’ستن سالن ۾ مون ڪڏهن راڻيءَ کي چڱو وقت نه ڏنو. موڪل جي ڏينهن به يونين جي ڪم ۾ غلطان رهندو هوس. راڻي پهرئين ڀار جي ماءُ ٿيڻ واري هئي. ائين ته ڪو نه ٿيندو جو راڻيءَ جو ساٿ ٽٽي پوي ۽ معافي به نه وٺي سگهان.‘ اهڙن خوفناڪ خيالن کان به ڊڄي پيو. بنگلي وارو سيٺ جنهن کي ڪشور ڌڪاريندو هو، اُهو ئي راڻيءَ کي اسپتال کڻائي ويو. پاڻ زخمي ٿيو ۽ سندس موٽر به ڀڄايائين. سو به اِهو ڄاڻندي ته مان شاهوڪارن کي ڌڪاريندو آهيان ۽ هميشه گاريون ڏيندو آهيان. ڇا راڻيءَ اِها نيڪ اڳڪٿي ڪئي هئي ته يونين اسان کي به هڪ ٻئي کان وڇوڙيندي. ڇا اِهو سچ ٿيندو؟ مان يونين جي ڪم ۾ هئس. يونين جي موٽر سان راڻيءَ جو ائڪسيڊنٽ ٿيو. يونين جي ڪري ئي راڻيءَ جو علاج نه ٿيو. جنهن يونين جي ڪم ۾ مون دل ۽ جان ڏني، اُنهيءَ ئي يونين جو ڪم منهنجيءَ بربادي‌ءَ جو ڪارڻ بڻبو؟ پهرين ۾ مون برابر ڪڏهن وسواس نه رکيو پر هاڻي صرف هن ۾ ئي آسرو اٿم ته راڻيءَ کي ڪيئن به ڪري بچائي ۽ منهنجو پهريون ٻار سلامت رهي.‘

اهڙا خيال ڪشور جي دماغ ۾ تيز رفتار سان ڦرڪڻيءَ وانگر اچي غائب ٿيندا ٿي ويا ۽ وري ڀيانڪ روپ ۾ ظاهر ٿي ٿيا. ڪشور کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پيو اچي. ڪيس ڪا به سمڪ نه رهي ته ڪٿي آهي، ڪهڙيءَ حالت ۾ آهي ۽ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي.

يونين جي ڪنهن به ڪم ۾ بهرو نه وٺندس. مان پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيان. هيل تائين مون پنهنجيءَ زبان مان نفرت ۽ باهه پئي اوڳاڙي آهي. اڄ کان وٺي مان شانت رهندس. ٿي سگهيو ته پيار جو پرچار ڪندس. اسان کي ڪو به ويڇو رکڻ نه گهرجي. ويڇو هوندي به هڪ ٻئي سان ساز ۽ سلوڪ ۾ رهڻ گهرجي. هر دک جي لاءِ هرڪو پاڻ جوابدار آهي. سنيءَ ۽ نيڪ دل وارو شاهوڪار بهتر آهي اُنهن جي پيٽ ۾، جي سونهري سپنا ڏيکارين ٿا پر اُتي ئي بيهاري ٿا ڇڏين. اُهي شاهوڪار جي ڪارخانا ٿا کولين ۽ روزگار ٿا ڏين سي حقيقت ۾ غريبيءَ کي به سهڻ لائق ٿا بڻائين ۽ بکئي پيٽ ۾ کاڌو ٿا رسائين. توهان سمجهندا ته مان بدلجي چڪو آهيان. حقيقت اِها آهي ته ملڪ کي ٻاهريان دشمن ايترو نقصان نه ٿا رسائين جيترو ڪِ پئداور يا پئداش روڪيندڙ يا گهٽائيندڙ. توهان چوندا. ’مان مڪار آهيان مان دغاباز آهيان!! مان رشوتخور ڪتو آهيان!!!‘ مان اِهي سڀ اِلزام مڃي ڪري ٻڌندس ڇاڪاڻ ته گذريل ٽورن ڏينهن کان اِنهيءَ ڳاڙهي جهنڊي ۾ مونکي پنهنجي ڏرمپٽنيءَ ۽ ٻار جو ڇميل خون ٿو نظر اَچي ....‘

اَڪيون اُگهندي ڪشور منچ تان هيٺ لٿو. سڀ عجب ۾ هئا ته ڪشور هڪ دفعو به ’ڪامريڊ‘ اَکر ڪتب نه آندو! سيني جون وايون بتال ٿي ويئون ڪنهن به تاڙي نه وڄائي. ميڙ ۾ هڪ ڄڻي سُس پُس ڪري ٻئي کان پڇيو ’هن کي ڇا ٿيو آهي؟ ڏينهن اڳ ته بلڪل ٺيڪ هو.‘

هڪ وڏيڪ ’غدار‘ ۽ هڪ وڏيڪ ’شاهوڪارن جو پالتو ڪتو‘ وڌيو!



پدن چيتنداس شرما

جنم : ٢٠ جولاءِ ١٩٣٢

تعليم : ڪتيانا ۽ کي. جي. کلناڻي هاءِ اسڪول بوري بندر، بمبئي.
بي. اي. جئه هند ڪاليج، بمبئي.
ايم. اي. بمبئي يونيورسٽي، بمبئي.
ايل. ايل. بي. کي. سي. لا. ڪاليج، بمبئي.

پيشو : رزرو بئنڪ مان اسسٽنٽ جنرل مئنيجر جي عهدي تان رٽائر ڪيل.

حاصلاتون ۽ انعام :

- اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ تائين تقرير چٽاڀيٽين ۾ انعام کٽيل.
- کي. سي. لا. ڪاليج ۾ سال جي بهترين شاگرد طور روٽري انعام کٽيل.
- هندي ۽ سنڌي ڊرامن ۾ اداڪاري ڪيل.
- بمبئي بئنڪن جي ڊراما چٽاڀيٽيءَ ۾ اداڪاريءَ لاءِ انعام کٽيل.
- آڪاشوائي بمبئيءَ تان سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون پڙهندڙ.
- سنڌو سماچار ۽ هندواسي بمبئيءَ جي مخزنن ۾ ڪهاڻيون شايع ڪيل.